# سنڌي ٻولي
## تحقيقي جرنل


ايڪيهين صديءَ جو
جلد چوٿون۔ شمارو ٽيون ۽ چوٿون
جولاءِ ۔ ڊسمبر 2011


چيف ايڊيٽر
**ڊاڪٽر فهميده حسين**

ايڊيٽر
**تاج جويو**


**سنڌي لئنگئيج اٿارٽي،**
**حيدرآباد، سنڌ**


# سنڌي ٻولي
## تحقيقي جرنل


چيف ايڊيٽر: ڊاڪٽر فهميده حسين
ايڊيٽر: تاج جويو
ڪمپوزنگ: حسين احمد ميمڻ
گرافڪس: اسدالله ڀٽو
جلد: چوٿون
شمارو: ٽيون ۽ چوٿون، جولاءِ- ڊسمبر 2011ع
ڇپائيندڙ: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ.
ڇپيندڙ: پاڪيزه پرنٽرس، حيدرآباد، سنڌ
ملهه: 70 روپيا

ISSN: 968_8194_01_0



ايڊيٽوريل بورڊ:
محمد ابراهيم جويو
ڊاڪٽر غلام علي الانا
نورالهديٰ شاهه

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ❋ پنهنجي پاران | چيف ايڊيٽر | 05 |
| ❋ سنڌي ٻولي: ان جو ماضي، حال ۽ مستقبل | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | 07 |
| ❋ ٻوليءَ ۽ ادب جي موضوع تي ٿيسز ڪيئن لکجي؟ | ڊاڪٽر فهميده حسين | 30 |
| ❋ سنڌي صورتخطيءَ ۾ لفظن جي مرڪّب صورت وارو معاملو | الطاف جوکيو | 48 |
| ❋ سنڌ جا اوائلي شاگرد | موتيرام ايس رامواڻي | 89 |
| ❋ شاهه ۽ سنڌورڪي | چيتن ماڙيوالا | 95 |
| ❋ سنڌ، سنڌي، سمنڊ ۽ سُميري | محمد حسين ڪاشف | 117 |
| ❋ سنڌ جا ڳاهه ۽ انهن جا سنڌيءَ ۾ نالا: هڪ جائزو | جيئل اوڌ | 142 |


## پنهنجي پاران

“سنڌي ٻولي” تحقيقي جرنل جو هي هن سال (2011ع) جو آخري پرچو آهي ۽ مون کي خوشي آهي ته اڳوڻن ٽن سالن جيان هن سال به اسان سال جا پرچا پابنديءَ سان شايع ڪري سگهياسين ۽ انهن ۾ شامل مواد جي موضوعن ۽ معيار جي ڏس ۾ به سنڌ جي عالمن، اديبن ۽ عام پڙهندڙن طرفان اسان کي تمام گهڻا همٿائيندڙ رايا ۽ مشورا مليا، جن يقيناً اسان جي حوصله افزائي ڪئي آهي.

هڪ شڪايت يا تڪليف جو البت اظهار ڪرڻ چاهيان ٿي، سا اها ته هن جرنل کي سنڌي ٻولي ۽ لسانيات جي موضوعن لاءِ وقف ڪرڻ چاهيندي به ان ۾ ان ڪري سئو سيڪڙو ڪاميابي حاصل ڪري نه سگهيا آهيون، ڇاڪاڻ جو انهن موضوعن تي اسان وٽ نون لکڻ وارن جي جهڙوڪر اڻهوند آهي، ايڪڙ ٻيڪڙ نوجوانن ۾ انهن موضوعن ڏانهن لاڙو ڏسجي ٿو پر الائجي ڇو هو انهن موضوعن بابت لکڻ ڏانهن راغب نٿا ٿين. هي جيئن ته تمام سنجيده، محنت طلب ۽ تحقيق جا موضوع آهن، ان ڪري انهن کي لکڻ لاءِ گهرو مطالعو، تجزياتي سوچ ۽ تحقيق لاءِ ضروري تربيت جهڙا عنصر گهرجن ٿا، جيڪي ڳالهيون اسان جي يونيورسٽين ۾ ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي ڪندڙ شاگردن ۽ استادن ۾ هئڻ گهرجن ۽ اهي ئي ان ڏس ۾ اڳڀرائي ڪري سگهن ٿا. آءٌ اميد ٿي ڪريان ته سنڌ جي ٽنهي پبلڪ يونيورسٽين جي سنڌي شعبن جا استاد ۽ شاگرد، ان طرف ڌيان ڏيندا ۽ ٻوليءَ سان لاڳاپيل موضوعن تي اسان کي پنهنجا ليک ڏياري موڪليندا ته جيئن اسين سنڌي ٻوليءَ بابت مختلف موضوعن تي بحث جو رواج وجهي سگهون.

اهڙيءَ ڪوٺ کي پورو ڪرڻ ۽ اهڙا بحث شروع ڪرائڻ جي مقصد سان هن پرچي لاءِ خاص طور مون هڪ مضمون تيار ڪيو هو جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ۾ مرڪب لفظن کي ڳنڍي لکڻ يا ڌار ڌار لکڻ بابت مختلف ڪتابن، اڳوڻن استادن ۽ سائين محمد ابراهيم جويي کان رهنمائي وٺي، اهڙن

لفظن کي گڏ يا ڌار لکڻ جا جواز ۽ سبب ڄاڻائي، گرامر ۽ صورتخطيءَ جي اصولن موجب هڪ فهرست تيار ڪري ڏني هئي ته جيئن نه صرف شاگردن، پر عام لکندڙن، صحافين، اديبن، شاعرن وغيره کي اها مهيا ڪري ڏجي ته آئيندي ان مان رهنمائي حاصل ڪن. پر اتفاق سان ان ئي موضوع تي هڪ تحقيقي مقالو محترم الطاف جوکيي جو اچي ويو ته مون اهو پنهنجو مضمون رکي ڇڏيو ته پلي هڪڙو مؤقف اچي ته ان ڏس ۾ بحث جي ابتدا ٿئي، پوءِ ڪنهن مرحلي تي اَءُ به اهو مضمون ڇپرائي ڇڏيندس.... سو منهنجي گذارش ان موضوع سان دلچسپي رکندڙن کي اهائي آهي ته مهرباني ڪري اهي به پنهنجي راءِ جو اظهار ڪن ۽ گرامر ۽ صورتخطيءَ جي اصولن موجب بحث ڪري ان مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ مدد ڪن. جيڪو 1905ع کان هلندو اچي، جنهن تي عالمن جون ڪميٽيون ڪم ڪنديون آيون آهن ۽ ڪيترن ئي عالمن ان بابت غور ڪيو ۽ لکيو آهي، جن ۾ نارائڻداس جڳنناٿ وئديه، مرزا قليچ بيگ، پيرومل مهرچند آڏواڻي ڊاڪٽر دائودپوٽو، ڄيٺمل پرسرام، ڪشنچند بيوس، علي نواز جتوئي، ابراهيم جويو، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ مرليڌر جيٽليءَ جهڙا مخلص ۽ ماهر ماڻهو شامل رهيا.... پر اڃا به ڪي مسئلا آڏو اچن ٿا، جيئن مرڪب لفظن جي صورتخطي. نه صرف اهو پر اهڙا ٻيا ڪيترائي حل طلب مسئلا ۽ معاملا پڻ اهڙيءَ ريت حل ڪري سگهجن ٿا.

هن پرچي جي پريس ۾ وڃڻ کان صرف چند ڏينهن اڳ سنڌي ٻولي (۽ ٻين صوبائي ٻولين جي) قومي ٻولي بڻائڻ لاءِ قومي اسيمبليءَ جي اسٽئنڊنگ ڪميٽيءَ ۾ پيش ڪيل بل کي قانون جي وزارت ڏانهن راءِ ڏيڻ لاءِ اُماڻيو ويو آهي. اسان کي اميد آهي ته ان ڏس ۾ به ڪا مثبت پيش رفت ٿيندي ۽ سنڌ وارن جي ديرينه خواهش پوري ٿيندي. اميد تي دنيا قائم آهي.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

چيف ايڊيٽر

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# سنڌي ٻولي ـ ان جو ماضي، حال ۽ مستقبل

قرآن حڪيم ۾، انسان جي پيدائش ۽ انسان کي “بيان” جي قوت جو عطا ٿيڻ (خلق الانسان و علمه البيان) اهي ٻئي قدرت جا احسان، بلڪ فطرت جا معجزا، قرار ڏنا ويا آهن. انسان جي پيدائش جي اها هڪ فطري تقاضا آهي ته ڪيس پنهنجي خيالن جي بيان ڪرڻ جي قوت هجي- يعني ته انسان کي ٻيءَ مخلوق جي ڀيٽ ۾ اهڙي هڪ مخصوص ٻولي هجي، جنهن ۾ هو مسلسل طور پنهنجي اندروني جذبات، احساسات ۽ خيالات کي بيان ڪري سگهي. مطلب ته انسانذات جي هر گروه جي ٻولي، ۽ ان ۾ خيالات جو اظهار ڪرڻ- اهي ٻئي هر گروه جا پيدائشي حق آهن. انسانذات جي مختلف گروهن جي مختلف ٻولين جو وجود، ۽ انهن جي ساخت ۽ سٽا، فطرت جو هڪ ايڏو وڏو معجزو آهي، جنهن تي “لسانيات” جا ماهر جيئن جيئن ٿا وڌيڪ ويچار ڪن، تيئن تيئن ٿا واه واه ڪن. فطرت جي سوانح نگار ۽ انسانيت جي علم بردار جلال الدين “رومي” فطرت جي هن معجزي کان متاثر ٿي چيو ته:

“هر ڪسي را اصطلاحي داد ايم
هر ڪسي را سِيرتي بنهاد ايم
هنديان را اصطلاح هند مدح
سنديان را اصطلاح سند مدح”

(يعني ته هر ڪنهن کي پنهنجي جدا ٻولي مليل آهي، ۽ هر ڪنهن جي هڪ جدا طرز زندگي آهي: هند وارن کي هند جي ٻولي جڳائي ۽ سنڌ واري کي سنڌ جي ٻولي سُونهي) مطلب ته هر قوم کي پنهنجي هڪ نرالي

ٻولي آهي، ۽ هڪ نرالو تمدن آهي؛ ۽ جيئن تہ اهي خصوصيتون قانون فطرت جي عين مطابق آهن، انهيءَ ڪري انهن جو احترام بہ لازمي آهي.

اوائلي مسلمانن، جن قرآن ڪريم جي حڪمت کي سمجهيو هو، تن انسانذات جي تاريخ ۾ پهريون دفعو علمي طور هن قانون فطرت جو پورو پورو احترام ڪيو. پهرين ٽن هجري صدين ۾، مسلمانن ايشيا ۽ آفريڪا کنڊ جي وڏن ڀاڱن کي فتح ڪيو؛ مگر فاتحن جي حيثيت ۾ بہ هو جتي ويا، اُتي مڪاني ماڻهن جي ٻولي، علم ادب ۽ تمدن جو احترام ڪيائون؛ حتيٰ الوسيع انهن جو غور سان مطالعو ڪيائون؛ انهن جي خوبين کي ساراهيائون؛ بلڪ انهن خوبين کي پنهنجي تمدن جو جز بنايائون- ڇاڪاڻ تہ کين سبق مليل هو تہ هر خوبي ۽ چڱائي جڻ مومن جي هڪ وڃايل وَٿ آهي، جنهن کي هو جتي ڏسي، اُتي پنهنجو ڪري سمجهي (الحكمة ضالة المومن). جڏهن ايران فتح ٿيو، تڏهن باوجود عرب ۽ عجم جي قديم رقابت جي، پارسي ٻوليءَ جو نئين سِر مطالعو ڪيو ويو: قديم پارسيءَ جي ڪتابن جا ترجما ڪرايا ويا، ۽ پارسي تمدن کي فروغ ڏنو ويو- ايتريقدر، جو اُهو آخرڪار، بغداد جي عباسي درٻار جو تمدن بنجي ويو. خير، ايران تہ ان وقت هڪ وڏو ملڪ ۽ وڏي شهنشاهت هئي؛ پر جڏهن انهن اوائلي مسلمانن سنڌ کي فتح ڪيو، تڏهن اسلامي روايات موجب سنڌي ٻولي ۽ سنڌي تمدن کي نئين سر زنده ڪيائون. سنڌي ٻوليءَ جي شعر ۽ ادب کي فروغ ڏنائون- ايتريقدر، جو هڪ سنڌي شاعر هتان بغداد ويو، ۽ هارون الرشيد جي برمڪي وزيرن جي درٻار ۾، پنهنجو سنڌي ٻوليءَ ۾ ناهيل بينظير قصيدو پڙهيائين، ۽ اتي داد حاصل ڪيائين. سنڌيءَ مان عربيءَ ۾، ۽ عربيءَ مان سنڌيءَ ۾ ڪتاب ترجمو ٿيا. هڪ روايت موجب قرآن شريف جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيو، ۽ غالباً دنيا ۾ قرآن شريف جو اهو پهريون ترجمو هو، جو اڃا ڪنهن بہ ٻيءَ ٻوليءَ ۾ نہ ٿيو هو. عرب هت هاري بنجي ٻنيون ڪيڙڻ لڳا، ۽ هن ملڪ کي پنهنجو ڪري سمجهيائون، ۽ ان جي تعريف ۾ قصيدا چيائون.

عربن سنڌي تمدن جي هر شعبي کي پروڙڻ جي ڪوشش ڪئي، تان جو سنڌي طعامن جي ترڪيبن کي بہ سمجهي، انهن کي پچايائون، ۽ پنهنجو ڪيائون.

سنڌي "ڀَت" بغداد ۾ "بهة" جي نالي سان عام ٿي ويو. سنڌ جو "ليمائي پُلاءُ" ۽ ٻيو هڪ خاص پلاءُ، جو مُهلبي خاندان وارن سنڌ جي عرب گورنرن جي پويان "مهلبي پلاءُ" جي نالي سان مشهور ٿيو- اهي ٻئي پلاءَ عباسي دارالسلطنت جي دسترخوانن جا خاص طعام بنجي ويا هئا. سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن، ۽ علمن جو عالمانہ مطالعو ڪيو ويو، جنهن جو قدري ذڪر ابن نديم جي مشهور "ڪتاب الفهرست" ۾ موجود آهي. سنڌي ٻوليءَ جي نحو، صرف ۽ جملي جي ترڪيبن ۾ جي خال هئا، تن کي عربيءَ جي مدد سان ڀري، سنڌي ٻوليءَ کي هڪ مستقل علمي ۽ لغوي منزل تي پهچايو ويو. مطلب تہ عمداً ۽ ارادتاً، سنڌيءَ کي انهيءَ درجي تي پهچايو ويو، جو سنڌيءَ ٻوليءَ جو ترازو بہ عربيءَ سان گڏوگڏ ٿُري بيٺو. چوٿين صديءَ جي هڪ کان زياده عرب عالمن ۽ محققن جون شهادتون موجود آهن، جن ۾ سنڌي ۽ عربي ٻنهي کي، بنا ڪنهن فوقيت يا تفاوت جي، سنڌ جون ٻہ مکيہ رائج ۽ تسليم ٿيل ٻوليون بيان ڪيو ويو آهي.

انسانذات جي مختلف گروهن جي ٻولين، ريتن ۽ رسمن، علمن ۽ هنرن جو احترام ڪرڻ، ۽ انهن جو پوريءَ طرح مطالعو ڪرڻ، انهن کي همٿائڻ ۽ ترقي ڏيارڻ، اسلامي تهذيب ۽ اسلامي روايات جو هڪ مکيہ ورثو آهي. محقق ابو ريحان البيروني (973_1048ع) جي علمي تحقيق ۽ سندس تصنيفون انهيءَ روايات تي پڌرا شاهد آهن. دنيا جي تاريخ ۾ هو پهريون محقق هو، جنهن خاص انهيءَ مقصد سان هندستان جو سفر اختيار ڪيو تہ هندن جي ادب ۽ تمدن، ريتن ۽ رسمن، ۽ سندن علوم ۽ فنون جو مطالعو ڪري؛ ڇاڪاڻ تہ هر قوم جو تمدن ۽ تهذيب- پوءِ خواهہ ان جو کهڙو بہ

مذهب هجي- انسانذات جو سرمايو آهي، جنهن کي سمجهڻ ۽ محفوظ ڪرڻ، هڪ صحيح علمي ۽ انساني خدمت آهي.

محقق بيرونيءَ، هندي قوم جي تهذيب ۽ تمدن جو روح پنهنجي مشهور تصنيف ”ڪتاب الهند“ ۾ پيش ڪيو آهي، جو ”علم الانسان“ (Anthropology) جو هڪ بنيادي ڪتاب آهي، ۽ اڄ ڏينهن تائين باوجود علمي ترقيءَ جي، ان جهڙو ڪتاب ڪنهن بہ ٻئي محقق پيش نہ ڪيو آهي. اهو ڪتاب محقق بيرونيءَ تقريباً 1030ع ڌاري لکيو، ۽ اهو ڪتاب ٻين قومن جي ٻوليءَ ۽ تمدن جي عزت ۽ احترام واري اسلامي روايات جو هڪ سهڻو مثال آهي.

نهايت ئي تعجب جي ڳالهہ آهي تہ محقق بيرونيءَ ”ڪتاب الهند“ ۾، سنسڪرت لفظن ۽ اصطلاحن کان سواءِ ٻيا جيڪي عام رائج مڪاني نالا ۽ محاورا استعمال ڪيا آهن، سي سنڌي ٻوليءَ سان تعلق رکن ٿا.* جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ يارهين صدي عيسويءَ ۽ پنجين صدي هجريءَ جي شروع ۾، سنڌي ٻوليءَ جا اثرات راجپوتانا، پنجاب ۽ سرحد تائين پکڙيل هئا. اهو عربي حڪومت جو بالڪل آخري دؤر هو. مگر جيئن تہ سنڌ جي عربي حڪومت جو سياسي اثر انهن ايراضين تائين موجود هو انهيءَ ڪري سنڌي ٻولي- جنهن کي عرب اسلامي حڪومت، عربيءَ سان گڏوگڏ پوريءَ طرح همٿايو- ۽ ان جو اثر بہ انهن ايراضين تائين پهچي ويو.

مطلب تہ ٻولي، علم، ادب ۽ تمدن بابت اسلامي روايات ۽ تاريخ مان ثابت آهي، تہ باوجود قومي يا مذهبي اختلاف ۽ سياسي تسلط جي، اوائلي مسلمان عالمن خواهہ حاڪمن، هر قوم جي ٻولي، ۽ ان جي علم ادب ۽ تمدن جي خوبين کي چمڪائڻ لاءِ، انهن جو مطالعو ڪيو ۽ انهن کي پوريءَ طرح همٿايو. ايراني ۽ ترڪي زبانن کي مسلمانن ئي جيئرو ڪري اوج تي پهچايو. ۽ سنڌي انهن زبانن جي پيٽ ۾ جيتوڻيڪ ٿوري آدمشماريءَ جي زبان هئي، مگر قرآني تعليم جي زير اثر، انهن اوائلي مسلمانن سنڌي ٻوليءَ کي بہ محبت ۽ مساوات جي جذبي سان عروج تي پهچايو.

ٻولين بابت اسلامي تاريخ ۽ اسلامي روايات جي هن مختصر وضاحت بعد، موجوده يورپي تمدن ۽ تاريخ جي روشنيءَ ۾ بہ ٻولين جي مسئلي کي سمجهڻ ضروري آهي. يورپي قومن جي پنهنجي بنيادي سماجن توڙي سندن اختيار ڪيل مذهب ۾ علم، فڪر، تحقيق ۽ مساوات جا تخيل ناپيد هئا. اهي قومون چوڏهين صدي عيسويءَ ڌاري، قدري سجاڳ ٿيون. مساوات جو نالو پهريون دفعو ارڙهين صديءَ جي آخر ۾، فرانسي انقلاب (1789ع) بعد ٻڌائون.

جيئن تہ بحيثيت قومن جي، وٽن انصاف، احسان ۽ مساوات جا نظريا ناپيد هئا، ۽ سڄي راند طاقت جي هئي، انهيءَ ڪري جنهن قوم جي سياسي آزادي ختم هئي، اُن جي ٻولي ۽ تمدن جي ڪشمڪش، لڳاتار جهيڙن ۽ جنگين، فسادن ۽ خونريزين جي تلخ تجربي بعد، يورپي قومن بہ آخر اهو سبق سکيو تہ جيئن قومن کي گهٽي وقت تائين غلام نٿو رکي سگهجي، تيئن ملڪ جي اندر ڪنهن ٻوليءَ کي بہ فنا نٿو ڪري سگهجي. هر ملڪ اندر ملڪي قوم جي مختلف گروهن، پنهنجن ٻولين کي تسليم ڪرائڻ لاءِ جدوجهد ڪري، آئيني طور پنهنجي ٻولين کي تسليم ڪرايو. ٻئي طرف يورپي قومن علمي طور ٻولين جي اهميت محسوس ڪئي. ”علم الانسان“ جي دائري ۾ ”ڪلچر“ (تمدن) جي تخيل ۽ تحليل ۽ ”لسانيات“ جي مطالعي، توڙي ”عِلم اللغة“ جي تحقيق ۽ ترقيءَ ننڍين خواهہ وڏين ٻولين لاءِ هڪ قسم جي عزت پيدا ڪئي.

---

* پروفيسر سخائو (Sachao) ’ڪتاب الهند‘ (عربي متن) کي ايڊٽ ڪيو آهي، ۽ هو پنهنجي مقدمي (ص 25) ۾ بيرونيءَ جي استعمال ڪيل مڪاني لفظن ۽ اصطلاحن متعلق لکي ٿو تہ اهي جنهن ٻوليءَ جا آهن، سا بنسبت ٻين جديد هند- آريائي زبانن جي، سنڌيءَ سان وڌيڪ لاڳاپو رکي ٿي. پروفيسر سخائو اهو گمان انگن جي نالن تان ڪڍيو آهي، جي ”ڪتاب الهند“ ۾ (ص 265) ڏنل آهن. محقق بيروني انهن کي ”برق، بہ، ترهہ“ لکي ٿو يعني تہ ”برک، ٻہ، ٽي“ جي سنڌي نالا آهن. ساڳيءَ طرح ”ڪتاب الهند“ ۾ ڏنل مهينن جا نالا (ص ص 103، 106) ۽ هفتي جي ڏينهن جا نالا (ص 104) بہ غور سان ڏسجن ٿا تہ انهن ۾ بہ سنڌي نالن جو اثر نمايان نظر اچي ٿو.

مطلب ته ڪافي تلخ تجربي بعد، يورپي قومن پنهنجي سياسي شعور ۽ علمي ترقيءَ سان، هر ملڪ اندر ٻولين جي مسئلي کي جنهن طرح حل ڪيو آهي، تنهنجو مختصر خاڪو هيءُ آهي: سئٽزرلئنڊ ۾ چار قومون آباد آهن ته ملڪ جون قومي توڙي سرڪاري زبانون به چار تسليم ڪيون ويون آهن- يعني فرينچ، جرمن، اطالوي ۽ رومانچ، بيلجم ۾ ٻه قومون، 'فليمنگس' ۽ 'ويلولس' آباد آهن، ته ٻنهي جون زبانون قومي ۽ سرڪاري زبانون تسليم ٿيل آهن؛ ڪئناڊا ۾ فرينچ ۽ انگريز قومون آباد آهن، ته فرينچ توڙي انگريزي قومي ۽ سرڪاري زبانون تسليم ٿيل آهن؛ آئرلنڊ ۾ انگريزي توڙي آئرش ٻئي سرڪاري آهن؛ ناروي جي ملڪ ۾ يڪي "نارويجن" قوم آباد آهي، ۽ اصولي طور سڄيءَ قوم جي ٻولي به ساڳي آهي، مگر زماني گذرڻ سان، آهستي آهستي شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي ٻولي ۾ فرق ٿي ويو ۽ "رڪس مال" شهري زبان بنجي وئي ته "لئنڊس مال" ٻهراڙيءَ جي ٻولي. موجوده صورتحال هيءَ آهي ته هن ساڳئي ملڪ جي ساڳي هڪ قوم، پنهنجي ساڳيءَ ٻولي جي ٻنهي محاورن کي قومي ۽ سرڪاري زبانون قرار ڏنو آهي، انهيءَ لاءِ ته ملڪ جي هر باشندي جي تسلي ٿئي ۽ ملڪ جي ماڻهن ۾ ڪابه ريس يا عداوت پيدا نه ٿئي.

يورپ جي انهن قومن کي ڇڏي خود انگريزن جو مثال وٺو- جن جو ڏاڪو اجا تائين هن ملڪ جي ڪمزور دماغن تي ويٺل آهي، جن جي دهشت گهٽڻ جا هِنيان ئي ڏاري ڇڏيا هئا، ۽ جن جي پيرويءَ کي گهڻا ملڪي پائر اجا به ثواب دارين سمجهن ٿا: انگريزي ٻولي اجڪلهه نه صرف انگريزن جي ٻولي آهي، مگر دنيا جي ٻيو يا ٽيون نمبر ٻولي آهي؛ نه صرف اها سائنس ۽ مغربي تهذيب جي هڪ خاص ٻولي آهي، مگر دنيا جي واپار جي به هڪ مکيه زبان آهي. مطلب ته اها ايڏي ته هڪ وسيع ٻولي آهي، جو مختلف ملڪن جا اهي ماڻهو جي صرف ڪنهن ٻوليءَ جي وسعت يا ان جي ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن کان متاثر ٿي، قومي غيرت وڪڻي، انهيءَ ٻوليءَ کي اختيار ڪرڻ لاءِ آماده هجن، ته انگريزي ٻولي انهن مڙني جي درد جي دوا آهي. ڀلا ٻيا ڌاريا ملڪ ته ڇڏيو پر ڪم از ڪم اهو ته منطقي طور مڃيو ويندو ته خود انگريزن جي ملڪ جي ماڻهن لاءِ ته انگريزي هڪ نعمت ۽ غنيمت آهي. انهيءَ ملڪ ۾ جيڪڏهن ڪي ماڻهو انگريزي ٻوليءَ جي بدلي ٻيءَ ڪنهن زبان سان محبت رکن، ته اهي اسان جي نظرن ۾ احمق چئبا، ۽ جي ملڪ جون واڳون انگريزن جي بدلي اسان مسلمانن وٽ هجن، ته خود انگريزن جي ملڪ ۾ انگريزيءَ جي منڪرن کي جيڪر جيئرو نه ڇڏيون. مگر هڪ سڄاڳ قوم جو اهو شيوو نه آهي. انگريزن جي ملڪ ۾، ويلس جي هڪ ضلعي جيتري ايراضي آهي، جنهن کي "ويلش" سڏجي ٿو: اتي جي رهاڪن جي زبان ڪافي آڳاٽي وقت کان "ويلش" هئي. سياسي ۽ علمي تجربي بعد، انگريزن هن ننڍڙي ضلعي جي ننڍڙي ٻوليءَ کي محفوظ ڪرڻ ۽ ترقي ڏيارڻ ضروري سمجهيو. هن وقت انگريزن جي منسٽري آف ايڊيوڪيشن ۾ "ويلش" ٻوليءَ لاءِ هڪ جدا 'ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ' ۽ جدا يونيورسٽي آهي، انهيءَ لاءِ ته هيءَ ٻولي زنده رهي ۽ ترقي ڪري. ويلس جي جملي اسڪولن توڙي ڪاليجن ۾، "ويلش" ٻولي پهريون نمبر مکيه زبان ڪري پڙهائي وڃي ٿي، ۽ خود انگريزيءَ کي اتي ٻئي نمبر ٻوليءَ طرح پڙهايو وڃي ٿو.

زبان متعلق يورپ جي انهيءَ تلخ تاريخي تجربي کان متاثر ٿي، روس جي اندريڪي حڪومت، جا 1917ع واري انقلاب بعد قائم ٿي، ان ساري ملڪ جي سورهن سورهن جدا جدا پاڱن جي ماڻهن جي زبانن کي قومي ۽ سرڪاري زبانون تسليم ڪري، پنهنجي ملڪ اندر ٻولين جي مسئلي کي هميشه لاءِ حل ڪري ڇڏيو. يورپي قومن جڏهن ٻيا ملڪ فتح ڪيا، تڏهن انهن غلام قومن تي حڪومت ڪرڻ ۽ ڪين قبضي ۾ رکڻ جي نيت سان، انهن قومن جي ٻولين ۽ تمدن جو مطالعو ڪيائون، قدري علمي لحاظ سان پڻ انهن ٻولين جي تحقيق ڪيائون. پنهنجي تلخ تاريخي تجربي جي بنا تي،

مڪاني ٻولين جي وجود کي تسليم ڪيائون. اهو ئي سبب آهي جو انگريزن جي اچڻ بعد ئي پاڪ- هند جي هن برصغير جي مڪاني ٻولين ۾ ترقي ۽ تعليم شروع ٿي- انهن ٻولين جي تحقيق لاءِ خود "گورنمينٽ آف انڊيا" هزارها رپيا خرچ ڪيا ۽ گريئرسن (Greirson) جي رهنمائيءَ هيٺ، "هندستان جي ٻولين جو جائزو" (Linguistic Survery of India) نالي تحقيقي نتيجو ڪيترن ئي ضخيم جلدن ۾ شايع ڪيو ويو. جيتوڻيڪ انگريزي زبان سڄي هندستان لاءِ سرڪاري زبان ٺهرائي وئي، مگر هر هڪ صوبي اندر انگريزيءَ سان گڏوگڏ، صوبي جي ٻوليءَ کي پڻ سرڪاري زبان، يعني ته اسڪول، ڪورٽ، اسيمبلي ۽ گورنمينٽ جي رڪارڊ جي زبان قرار ڏنو ويو- پاڪستان جي زبانن مان سنڌي ۽ بنگالي زبانن جو اهو درجو هو.

هن وقت اسان جي آزاد ملڪ پاڪستان- جنهن کي دستور موجب "اسلامي جمهوري رياست" قرار ڏنو ويو آهي- ان ۾ ٻولين جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ، اسان وٽ شاندار اسلامي روايات موجود آهن، جن موجب اسان جي ملڪ جون مڙئي خطي وار ٻوليون، سنڌي، بنگالي، پنجابي، پشتو ۽ بلوچي قابل عزت واحترام آهن؛ ڇاڪاڻ ته اهي مڙيئي ٻوليون قرآني حقيقت ۽ حڪمت "خلق الانسان علمه البيان" جون آئينہ دار آهن. روميءَ جهڙو مفڪر، جو پاڪستان جي شاعر علامہ اقبال جو مرشد آهي، انهيءَ ٻہ ست سؤ ورهيہ اڳ چئي ڇڏيو ته هر گروه کي سندس پنهنجي ٻولي ئي سونهي ٿي؛ ۽ اتفاقاً سنڌين جو ته نالو وٺي چيائين ته "سنديان را اصطلاح سند مدح". روميءَ جي همنوا شاهہ عبداللطيف- جنهن سنڌي زبان کي فڪر ۽ فصاحت جي اوج تي پهچايو، تنهن قرآني حڪمت ۽ حقيقت کي ايتريقدر سمجهيو هو، جو سنڌي ٻوليءَ جي مختلف محاورن کي، پنهنجي ڪلام ذريعي نروار ڪيائين، ۽ انهن مان هڪ خاص محاوري جي اصليت کي تسليم ڪيائين، ۽ "سنڌي ٻولي" جي بدران چيائين ته "ٻيلي جي ٻولي ڪري، پاسي پر پيو"- حالانڪ لسٻيلي جي ٻولي سنڌي زبان جو ٻچو آهي ۽ ٻنهي ۾ محض لهجي ۽ ڪن لفظن جو فرق آهي. مطلب ته قرآني حڪمت ۽ اسلامي روايات جي علمبردارن، هر ٻوليءَ جي عزت ۽ احترام جو سبق سيکاريو آهي؛ ۽ مسلمان حاڪمن هر ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌاري جو مثال قائم ڪيو آهي. انهيءَ نقطء نظر سان پاڪستان جهڙي "اسلامي جمهوريت" واسطي، ٻوليءَ جي مسئلي جو اهو ئي حل آهي، ته هر خطي وار زبان کي قومي ۽ سرڪاري تسليم ڪيو وڃي.

جيڪڏهن اسلامي تاريخ ۽ روايات بدران، يورپي قومن جي تاريخ ۽ تجربي کان سبق پرائڻو آهي، ته انگريزن کان ئي سبق وٺڻ گهرجي، جن پنهنجي ننڍڙي ملڪ جي ننڍڙي ضلعي جي ننڍڙي ٻولي "ويلش" کي ٻہ نہ وساريو آهي، بلڪ اُن لاءِ جداگانہ 'ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ' ۽ 'يونيورسٽيءَ' جون خدمتون وقف ڪيون آهن، ۽ "ويلس' ضلعي ۾ "ويلش" زبان پهريون نمبر ۽ خود انگريزيءَ کي ٻيو نمبر (Second Language) ڪري تسليم ڪيو آهي. ٻيو ته خود انگريز هتي حڪومت ڪري ٻويان مثال ڇڏي ويا آهن. انگريزن جهڙي هڪ ڌاري قوم، جا هن ملڪ جي خطي وار زبانن جي خدمت ڪئي، يا انهن جيڪو زبانن جو سرڪاري درجو رکيو، ڪم از ڪم ان کان پنهنجي قومي "اسلامي جمهوريت" کي گهٽو ڪجهہ وڌيڪ ڪرڻ گهرجي. هڪ آزاد ملڪ جي غيرت جي اها ئي تقاضا آهي. بهرحال، يا اسلامي تاريخ ۽ روايات کي آڏو رکيو وڃي، يا يورپي اقوام جي تاريخ ۽ تجربي مان ڪي حاصل ڪيو وڃي.

مگر افسوس جو اسان پنهنجي قومي ٻولين کي پنهنجي دستور ۾ ئي نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي: محض اڙدو کي سرڪاري زبان تسليم ڪرڻ سان، هن مسئلي جو خاطر خواهہ حل پيش نہ ڪيو ويو آهي. اسان جون اهي ٻوليون ڪم از ڪم هزار سالن کان وٺي، هن سرزمين پاڪستان تي رائج رهيون آهن، تن کي آئيني طور تسليم نہ ڪرڻ تاريخي حقيقت جو انڪار آهي. "مير"، "غالب"، "ذوق" ۽ داغ" دنيا جي ٻين وڏن شاعرن وانگر وڏا شاعر

آهن، مگر وطن جي اعتبار سان هو مستقبل ۾ ڀارت جا شاعر ٿي شمار ٿيندا: اسان لاءِ سندن اهميت فقط ادبي ۽ تاريخي آهي، ۽ بس! پوءِ "غالب" ۽ "ذوق" جي ٻولي کي اهميت ڏيڻ ۽ محبت سان ڏسڻ، مگر شاهه عبداللطيف جي سنڌي ٻولي، چاڪر درڪ جي بلوچي ٻولي، خوشحال خان خٽڪ ۽ بابا عبدالرحمان جي پشتو ٻولي، "غني" ۽ "اقبال" جي ابن ڏاڏن جي ڪشميري ٻولي، ۽ بلا شاهه ۽ وارث شاهه جي پنجابي ٻوليءَ کي آئيني ۽ قانوني طور نظرانداز ڪرڻ ڪم ظرفي ۽ ڪم نظري آهي. فرزندان وطن جي ٻولين کي نظرانداز ڪرڻ واري پاليسي جذبہ وطنيت جي منافي آهي. ظاهر آهي تہ اسان محض پنهنجي ملڪ جي هڪ ڀاڱي يعني مشرقي پاڪستان جي ٻوليءَ کي آئيني طور تسليم ڪيو آهي، مگر ساري مغربي پاڪستان جي قومي ٻولين کي نظرانداز ڪيو آهي.*

هيءُ پاڪستان جو قومي مسئلو آهي، جنهن جو حل بہ آئيني طور ملڪي ۽ مرڪزي نگاهہ کان سوچڻ ضروري آهي- هي مسئلو صرف مغربي پاڪستان يا ان جي ڪنهن خاص ڀاڱي جو نہ آهي. هن مسئلي جي خاطرخواهہ حل لاءِ نہ صرف مغربي پاڪستان جي شهرين بلڪ مشرقي پاڪستان جي ڀائرن کي بہ هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ گهرجي. سنڌي ادبي ڪانفرنس جي صدر جي حيثيت ۾ آءٌ هي پنهنجو فرض سمجهان ٿو تہ هن پليٽفارم تان پاڪستاني شهرين جي هڪ وڏي حصي، يعني سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن جي جذبات جي ترجماني ڪريان، ۽ هن اهم مسئلي بابت سندن نقطہ نظر جي وضاحت ڪريان.

هيءَ هڪ ڪُلي حقيقت آهي، تہ سنڌ جا باشندا، آئيني طور سنڌي ٻوليءَ جي قومي ۽ سرڪاري زبان تسليم نہ ٿيڻ تي نهايت مايوس ٿيا آهن. هنن جمهوري طريقي سان، ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان احتجاج جا آواز اٿاريا آهن: گذريل قريب عرصي ۾، سنڌ ۾ جا بہ سياسي، سماجي يا ادبي ميٽنگ ٿي آهي، تہ ان ۾ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ۽ سرڪاري زبان تسليم ڪرائڻ لاءِ، زوردار لفظن ۾ ٺهراءُ پاس ڪيا ويا آهن. هر مخزن، رسالي ۽ رپورٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ۽ سرڪاري زبان تسليم ڪرڻ تي زور ڏنو ويو آهي. سنڌ جي هر معتبر ۽ مقبول اخبار عوام جي جذبات جي ترجماني ڪندي، هن راءِ جي تائيد ۾ اداريا لکيا آهن. البت سنڌ جي نام نهاد اڳواڻن يعني اسيمبليءَ جي اڪثر ميمبرن، جا خاموشي اختيار ڪئي آهي، سا نهايت ئي افسوسناڪ آهي. درحقيقت اهڙا ماڻهو هڪ جمهوري ملڪ ۾ نمائندگي ڪرڻ جا لائق ٿي نٿا سگهن، ڇاڪاڻ تہ عوام جي نمائندن جو اول ترين فرض آهي، تہ هو "پبلڪ اوپينين" (Public Opinion) يعني عام راءِ کي نظرانداز ڪرڻ نہ صرف صوبائي ۽ مرڪزي حڪومت کي اونداهيءَ ۾ رکڻ جي برابر آهي، بلڪ ملڪ سان غداري ڪرڻ آهي. هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ گذريل ويهن سالن جي تجربي بعد، سنڌ جو عوام هنن "اسيمبلي ميمبرن" کان اڳ ۾ ئي مايوس ٿي چڪو آهي- ويتر جو هنن 'ميمبرن' سنڌي ٻوليءَ جي سوال تي- جو هڪ تمدني مسئلو آهي ۽ نہ سياسي- خاموشي اختيار ڪئي آهي، تنهن سنڌ وارن کي وڏو صدمو پهچايو آهي. درحقيقت هنن ميمبرن نہ صرف سنڌ کي بلڪ پنهنجي اثر ۽ رسوخ کي بہ نقصان پهچايو آهي، جنهن جي تلافي فقط تڏهن ٿي سگهندي، جڏهن اهي ميمبر صاحبان يڪراءِ ۽ زوردار آواز سان، مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾، سنڌي ٻوليءَ کي قانوني طور تسليم ڪرائيڻ ۾ ڪامياب ٿيندا. بهرحال، هتي اسيمبلي ميمبرن جي ڪمزورين سان بحث نہ آهي، بلڪ سنڌ وارن جي عام راءِ جو سوال آهي، جنهن کي نهايت سنجيدگيءَ سان ۽ زوردار نموني ۾، هر پبلڪ پليٽفارم ۽ ممبر تان پيش ڪيو ويو آهي. هن عام جذبي ۽ مطالبي جا بہ مکيہ سبب آهن، جن جي وضاحت ڪرڻ

* ان وقت بنگلاديش، مشرقي پاڪستان هو ۽ ان جي بنگالي ٻوليءَ کي بہ اردوءَ سان گڏ "قومي زبان" تسليم ڪيو ويو هو. (ادارو)

ضروري آهي: هڪ سنڌي زبان جي هر نقطہ نظر کان صلاحيت ۽ اهميت، ۽ ٻيو ڪن ڪم ظرف اختياريءَ وارن جي سنڌي زبان سان بي معنيٰ عداوت.

اهليت ۽ اهميت جي لحاظ کان، سنڌي ٻولي پاڪستان جو بهترين سرمايو آهي. "علم اللغة" جي لحاظ سان سنڌي ٻولي نہ صرف پاڪستان جي قديم ٻولي آهي، بلڪ سڄي پاڪ ـ هند برصغير جي قديم ترين ٻولين مان آهي؛ ڇاڪاڻ تہ ڀارت جي ڪلاسيڪي ٻولي 'سنسڪرت' جي وڏي ڀيڻ آهي. بين الاقوامي لحاظ سان پڻ، پاڪستان سنڌي ٻوليءَ تي فخر ڪري سگهي ٿو، ڇاڪاڻ تہ هڪ تہ دنيا جي قديم آريائي ۽ سامي تمدنن ـ مثلاً مصري، بابلي ۽ عراقي تمدن جي ساٿي "سنڌو تمدن" جي ٻولي آهي، ۽ ٻيو تہ هيءَ دنيا جي واحد زبان آهي، جا تاريخ خواه لغت جي اعتبار کان "آريائي" توڙي "سامي" خوبين جي پيداوار ۽ علمبردار آهي. اسلامي جمهوري رياست جو تہ سنڌي ٻولي چشم وچراغ آهي، ڇاڪاڻ تہ هن ٻوليءَ کي نبي ڪريم ﷺ جي اصحابن* پنهنجي ڪنن سان ٻڌو، تابعين ۽ تبع تابعين* ڳالهايو، ۽ محدثن، راوين، عالمن ۽ سنڌ جي عرب حاڪمن، هن جي خاص پرورش ڪئي. سنڌي ٻوليءَ کي ئي اهو شرف آهي، جو هن ۾ قرآن شريف جو پهريون ترجمو ٿيو، ۽ هن سڄي برصغير ۾ اها اڪيلي ۽ پهرين زبان آهي، جا قديم وقت کان وٺي عربي خط نسخ ۾ لکي وڃي ٿي؛ سنڌي ٻوليءَ ۾ شاهہ لطيف جهڙي اسلامي مفڪر ۽ "روميءَ" جي همنوا شاعر جو ڪلام آهي، جنهن تي هي ملڪ ناز ڪري سگهي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جو ادبي سرمايو بہ ايڏو تہ وسيع ٿي چڪو آهي، جو هن ملڪ جي ٻين ٻولين کي انهيءَ منزل تي پهچڻ ۾ ڪي ورهيہ لڳندا. انهيءَ شاندار پس منظر، مضبوط

---

* سنڌ جي بندرگاهہ ديبل تي، پهرين اسلامي فوج حضرت عمر رضہ جي خلافت ۾ سن 15هہ ۾ وارد ٿي، جنهن ۾ صحابہ ڪرام شامل هئا.

* جيڪي عبيدالله بن بنهان ۽ بُدل بن طهفة جي ديبل تي حملن، ۽ محمد بن قاسم جي آخرين طور سنڌ کي فتح ڪرڻ واري مهم ۾ شامل هئا.

حال ۾ روشن مستقبل جي صورت ۾، سنڌ وارن لاءِ اهو عين فطري آهي تہ هو سنڌي ٻوليءَ سان محبت ڪن، ۽ ان کي قومي ۽ سرڪاري زبان تسليم ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ڪن. البت سنڌ وارن جي هن جذبي ۽ مطالبي جو ٻيو بہ هڪ پهلو آهي، جو ڪن ڪوتاهہ بين ادارن ۽ اختياريءَ وارن جي سنڌي زبان سان بي معنيٰ عداوت جو ردعمل ـ خاص طور ڪراچي واري ايراضيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ سان ڪن غير دوري انديش اختياريءَ وارن جي ڪيل برتاءُ جو نتيجو آهي. هيءَ حقيقت آهي تہ پاڪستان کان اڳ ڪراچي واريءَ ايراضي ۾، سنڌي، اسڪولن، ڪاليجن، ڪورٽن ۽ سرڪاري رڪارڊ جي زبان هئي: جڏهانڪر ڪراچيءَ واري ايراضي مرڪزي حڪومت جي انتظام هيٺ آئي، تڏهانڪر اڙدوءَ کي اڳيرو ڪيو ويو. اڙدو دانن جو اڙدو دان آدمشماريءَ واسي اڙدوءَ کي اڳتي ڪرڻ هڪ فطري امر آهي. مگر هنن نہ صرف اڙدوءَ کي اڳتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سنڌي اسڪولن کي سنڌي ماستر ڏيڻ ۾ تاخير ڪري، انهن تي اڙدو ماسترن مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي؛ ڪراچيءَ جي گردنواح ۾ سنڌي اسڪولن کولڻ ۾ هر قسم جي دير مدار ڪئي وئي؛ سنڌي اسڪولن جي ماسترن لاءِ ڪوبہ ٽريننگ ڪاليج مهيا نہ ڪيو ويو. حالانڪ ٻئي طرف نہ صرف اڙدو ماسترن مگر گجراتي ماسترن لاءِ بہ ٽريننگ جو انتظام ڪيو ويو. مئٽرڪ ۽ ڪاليج جي ڪورسن ۾، سنڌي پڙهڻ ۽ سنڌيءَ ۾ جوابن لکڻ ۾ تڪليفون پيدا ڪيون ويون. ڪراچي ايراضيءَ جي ڪوتاه بين ادارن ۽ ڪامورن، اهي قدم ڪٽي اٽسڌيءَ طرح سنڌ وارن کي نہ صرف اڙدوءَ کان بدظن ڪيو، پر مرڪزي حڪومت جي پاليسيءَ کان بہ مايوس ڪيو. انهيءَ قسم جي غلط پاليسيءَ جي وڏي ۾ وڏي پبلسٽي يا تشهير، مرڪزي حڪومت سان تعلق رکندڙ ريلوي ڪاتي ڪئي! "پاڪستان ريلوي نظام" جي وجود ۾ اچڻ جي شروعات ئي هن طرح ڪئي وئي، جو ريلوي اسٽيشنن جي جڳهين خواهہ نشانبر تختن تان، سنڌي صورتخطي ۾ لکيل اسٽيشنن جا نالائي ميساري ڇڏيا ويا.

ريلوي اختياريءَ وارن هي احمقانه قدم کڻي، نه صرف عام سنڌي مسافرن لاءِ تڪليف پيدا ڪئي، پر ملڪ جي اندروني اتحاد کي به هڪ ڪاري ضرب لڳائي، ۽ خواه مخواه سنڌ وارن جي دلين ۾ نفسياتي طور اڙدو ٻوليءَ توڙي مرڪزي پاليسيءَ (چاڪاڻ ته عوام ريلوي کاتي کي مرڪزي نظام سان وابسته سمجهي ٿو) خلاف هڪ ردعمل پيدا ڪيو. هن بيجا حرڪت لاءِ، عوام جي نمائنده اسيمبليءَ ۾ ريلوي کاتي وارن کان جواب طلب ڪرڻ جي ضرورت هئي، ۽ آهي_ لطف ته وري هيءُ آهي، جو ريلوي اختياري وارن اڳوڻا نستعليق ۾ لکيل اسٽيشنن جا نالا، جي انگريزن جي ڏينهن ۾، مڪاني نالن جي تلفظ جي پوري اپياس بعد لکيا ويا هئا، تن کي ميساري نئين سر وڏن اکرن ۾ اڙدو نالا لکيا آهن، ۽ جيڪي ريلوي اختياريءَ وارن جي جهالت جا پڌرا نشان آهن_ مثلاق "الله ڏنو ساند" نالي کي "ساند" يعني "سانه" بنايو ويو آهي. ان سلسلي ۾ تازو مثال، گورنمينٽ جو هڪ سرڪيولر آهي، جنهن جو ذڪر اخبارن ۾ اچي چڪو آهي. سنڌ، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان جي محض نالن سان به ڪن ڪوتاه بين ڪامورن کي ضد آهي، جنهنڪري سرڪيولر ڪڍي انهن نالن استعمال ڪرڻ جي منع ڪئي وئي آهي. ظاهر آهي ته اها هڪ ٻاراڻي ذهنيت آهي، جا ڪنهن به مدبر آفيسر يا اختياريءَ واري جي شايان شان نه آهي. نالن جو فيصلو جيڪڏهن سرڪيولرن ذريعي ٿئي ها، ته جيڪر 'سکر براج' کي هر ڪوئي 'لائڊ براج' سڏي ها ۽ 'ڪوٽڙي براج' کي سڀڪو 'غلام محمد براج' سڏي ها!

البت ايترو چئي سگهجي ٿو ته اسان جي ملڪ جي ماضيءَ جي بنسبت ان جو حال ذرا زياده اميد افزا آهي. پاڪستان جو موجوده وزيراعظم محمد علي، توڙي مغربي پاڪستان جو چيف منسٽر ڊاڪٽر خان صاحب شخصي طرح وڏاق مدبر ۽ لائق انسان آهن*، ۽ ممڪن اُهي ته اهي سنڌي

* اُن دور ۾ مرڪزي وزيراعظم ۽ صوبائي وزيراعليٰ اهي صاحب هئا. (ادارو)

ٻوليءَ بابت زوردار عام راءِ توڙي مغربي پاڪستان جي ٻولين جي مستقبل کي مدنظر رکي، هن مسئلي لاءِ عنقريب ڪو حل سوچي سگهن. ائين ڪيائون ته اها هن ملڪ جي وڏي خوش بختي چئبي. مگر جي ڪٽي ڪا دير مدار ٿئي، ته به ٻين قومن جي تاريخ توڙي علمي مشاهدي جي بنا تي، بلڪل وثوق سان چئي سگهجي ٿو، ته ملڪ جي قومي زبانن سان ماڻهن جي محبت هڪ فطري امر آهي. انهن قومي زبانن جو اسرڻ هڪ فطري امر آهي ۽ انهيءَ فطري قانون جي اڳيان انهن کي اڄ نه ته سڀاڻي سر جهڪائڻو پوندو.

پاڪستان پنهنجي مختلف ٻولين، ۽ انهن جي ادب جي رنگينين سببان پنهنجي جملي ادبي سرمايي ۽ وسيع تمدن تي ناز ڪري سگهي ٿو. حقيقت ۾ پاڪستان جي هر هڪ قومي ٻوليءَ جي بنيادن کي مضبوط ڪرڻ ۽ ان کي ترقي ڏيارڻ جڻ سڄي پاڪستان جي ادبي ۽ تمدني سرمايي کي وڌائڻ جي برابر آهي. ڪنهن به ٻوليءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ جڻ سڄي ملڪ جي خدمت آهي. انهيءَ ڪري ضروري آهي ته سنڌي ٻوليءَ کي، آئيني طور قومي ۽ سرڪاري ٻولي تسليم ڪرائڻ لاءِ، هر قومي ڪارڪن ۽ قومي اداري کي جدوجهد جاري رکڻ گهرجي. انهيءَ عام آواز اٿارڻ ۽ عام راءِ پيدا ڪرڻ ۾ سنڌ جو هر باشندو، پڙهيل توڙي اڻپڙهيل حصو وٺي سگهي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ کي آئيني ۽ قانوني طور تسليم ڪرائڻ لاءِ مسلسل ڪوشش جي اهميت سمجهائڻ بعد، آءٌ هن مسئلي جي هڪ ٻئي پهلوءَ ڏانهن اوهان جو ڌيان ڇڪائڻ چاهيان ٿو: اهو پهلو هي آهي ته ٻولين جي ترقي ۽ بقا جو دارومدار محض حڪومت جي پٺڀرائي يا قانون جي ٽيڪ تي نه آهي. ان جو مثال خود سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ مان ملي ٿو. عربن جي دور بعد، تقريباً اٺ سؤ سال فارسي ٻولي حڪومت جي دادلي ٻولي ٿي رهي، جنهنڪري سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۾ ذرا آهستگي ٿي، مگر اها ترقي جاري رهي، تان جو شاه عبداللطيف پيدا ٿيو جنهن پنهنجي فڪر ۽ روح سان سنڌي ٻوليءَ کي عروج تي پهچائي ڇڏيو. حقيقت ۾ ٻوليءَ جي فنا ۽ بقا جو

دارومدار گهڻي قدر ٻوليءَ جي روح تي آهي، ۽ اهو روح ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جو "فڪر" آهي. جيڪڏهن اسان جو هر هڪ اديب محض ٻين جي خيالن جي نقالي يا ترجماني ڪرڻ بدران، ٿورو ڪي گهڻو پنهنجي ذاتي فڪر کي پنهنجي اشعار ۽ مضمونن ۾ پيش ڪري، ته مجموعي طور اسان جي ٻوليءَ ۾ فڪر جو سرمايو وڌندو رهندو.

جيڪڏهن اسان سنڌي ٻوليءَ ۾ بلند فڪر ۽ اعليٰ خيالات واري علم ادب جي ذخيري کي وڌايو ته غير سنڌي حضرات خود سنڌي سکڻ جي ڪوشش ڪندا، يا اسان جا ڪتاب ترجمو ڪري پڙهندا. بهرحال، فڪر جي پنپرائيءَ سان، سنڌي ٻولي ۽ ان جو علم ادب، حڪومت ۽ سياست جي پاليسيءَ جا محتاج نه رهندا؛ بلڪ پنهنجي ئي قوت ۽ صلاحيت سان ترقي ڪندا رهندا. مگر انهن کان زياده افسوس ڪاموري ڪلاس جي ڪن والدين تي آهي، جي ويچارا تازو احساس ڪمتريءَ جا شڪار بنيا آهن؛ ۽ پنهنجي ٻارڙن کي مادري ٻولي سيکارڻ کان اهي اڙدو پيا سيکارين. بحيثيت هڪ ٻوليءَ جي اڙدو سکڻ ۾ عيب ڪونهي؛ مگر احساس ڪمتريءَ سببان اهو قدم کڻڻ جڻ ذهني غلامي اختيار ڪرڻي آهي، جنهن ۾ ايندڙ نسلن جي تباهي. "سنڌي پڙهو" جو ٻيو اهم پهلو هيءَ آهي ته اسان مان هر هڪ پڙهيل سنڌي اخبارن، رسالن ۽ سنڌيءَ ۾ شايع ٿيندڙ ڪتابن کي پڙهڻ پنهنجو فرض سمجهي. جيڪڏهن اسان جا عام پڙهيل فقط ٻه رپيا مهينو به پنهنجي علم جي زڪوات ڪڍن ته جيڪر هڪ اخبار يا رسالو ۽ ڪم از ڪم ٽي- چار وڏا ڪتاب، يا ست- اٺ ننڍا ڪتاب سال ۾ خريد ڪري سگهن. جيڪڏهن اسين اخبارون، رسالا، يا ڪتاب نه وٺنداسين ته لکندڙن جي همت افزائي نه ٿيندي؛ ۽ اسان جو قلمي ۽ ڪتابي ذخيرو ڪماحقه ترقي ڪري نه سگهندو.

"سنڌي ڳالهائڻ" وارو اصول جڻ عام تبليغ ذريعي پنهنجي ٻوليءَ لاءِ وسيع ميدان پيدا ڪرڻ جي برابر آهي؛ "سنڌي پڙهڻ" وارو اصول ٻوليءَ جي پيڙهه پختي ڪرڻ ۽ ان جي اشاعت کي وڌائڻ برابر آهي؛ ۽ "سنڌي لکڻ" ٻوليءَ جي عمارت اڏڻ جي برابر آهي. ظاهر آهي ته عمارت اڏڻ هڪ فن ۽ هنر آهي، جنهن لاءِ تياريءَ جي ضرورت آهي. "سنڌي لکو" جو هڪ سادو مفهوم اهو ئي ٿي سگهي ٿو ته سنڌيءَ ۾ لکڻ جي مشق ڪريو ته اوهان جا اکر سهڻا ٿين، ۽ اوهان صحيح صورتخطي لکي سگهو. اهو سبق اسان جي شاگردن لاءِ آهي- مگر هن فقري جو حقيقت ۾ مفهوم اهو آهي ته اسان جو هر تعليم يافتو سنڌي لکڻ جي پاڻ ۾ ڪم از ڪم اهڙي صلاحيت پيدا ڪري، جو پنهنجي ذاتي خيالن ۽ تجربن کي موثر نموني ۾ لکي سگهي، جيئن ٻيا ان کي پڙهي ۽ سمجهي سگهن. هر انسان کي پنهنجو عقل، پنهنجي سمجهه، ۽ پنهنجي زندگيءَ جو مخصوص تجربو پلئه پوي ٿو ۽ جيڪڏهن اسان مان هر هڪ پنهنجي مخصوص ذاتي فڪر ۽ تجربي کي قلمبند ڪندو، ته مجموعي طور اسان جي ٻولي توڙي تمدن شاهوڪار ٿي پوندا.

مليو عقل هر ڪنهن کٽي تي ڪٽو
گهڻا جي ٽا گڏجن ته ٿئي ٿو گهڻو.

اسان جي پڙهيل طبقي ۾، انگريزي دان ۽ سنڌي دان شامل آهن. ۽ انهن ٻنهي گروهن کي "سنڌيءَ ۾ لکڻ" طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي. هن وقت حالت هيءَ آهي، جو اسان جا انگريزيدان مجموعي طور سان، سنڌيءَ کان انگريزيءَ ۾ زياده آسانيءَ سان لکي ٿا سگهن. اعليٰ تعليم جي موقعي ملڻ ڪري، هي طبقو سنڌي ادب ۽ تمدن جي وڏي قلمي خدمت ڪري سگهي ٿو. مگر افسوس جو تقريباً 95 سيڪڙو انگريزيدان هڪ ته سنڌي ٻوليءَ ۽ ان جي عاليشان ادب کان بيخبر آهن، ۽ ٻيو ته صلاحيت هوندي به سنڌيءَ ۾ لکڻ ۽ پنهنجي خيالات جي اظهار ڪرڻ واري ذوق ۽ جذبي کان بي بهره آهن. انگريز ڪامورن پنهنجي فراغت جي وقت ۾، سنڌي ٻوليءَ کي پڙهيو ۽ ان تي ڪتاب لکيا؛ مگر اسان جا اڪثر سنڌي ڪامورا، رات ڏينهن

نوڪريءَ جي چڪر ۽ پيٽ جي فڪر ۾ آهن. نهايت ضروري آهي تہ هو زماني جي رفتار ڪان باخبر رهن، ۽ پنهنجي علمي صلاحيت کي پنهنجي پياري ٻوليءَ ۽ ادب جي خدمت لاءِ استعمال ڪن. اسان جو ٻيو پڑهيل طبقو سنڌي خواندن جو آهي، جو سنڌي پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ انگريزي دانن ڪان نسبتاً زياده وقت صرف ڪري ٿو، مگر اعليٰ تعليم جي موقعي نہ ملڻ سببان، هن طبقي وارن جو مطالعو محدود ۽ علمي تجربو البت گهٽ آهي. جيڪڏهن هن طبقي پنهنجي مطالعي کي وڌايو ۽ پاڻ ۾ مضمونن لکڻ جي مشق پيدا ڪئي، تہ ٻوليءَ جي علمي ۽ قلمي سرمايي کي وڌائڻ ۾ وڏي مدد ڏيئي سگهندو. هن سلسلي ۾ خصوصاً اسان جي سنڌي اسڪولن جا استاد وڏي قومي خدمت ادا ڪري سگهن ٿا. هو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾، هر وڏي ڳوٺ ۾ موجود آهن، ۽ پنهنجي نوڪريءَ جي دوران ۾، جيڪڏهن منجهانئن هر هڪ انهيءَ ڳوٺ ۽ ان جي پسگردائيءَ بابت هڪ مقالو تيار ڪري، جنهن ۾ ڳوٺ ۾ رهندڙ ماڻهن ۽ سندن ڏنڌن، ڳوٺ جي اصل باني مباني، ۽ ان بعد اتي جي چڱن مڙسن، ڳوٺ جي اڳوڻن توڙي موجود عالمن، سياسي ڪارڪنن، شاعرن، پاڳين، طبيبن، قابل ڪاسبين، بهادرن، گهوڙيسوارن، ڳائڻن، مَلهن، فقيرن ۽ درويشن بابت پڇا ڳاڇا ڪري حالات قلمبند ڪري، تہ جيڪر ٿوري وقت اندر سڄي سنڌ جي وادي ۽ تمدني تاريخ بابت بنيادي مواد گڏ ٿي وڃي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي، تہ وڏن ڪتابن يا تحقيقي مضمونن لکڻ لاءِ، ڪافي مشق ۽ مطالعي جي ضرورت آهي، مگر آءٌ پڙهيل پيڙهن ۽ پاڙن آڏو هڪ آسان نسخو تجويز ڪريان ٿو، جنهن جي ذريعي منجهانئن هر هڪ قلمي خدمت سرانجام ڏيئي سگهندو: اهو نسخو آهي "سوانح لکڻ" جو. جنهن جي فني پهلوءَ کي ڇڏي، فقط حڪايت يا بيان طور اسان پنهنجي مشهور ماڻهن (عالمن، قومي ڪارڪنن، شاعرن، طبيبن، بهادرن، سخي مردن، فقيرن ۽ درويشن وغيره) جون سوانح حيات، سندن ڪارنامن سميت سنئين سولي سنڌيءَ ۾ قلمبند ڪري سگهون ٿا. اسان مان هر هڪ پڙهيل ماڻهو ڪنهن بہ لائق انسان جي سوانح عمريءَ بابت پڇا ڳاڇا ڪري، معلومات جمع ڪري سگهي ٿو، ۽ ان کي قلمبند ڪري، ڪنهن بہ رسالي ۾ اشاعت لاءِ موڪلي سگهي ٿو. اسان جي ڪن رسالن ۽ اديبن اڳيئي هن ڏس ۾ قدم وڌايو آهي. اميد تہ اسان جا رسالا توڙي اخبارون سال ۾ هڪ دفعو ڪم از ڪم "سوانح نمبر" شايع ڪري، هيءَ اهم ادبي ۽ تمدني خدمت سرانجام ڏيندا.

آخر ۾ آءٌ خاص طرح سنڌ جي اهل قلم صاحبن ۽ لائق اديبن جو توجهہ ٻن مکيہ ضرورتن ڏانهن ڇڪائي، پنهنجي خطبي کي ختم ڪندس. اهي بہ ضرورتون هي آهن: پهريون تہ سنڌيءَ کي ٻاهرين دنيا سان روشناس ڪرائڻ؛ ۽ ٻيو تہ قومي آزاديءَ لاءِ سنڌ جي جدوجهد جي تاريخ لکڻ.

پهريون تہ هن نازڪ مرحلي تي وقت جي تقاضا آهي، تہ اسان سنڌي ٻولي، سنڌي علم ادب، سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌ جي تمدن ڪان ٻاهرين کي روشناس ڪرايون، ۽ انگريزي، فارسي، عربي ۽ اڙدوءَ ذريعي انهن مکيہ پهلوئن تي ڪتاب لکون، يا ترجما ڪريون. "سنڌي ادبي بورڊ" جي سهاري هيٺ سنڌ جي مڪمل تاريخ لکجي رهي آهي، ۽ اميد تہ سنڌ جي تاريخ عنقريب ٻاهرين دنيا جي آڏو اچي ويندي. ٻيا موضوع، جن تي ٻاهرين واسطي مفيد ڪتاب لکي سگهجن ٿا، سي آهن:

(1) سنڌ جو تمدني ورثو (Cultural Heritage of Sind)، (2) سنڌ ۾ طب جي ترقي، (3) سنڌ جو عربي ادب ۾ حصو ۽ (4) سنڌ جو فارسي ادب ۾ حصو. نہ فقط ايترو مگر "سنڌ ۾ اڙدو شاعري" تي بہ ايتريقدر مواد موجود آهي، جو هڪ بهترين ڪتاب لکي سگهجي ٿو، جنهن کي ڏسي خود اڙدودان حيران ٿيندا، تہ هڪ سؤ سال اڳ سنڌ جي سرزمين تي اهڙا اڙدو شاعر پيدا ٿيا، جن جي پيٽ سندن همعصر هندستاني شاعرن سان ڪري سگهجي ٿي.

ٻيو تہ وقت جي تقاضا آهي تہ اسين سنڌ ۾ قومي آزاديءَ جي تحريڪ جي تاريخ کي مرتب ڪريون. تازو يوم جمهوريہ (23 مارچ) جي

موقعي تي، اوهان مان ڪن، ملڪ جي مکيه انگريزي اخبارن، جهڙوڪ 'ڊان' (Dawn)، 'ٽائيمس آف ڪراچي' (Times of Karachi) وغيره ۾ هن ملڪ اندر آزاديءَ جي تحريڪ تي ڇپيل مقالا پڙهيا هوندا. افسوس جو انهن مقالن ۾ سنڌ اندر آزاديءَ جي تحريڪ کي بلڪل نظرانداز ڪيو ويو آهي. حقيقت ۾ سنڌ ۾ قومي آزاديءَ جي تحريڪ جي تاريخ نهايت ئي شاندار آهي، جنهن کي فوراً قلمبند ڪرڻ گهرجي؛ ڇو ته اسان آزاديءَ جي تحريڪ جي پوئين دور کي پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي، ۽ بنسبت آئينده نسلن جي اسين ان کي وڌيڪ تحقيق ۽ تفصيل سان قلمبند ڪري سگهون ٿا. البت هڪ احتياط جي ضرورت آهي: آزاديءَ لاءِ جدوجهد وارين ڪن تحريڪن انهن تحريڪن جي ڪن پهلوئن، يا انهن تحريڪن جي ڪن قومي ڪارڪنن سان اسان مان ڪن جا ذاتي يا سياسي اختلاف ٿي سگهن ٿا، انهيءَ ڪري اڄ اسان ڪٽي انهن تحريڪن، مجاهدن ۽ قومي ڪارڪنن جو قدر نه ڪريون، مگر سڀاڻي تاريخ ۾ انهن جا نالا سونهري حرفن سان لکيا ويندا. انهيءَ ڪري هن ڪم ۾ اسان کي ذاتي اختلافن کي درگذر ڪري، هڪ مورخ جي نقط نگاهه کان سنڌ جي سياسي تحريڪن، ۽ سنڌ جي مجاهدن ۽ قومي ڪارڪنن جي ڪارنامن کي قلمبند ڪرڻو آهي. آءٌ هن موقعي تي سنڌ جي هن شاندار ماضي جو مختصر خاڪو اوهان جي آڏو رکڻ چاهيان ٿو- انهيءَ لاءِ ته اهي حضرات، جي خدمت لاءِ تيار هجن، تن لاءِ تحقيق جي راهه واضح ٿي سگهي.

حضرات، سنڌ جي اندر آزاديءَ جي تاريخ جو پهريون باب حضرت سيد احمد شهيد جي سنڌ ۾ اچڻ سان ٿئي ٿو. ان وقت مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان سنڌ جا حاڪم هئا. جيئن ته سکن جون ان وقت سنڌ تي نگاهون هيون، انهيءَ ڪري ميرن ظاهر ظهور سيد صاحب جي جيتوڻيڪ مدد ڪانه ڪئي، ته به سندس تحريڪ سان سندن پوري همدردي هئي. ان وقت سنڌ جو نامور روحاني رهبر ۽ مجاهد اعظم پيرصاحب پاڳارو حضرت صبغت الله شاهه، سيد احمد صاحب جو هر طرح پاڻهن ٻيلي ٿي بيٺو. پنهنجا پنج سؤ مريد مجاهد جن کي "حر" سڏيو ويو سي سيد صاحب کي لشڪر طور ڏنائين، ۽ ان بعد مالي ۽ رسد جي مسلسل مدد ڪندو رهيو. پير صاحب ڏي سيد صاحب هڪ خط لکيو آهي، جنهن ۾ ڪين پنهنجو قائم مقام ڪري سڏيو اٿن. افسوس جو حضرت صبغت الله شاهه 1246 هجريءَ ۾ جهاد هلندي وفات ڪئي، ۽ غالباً اهو ئي هڪ وڏو سبب هو جو پنهنجي مکيه مددگار وڃائڻ بعد، سيد صاحب جي جڻ ساڄي ٻانهن ٽٽي پئي، ۽ پير صاحب جن جي وفات کان فقط ٻن مهينن بعد سيد صاحب جن شهيد ٿي ويا. بهرحال، هن تحريڪ سان سنڌ ۾ حر تحريڪ جو اوائلي بنياد پيو ۽ حرن پنهنجي ملڪ جي دشمن طاقت خلاف لڙڻ کي زندگيءَ جو شيوو بنايو. ان بعد 1843ع ۾ انگريزن جي بي پناهه طاقت جي باوجود سنڌ جي عوام انگريزن جو مقابلو ڪيو. اهو سنڌي عوام جو مقابلو هو ڇاڪاڻ ته ميرن مصلحت خاطر حتيٰ الامڪان صلح جي ڪوشش ڪئي. ان عوامي مقابلي جو هيرو مير شير محمد خان هو جنهن جو ساٿي نواب احمد خان لغاري هو. ان بعد 1857ع واري آزاديءَ جي وڏي جنگ ۾ به سنڌ حصو ورتو. سنڌ جي تحريڪ جو مرڪز جيڪب آباد هو ۽ ان جا ليڊر دلمراد خان کوسو ۽ دريا خان جکراڻي ۽ عنايت شاهه هئا. جنهن رات هي مجاهد آخري تجويزن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ پاڻ ۾ گڏيا، ان رات ڪن غدارن جنرل جيڪب کي اطلاع ڏنو. دلمراد کوسو ۽ دريا خان جکراڻي گهيري ۾ اچي قيد ٿيا ۽ سِر ڏنائون. البت 1857ع بعد، 1891_1894ع ۾ پهرين حر تحريڪ شروع ٿي، ۽ انگريز بادشاهه جي مقابلي ۾ ڪم از ڪم "بچو بادشاهه ۽ پيرو وزير" جا نالا عوام جي ذهن نشين ٿي ويا. ان بعد پهرين عالمگير لڙائيءَ جي شروع ۾، مولانا محمود الحسن جي ديوبند مان شروع ڪيل آزاديءَ جي تحريڪ جو وڏو علمبردار مولانا عبيدالله هو جو علم ۽ تربيت جي لحاظ کان سنڌ جي پيدوار هو ۽ انهيءَ ڪري ئي مولانا "عبيدالله سنڌي" جي نالي سان مشهور ٿيو. هن

آزاديءَ جا منصوبا بہ سنڌ ۾ سِٽيا، ۽ سندس رفيق بہ اڪثر سنڌي هئا، جن ۾ مولانا عبدالله صاحب لغاريءَ جو نالو خصوصاً قابل ذڪر آهي. ڪابل ۾ ويهي، هنن مجاهدن جيڪي ڪم ڪيا، تن جو انڪشاف "رولٽ ڪميٽي" جي رپورٽ ۾ ڪيو ويو ا نهيءَ رپورٽ شايع ٿيڻ بعد ئي مهاتما گانڌي ميدان ۾ آيو. مولانا عبيدالله ۽ سندس ساٿي هندستان جي آزاديءَ واري نئين تحريڪ جا باني مباني ۽ مهاتما گانڌيءَ جا پيش رو هئا، ۽ سنڌ جو ان تحريڪ ۾ جو حصو آهي، سو نهايت ئي نمايان آهي. ان بعد خلافت تحريڪ ۾ بہ هنن نمايان حصو ورتو. مرحوم جان محمد جوڻيجو شيخ عبدالمجيد سنڌي، پير غلام مجدد سرهندي ۽ ٻيا سندس سوين ساٿي هئا، جن خلافت تحريڪ ۾ وڏو ڪم ڪيو. صوبہ سنڌ جي گاديءَ ڪراچيءَ ۾، علي برادرس جو مقدمو بہ هن سلسلي ۾ نهايت ئي معنيٰ خيز واقعو آهي. انهن قومي ڪارڪنن مان گهڻا حيات آهن، ۽ باوجود ساڻن اسان مان ڪن جي ذاتي اختلافن جي، سندن قدر ڪرڻ ۽ سندن ڪارنامن کي قلمبند ڪرڻ اسان جو فرض آهي؛ ڇاڪاڻ تہ سندن اکين ڏٺا بيان، تاريخي نقطہ نظر کان اڳتي هلي نهايت ئي قيمتي ثابت ٿيندا. ان بعد ڪانگريس، خاڪسار ۽ مسلم ليگين ذريعي، سنڌ جي گهڻن ئي مخلص ڪارڪنن قومي آزاديءَ خاطر ڪوششون ۽ قربانيون ڪيون. ٻيءَ عالمگير لڙائيءَ جي دوران ۾ جڏهن سڀاش چندر بوس برما فرنٽ تي قومي فوج ٺاهي، جپانين جي پٺڀرائيءَ سان انگريزي فوجن جي مقابلي جا سانباها پئي ڪيا، ان وقت فقط سنڌ ۾ پير پاڳارو صبغت الله شاهہ ئي اڪيلي سر باغي هو جو جارج ڇهين خلاف بغاوت جي الزام ۾ سر ڏيئي سرهو ٿيو. حُرن مجاهدن بغاوت ۾ گوريلا لڙائيءَ سان انگريزي فوجن جو مقابلو ڪيو. سنڌ ۾ سڄا سارا ٻارهن مهينا 'مارشل لا' لاڳو هو جو انگريزن جي تسلط جي تاريخ ۾ اڪيلو مثال اهي. آخر ۾ هي وري هڪ حسن اتفاق آهي، جو پاڪستان تحريڪ کي سنڌ جي سرزمين جي هڪ فرزند، قائداعظم محمد علي جناح ئي ڪامياب بنايو.

قومي آزاديءَ خاطر سنڌ وارن جي ڪيل جدوجهد جا اهي محض ڪي نمايان خط و خال آهن. اسان کي پوري تحقيق ڪري، انهن جو تفصيل لکڻو آهي، ۽ انهيءَ تصوير جي حسن کي چمڪائڻو آهي.

(مهراڻ: نمبر 2، سال 1956ع جي ٽيون سان)

ڊاڪٽر فهميده حسين

# ٻوليءَ ۽ ادب جي موضوع تي ٿيسز ڪيئن لکجي

اڄڪلهه يونيورسٽين ۾ ايم اي جا مونوگراف، ايم فل جا مقالا ۽ پي ايڇ ڊيءَ جون ٿيسز لکڻ لاءِ تربيت ڏيڻ خاطر استادن ۽ عالمن کان تحقيق جي طريقيڪار (Research Methodology) بابت ليڪچر ۽ تربيتي ورڪشاپ ڪرايا وڃن ٿا. انهيءَ کانسواءِ ڪيترائي ڪتاب پڻ پڙهڻ لاءِ چيو وڃي ٿو، يا نصاب جو حصو بنايا وڃن ٿا. پر حقيقت اها آهي ته جيڪي به استاد يا محقق ليڪچر ڏين ٿا يا تربيت ڪن ٿا اهي پاڻ پنهنجي ذاتي عملي تجربي ۽ تحقيق جي حوالي سان يا موجود ڪتابن مان پاڻ پڙهي پوءِ اڳي پڙهائين ٿا. انهن جي پاڻ به تحقيق جي طريقيڪار بابت ڪا ماهرانه تربيت ٿيل ڪا نه هوندي آهي.... وڏ ۾ وڏ انهن پاڻ ايم فل يا پي ايڇ ڊي ڪرڻ مهل جيڪو پنهنجن استادن کان سکيو هوندو يا مختصر ڪورس ڪيو هوندو (ٿيسز لکڻ کان اڳ) اهو ئي سندن ڄاڻ جو ذريعو هوندو آهي. جڏهن ته دنيا جي ٻين ملڪن ۾ يونيورسٽين ۾ خود تحقيق جي موضوع تي ڊگريون ڏنيون وينديون آهن ۽ اسپيشلائيزيشن ڪرڻ لاءِ جدا جدا Qualitative Research يا Quantitative Research ۾ به ڊگرين جا ڪورس ٿيندا آهن ۽ ان لاءِ باقاعده شعبا هوندا آهن يا ڪن ٻين شعبن ۾ اهڙو انتظام هوندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو پاڪستان ۾ ۽ خاص ڪري سنڌ جي يونيورسٽين ۾ تحقيق جو اهو معيار ڪونهي جهڙو هئڻ گهرجي.

مون کي ياد آهي ته ڪيترا سال اڳ شاهه لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽيءَ پاران اهڙا ليڪچر ڪرايا ويا هئا ۽ اتي گهڻن عالمن ۽ پروفيسرن ليڪچر ڏنا (جن ڪي پوءِ ڊاڪٽر درشهوار سيد چيرايو به هو) جن مان ڪو به تحقيق جو پروفيسر ڪو نه هو بلڪ اهي پاڻ چو ته ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري رکندڙ هئا ان ڪري انهن به مختلف ڪتابن مان مدد ورتي هئي. ڪراچي يونيورسٽيءَ پاران موجوده دور ۾ ٿيندڙ هنن ليڪچرن لاءِ به ساڳي ڳالهه ڪري سگهجي ٿي مون اڄوڪو ليڪچر به ساڳيءَ ريت تيار ڪيو آهي.

اها ڳالهه ته اوهان سڀني کي خبر آهي ته تحقيق جا مختلف مرحلا ٿيندا آهن جن مان مکيه هي آهن.

**مرحلو1.** مسئلي جي چونڊ، تجزيو ۽ وضاحت

**مرحلو2.** ڪم جو طريقيڪار ۽ انداز

**مرحلو3.** معلومات ۽ ڊيٽا گڏ ڪرڻ (فيلڊ ۽ لائبريرين مان، انٽرويوز ۽ سروي وغيره ذريعي)

**مرحلو4.** معلومات جي ورهاست، ڇيد ۽ وضاحت

**مرحلو 5.** ٿيسز لکڻ ۽ ان لاءِ تربيت ۽ تنظيم

مضمون ۽ موضوع جي مناسبت سان انهن ۾ ٿورو گهڻو فرق ٿي سگهي ٿو. مثلاً ڪنهن سائنسي مضمون لاءِ ليبارٽرين ۾ تجربا ڪرڻ ۽ انهن مان حاصل ٿيل نتيجن (readings) جا پيٽا پيٽي چارٽ ۽ گراف ٺهندا آهن جيڪي ڊيٽا جو حصو ٿيندا.

جاگرافي يا جيالاجيءَ جي ڪنهن موضوع تي تحقيق ڪرڻ واري کي ڌرتيءَ جي گولي تي پئمائش ۽ نقشن وغيره جي علم ذريعي ڊيٽا ٺاهڻي پوندي آهي ۽ ڪيترائي سروي ڪرڻا پوندا آهن، اٽلس پيٽڻا پوندا آهن. باقي ٿلهي ليکي بيان ڪيل مرحلا بنيادي سمجهيا وڃن ٿا.

اسان جو تعلق جيئن ته ادب ۽ ٻوليءَ جي مضمونن سان آهي ۽ اسين انهن سان لاڳاپيل موضوعن تي تحقيق ڪنداسين، ان ڪري اسان کي تحقيق جو جيڪو طريقو اختيار ڪرڻو پوندو اهو يقينا سائنس جي مضمونن ۽ موضوعن لاءِ مخصوص طريقي کان مختلف هوندو ۽ ان جون گهرجون به مختلف هونديون.

تحقيق بابت بنيادي اصولن جي لاءِ اوهان هن کان اڳ ۾ ليڪچر پڙهيا آهن ان ڪري ورجاءُ بدران آءٌ بهتر ٿي سمجهان تہ ان موضوع تي آءٌ پنهنجو لکيل هڪ مقالو اوهان کي گهر وڃي اڀياس ڪرڻ لاءِ ڏيان ( ان موقعي تي "تحقيق ڪيئن ڪجي" واري موضوع تي ڪلاچي تحقيقي جرنل، شاهہ لطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي پاران سيپٽمبر 1999 ۾ ڇپيل مقالو شاگردن کي ڏنو ويو).

اڄوڪو موضوع آهي: **"ٻولي ۽ ادب جي موضوع تي ٿيسز ڪيئن لکجي"**

تحقيق جي طريقي بابت عام مروج ڳالهيون تہ عام طرح تحقيق ڪرڻ وارن کي معلوم هونديون آهن: "تحقيق ڇا آهي" ان جا ڪهڙا اصول آهن، ان جا قسم ڪهڙيءَ ريت جدا جدا آهن ۽ تحقيق ڪرڻ لاءِ ڪهڙو موضوع ڪهڙي طريقيڪار ذريعي ورتائبو.. وغيره. ان کانپوءِ اهو بہ تحقيق ڪندڙ اڪثر شاگردن کي معلوم هوندو آهي تہ موضوع جي چونڊ ڪيئن ڪجي، انهيءَ بابت اڀياس دوران حوالا ڪيئن نوٽ ڪبا آهن، ڊيٽا يا معلومات ڪيئن گڏ ڪبي آهي ۽ ان جي ڇنڊ ڇاڻ توڙي تصديق جو طريقو ڪهڙو آهي. لاڳاپيل ۽ گهربل مواد (relevant data) کي اڻ لاڳاپيل غير ضروري ڇاڻ (irrelevant data ) کان ڪيئن ڌار ڪبو. تحقيق جي دائري يا scope جو تعين ڪهڙيءَ ريت ٿيندو ۽ وري ڪتابيات يا ببليوگرافي لکڻ جو ڪهڙو اصول ۽ طريقو اختيار ڪبو آهي ۽ اهڙا سمورا اصول ۽ طريقا Research Methodology جا بنهہ ابتدائي نڪتا آهن جيڪي اڪثر ڪتابن ۽ مضمونن ۾ بيان ڪيا ويا آهن. اڄ اسان ان کان اڳتي ايندڙ مرحلي بابت ڳالهائينداسين جيڪو آهي ٿيسز (dissertation) لکڻ وارو مرحلو.

سڀ کان پهريون سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ ٻولي ۽ اسلوب جي چونڊ ڪيئن ۽ ڪهڙي ڪجي! ان لاءِ تحقيق جا عالم هڪ نمونو يا طريقو بيان ڪن ٿا جنهن کي "ايم ايل اي فارميٽ" يا Modern Language Association Format (جديد ٻوليءَ ۾ لکڻ جو طريقو) چيو وڃي ٿو. ان موجب ٿيسز لکڻ لاءِ تمام سليس، روزمره جي عام ڳالهہ ٻولهہ واري ٻولي ڪتب آڻڻ گهرجي. ان مان اها مراد نہ ورتي وڃي تہ گفتگوءَ واري صفا غير رسمي (informal) نموني لکبو. بلڪ سلاست جي پنهنجي هڪ سونهن هوندي آهي، سادگيءَ ۾ پنهنجو حسن هوندو آهي ۽ پنهنجي ڳالهہ ٻئي تائين درست نموني پهچائڻ لاءِ موضوع لاءِ مناسب ضروري لفظن جي چونڊ بہ تحرير کي اثرائتو بنائيندي آهي، ان ڪري لکڻ وقت ڳرا ڳرا ۽ اجايو رعب وجهڻ لاءِ ڏکيا لفظ استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪجي (مثلاً سنڌيءَ ۾ زوريءَ عربي فارسي لفظن جو بيجا استعمال)

حوالن کي تحرير جي وچ ۾ لکڻ مهل ابتين واڪ جي نشانين (inverted commas/ quotation marks ) ۾ لکجي، پر جي حوالو ڊگهو هجي تہ حوالي کي پاسن ۾ مارجن ڇڏي لکجي تہ جيئن اهو ڌار ٿي بيهي- انهن جي صحيح سڃاڻي (citation) ڪيئن ڏجي ۽ ڪيئن لکجي، حاشين فوٽ نوٽس (Foot notes) ۾ ڇا لکجي ۽ حوالا ڪٿي لکجن. فوٽ نوٽن ۽ حوالي (Footnotes & References ) ۾ ڪهڙو فرق آهي. سمجهاڻيون يا وضاحتون ۽ واڌو معلومات کي ڪهڙي هنڌ رکجي.... ان لاءِ پڻ ذهن واضح هئڻ گهرجي ۽ اهي ڳالهيون هوندءَ تہ عام طور تحقيق ڪندڙ شاگردن کي معلوم آهن پر هتي آءٌ اها ڳالهہ واضح ڪرڻ ٿي چاهيان تہ انهن ۾ ٿورو گهڻو فرق تحقيق جي موضوع سان ضرور لاڳاپيل هوندو آهي ڇو تہ هر مضمون (Subject) ۽ موضوع (Topic) جي پنهنجي پنهنجي گهرج هوندي آهي. تحقيق جي مختلف اندازن ۽ رخن (approaches) موجب انهن ۾ ٿورو گهڻو فرق ٿي سگهي ٿو. مثال طور ڪيفيتي تحقيق (Qualitative research) ۽ مقداري تحقيق (Quantitative research) جا بہ نمونا آهن ۽ انهن جو دائره ڪار (scope) مختلف هوندو آهي. ٿلهي ليکي اچو تہ انهن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون:

Research يا تحقيق جو مطلب آهي "ڳولڻ ۽ وري ڳولڻ، حقائق يعني حقيقتن جي تلاش ۽ تصديق" — ان لاءِ اسين "حقائق" ۽ "انگن اکرن" (Facts and figures) تي انحصار ڪندا آهيون. ڪيفيتي کوجنا (Qualitative research) ۾ حقيقتون (Facts) معلوم ۽ بيان ڪرڻ تي زور هوندو آهي، انگن اکرن جي اوتري ضرورت ڪا نه هوندي آهي، جڏهن ته ٻئي قسم جي مقداري تحقيق (Quantitative ) ۾ انگن اکرن يا اعداد شمار (Figures) جي اهميت وڌيڪ هوندي آهي، جن جي ذريعي ۽ مدد سان معلوم ڪيل حقيقتن جي تصديق ڪرڻي پوندي آهي. هاڻي ڏٺو وڃي ته ماپ تور (measurement) ڳڻپ، شمار (statistics)، فارمولن، گرافن، خاڪن ۽ نتيجن (readings) وغيره جي ضرورت گهڻو ڪري سائنس جي مضمونن ۾ پوندي آهي. ٻئي طرف سماجي علمن (Social Sciences) انساني علوم (Humanities) ۽ فنون (Arts) بابت تحقيق ڪرڻ مهل ڪيفيتي (Qualitative) رسرچ واو رخ وڻبو آهي جنهن ۾ تاريخ، منطق ۽ دليل ذريعي بيان ڪيل يا ڳولي هٿ ڪيل حقيقتون ثابت ڪبيون آهن. اسان جو اڄوڪو موضوع انساني علوم ۽ فنون (Humanities and Arts) جي دائري اندر اينديڙ هڪ تمام اهم مضمون سان تعلق رکي ٿو جيڪو آهي " ٻولي ۽ ادب". ان ڪري ان سان گهڻو تڻو ڪيفيتي تحقيق وارو رُخ لاڳو ٿيندو.

تحقيق جو جيڪو قسم يا رخ ٻوليءَ ۽ ادب سان لاڳو (اطلاق /apply) ٿئي ٿو انهيءَ کي درسي تحقيق Academic Research به چئبو آهي ته عالمانه (Scholarly) به ۽ ادب جي باري ۾ ادبي تحقيق (Literary Research) به ان ۾ شامل آهي جيڪا وري عموماً ڪتابي يا لائبريري رسرچ هوندي آهي. انهيءَ قسم جي تحقيق ۾ تجزياتي (Analytical) ۽ تاريخي کوجنا (Historical research) جي به ضرورت پوندي آهي، ۽ جيڪڏهن وڌيڪ ورهاست ڪبي ته "ادب" لاءِ جدا اصولن تي ۽ "ٻولي" لاءِ جدا اصولن تي هلڻو پوندو.

جيئن ته انساني علوم (Humanities) جي اندر اينديڙ سمورن مضمونن جو تعلق انساني سماج سان ۽ انساني روين ۽ انهن جي ڪارڻن سان هوندو آهي ان ڪري انهن مان ڪنهن بابت به کوجنا ڪندي ٻين به ڪيترن مضمونن جو اڀياس ڪرڻو پوندو آهي جن ۾ وري ڪيترائي سماجي علم (Social Sciences) شامل آهن. موضوع جي مناسبت سان اسان کي عمرانيات (Sociology) بشريات (Anthropology)، نفسيات (Psychology) ۽ فلسفي جا ڪتاب پڙهڻ جي ضرورت به پئجي سگهي ٿي.

چاڪاڻ ته ادب سماج جي عڪاسي ڪري ٿو انسانن جي تهذيب تمدن ۽ ثقافت جي تاريخ ۽ اهڙن ئي ٻين مضمونن جو مطالعو پڻ لازمي ڪرڻو پوندو. ڪنهن اديب يا سندس ڪردارن جي روين ۽ ورتاءَ کي سمجهڻ لاءِ علم نفسيات جي به گهرج پئجي سگهي ٿي. جيڪڏهن شاعِريءَ ۾ تصوف هجي، روحانيت، ويدانت يا ڪو ٻيو متو هجي ته فلسفي، تصوف ۽ مذهبي ادب جا ڪتاب به پڙهڻ لازمي آهن. جيڪڏهن ڪنهن ادب پاري جي زبان تي تحقيق ڪرڻي هجي ته سماجي لسانيات (Socio_Linguistic) جي مضمون جي مدد به وٺڻي پوندي.

ٻئي پاسي جيڪڏهن ڪنهن زبان يا ان جي ڪنهن پهلوءَ جي باري ۾ تحقيق هجي ته عام لسانيات Linguistics ۽ ان جي مختلف شاخن جي ضرورت پوندي آهي جنهن جي ذريعي زبان جي بڻ بنياد، ابتدا، ارتقا، تشڪيل ۽ ترتيب يعني جوڙجڪ ۽ سٽاءَ سان گڏوگڏ صوتيات، صرفيات، نحويات، معنويات جهڙن علمن کان مدد پڻ ورتي ويندي آهي. ٻولي ڪهڙي به هجي سنڌي، اردو، عربي، فارسي يا انگريزي، بنيادي طرح اهي ئي سمورا عنصر مددگار ٿيندا آهن.

جيڪڏهن توهان ٻوليءَ جي قدامت تي تحقيق ڪندا هجو ته توهان کي تاريخي لسانيات (Historical Linguistics) کان مدد وٺڻي پوندي، ٻوليءَ جي لکت يا تحرير بابت کوجنا هوندي ته توهان کي پهرين ته

مختلف قسم جي لکتن جي نمونن، رسم الخط يا لپين (scripts) بابت ڄاڻ هٿ ڪرجي ۽ سندن بنياد، ارتقا ۽ فرق معلوم هٿ ڪرجي. جيئن انگريزي ۽ اڪثر يورپي زبانن لاءِ "رومن" رسم الخط استعمال ٿئي ٿو عربي ۽ سنڌي "نسخ" ۾ لکيون وڃن ٿيون. جڏهن ته فارسي ۽ اردو "نستعليق" ۾ لکبيون آهن. ائين ئي هندستان جون اڪثر زبانون "ديوناگري" يا "گرمکي" لپيءَ ۾ لکجن ٿيون. بنگالي ۽ هندي "ديوناگريءَ" ۾ لکجن ۽ پنجابي "گرمکيءَ" ۾ لکبي آهي. تحقيق ڪرڻ واري کي انهن جي بنياد، تاريخي ارتقا ۽ جديد دور ۾ حيثيت بابت مطالعو ڪرڻو پوندو. ڪيترن اصطلاحن (terms) ۽ تصورن (concepts) کي سمجهڻو پوندو. مثلاً لپيءَ يا رسم الخط (Script) جي تاريخ ڪنهن ٻوليءَ جي الفابيٽ (Alphabet) جي يا حروف تهجي جي تاريخ کان جدا به ٿي سگهي ٿي، ان ڪري انهن ٻنهي اصطلاحن جي فرق کي سمجهڻ ضروري آهي، ساڳيءَ ريت الفابيٽ يا حروف تهجي ۽ صورتخطي (Spelling) يا هجي /املا ۾ به فرق آهي، جيڪو پڻ ڄاڻڻ گهرجي. اهو ان ڪري ضروري آهي جو اسان وٽ اڪثر لپي، صورتخطي ۽الف ب جي اصطلاحن کي هڪ ٻئي سان منجهايو ويندو آهي يا هڪ ٻئي جي جاءِ تي استعمال ڪيو ويندو آهي. دراصل رسم الخط / لپيءَ جو تعين ٿيڻ کانپوءِ ٻوليءَ جا حروف تهجي مقرر ٿيندا آهن. سنڌي عربي رسم الخط ۾ لکبي آهي پر ان جا حروف تهجي صرف عربيءَ وارا کنيل ڪو نه آهن انهِيءَ ۾ ڪي فارسي اکر به آهن ته ڪي بدلايل روپ به آهن. عربي اکرن ۾ نقطن ۽ شڪلين جون فرق آڻي، مختلف واڌو آوزارن لاءِ نشانيون يا اکر ٺاهيا ويا آهن. ائين ان جي الف ب عربي رسم الخط ۾ هئڻ جي باوجود ان کان مختلف آهي (اکرن جو تعداد ۽ شڪل مختلف آهن) ان مرحلي کانپوءِ لفظ جوڙڻ لاءِ هڪ خاص ترتيب سان انهن اکرن کي رکيو ويندو آهي جنهن کي "صورتخطي" يا اردوءَ ۾ املا ۽ انگريزي ۾ (spelling) چوندا آهن. سو انهن سڀني ڳالهين کي سمجهڻ لاءِ تحرير جي تاريخ (History of Writing Systems) جو خصوصي اڀياس ڪرڻو پوندو آهي.

جيئن ته ٻوليءَ ۽ ادب بابت کوجنا منطق ۽ دليل تي ٻڌل هوندي آهي ان ڪري جڏهن ڪنهن اهڙي موضوع جي چونڊ ڪريو ته گهڻي سوچ ويچار کانپوءِ ڪجو. اهو هڪ اهڙو موضوع هئڻ گهرجي، جنهن تي اڳ ۾ يا ته بنهه ڪا تحقيق نه ٿي هجي يا جيڪڏهن ڪنهن اڳ ۾ تحقيق ڪئي به آهي ته ان کي اڳيان وڌائڻ يا رد ڪرڻ جي ضرورت هجي.

سائنس جي مضمونن ۾ ساڳئي موضوع تي هڪ کان وڌيڪ دفعا تحقيق ڪري سگهجي ٿي ۽ کوجنا، تجربن ۽ انگن اکرن (readings) ذريعي اڳوڻن نتيجن کي رد ڪري نوان نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا يا اڳي ڪڍيل نتيجن ۾ واڌارا سڌارا آڻي نوان نظريا متعارف ڪرائي سگهجن ٿا پر غير سائنسي يا Humanities وارن مضمونن ۾ ائين ڪرڻ ايترو سولو ڪو نه هوندو آهي ۽ نوان حقائق (Facts) ڳولي انهن کي تمام گهڻي منطق ۽ دليل جي ذريعي ثابت ڪرڻ چڱو خاصو ڏکيو عمل آهي.

ٿيسز لکڻ جي شروعات ڪيئن ڪجي؟ اهو به ڏاڍو اٽڪل وارو سوال آهي. تحقيق جي طريقيڪار بابت لکندڙ اڪثر ماهرن جو خيال آهي ته سڀ کان پهرين مسئلي ۽ موضوع کي پڌرو (reveal) ڪرڻ لاءِ ابتدائي جملا ڪنهن مفروضي (Hypothesis) جي صورت ۾ هئڻ گهرجن جنهن تي بحث جي گنجائش هجي جيڪو بحث طلب دليل بازي (debatable argument) جي ضرورت پوري ڪري، اهڙيءَ ريت مسئلي جي بيان کي خصوصي مفصل مفروضي وارو بيان (Specific Detailed Thesis Statement) سڏيو ويندو آهي. جيڪو توهان جي مقصد کي چٽو ڪري سامهون آڻڻ ۾ مددگار ٿيندو آهي. مثال طور توهان هڪ بيان (statement) لکو ٿا ته:

**"شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ سر مارئيءَ ۾ حب الوطنيءَ جو موضوع آهي."**

اهو هڪ سادو سودو جملو آهي جنهن تي گهڻي بحث جي گنجائش ڪانهي. انهيءَ کي ثابت ڪرڻ لاءِ وڌ ۾ وڌ ڪي ٻہ ٽي بيت ڏيڻا پوندا- پر ان جي برعڪس جيڪڏهن توهان لکندو تہ:

**"شاهہ لطيف مارئيءَ کي سندس حب الوطنيءَ جي ڪري ٻين نسائي (زنانن) ڪردارن تي فوقيت ڏني آهي"**

ان صورت ۾ بحث ڪري دليل ڏئي توهان کي ثابت ڪرڻو پوندو تہ مارئي واقعي ٻين زنانن ڪردارن کان وڌيڪ اهميت رکي ٿي ڇو تہ منجهس حب الوطنيءَ جو اتم درجو موجود هو.

ساڳيءَ ريت جيڪڏهن توهان شيڪسپيئر جي ڊرامي هيمليٽ جي حوالي سان هيئن لکو تہ:

**"شيڪسپيئر جو ڊرامو هيمليٽ هڪ شخص جي انتقام تي ٻڌل آهي"**- تہ انهيءَ تي ڪهڙو بحث ٿيندو ۽ ڪهڙا دليل ڏبا! پر جيڪڏهن هئين لکبو تہ: **"هيمليٽ نفسياتي ڪشمڪش جو شڪا رهو"**

تہ ان صورت ۾ توهان کي ثابت ڪرڻو پوندو تہ ان جي پٺيان ڪهڙا عوامل ڪارفرما هئا ۽ هو ڪهڙين حالتن مان گذريو هو ۽ سندس نفسياتي ڪشمڪش جا ڪهڙا ڪارڻ هئا- تہ پاڻمرادو نتيجو سندس انتقام جي صورت ۾ سامهون ايندو... اهڙي نموني پنهنجي ڳالهہ کي بحث طلب معاملي (debatable argument) يا اختلافي بيان (controversial statement) جي صورت ۾ پيش ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي مقالي ۾ اصل ڊرامي جا اقتباس يا ٽڪرا ڏيڻ سان گڏ دليلن سان اها ڳالهہ ثابت ڪرڻي پوندي تہ "آخر ائين ڇو هو. ان جي پٺيان ڪهڙا ڪارڻ هئا، آخرڪار همليٽ ڇا ڪيو ۽ ڇو ڪيو- ان جي پٺيان ڪهڙي نفسياتي حالت ۽ ڪيفيت هئي- خود شيڪسپيئر جي نفسياتي ڪيفيت کي بہ سمجهڻ جي ضرورت پئجي سگهي ٿي.

هاڻي اچو تہ هڪ مثال سنڌي ادب مان ڪڍون.

سنڌيءَ جي نامياري ڪهاڻيڪار جمال ابڙي جي افساني- "پشوپاشا" تي تحقيق ڪرڻي هجي ۽ پاڻ هڪ عام بيانيہ جملو لکي ڇڏيون تہ:

"پشو پاشا طبقاتي نظام جي خلاف لکيل هڪ افسانو آهي" هاڻي ان تي ڪهڙو بحث ڪبو؟ پر جيڪڏهن پاڻ لکون تہ:

"پشوپاشا سنڌ ۾ طبقاتي نظام تي هڪ ڀرپور چوٽ آهي"- تہ ان تي بحث جي گنجائش نڪري ٿي ۽ مثال ڏئي ثابت ڪرڻو پوندو تہ سنڌ جو سماج ڪيئن ۽ ڪهڙو آهي، ان ۾ طبقاتي نظام جي صورتحال ڪيئن آهي ۽ جمال ابڙي ڪهڙي پس منظر سان اهو فسانو لکيو ۽ ان جي لکڻ جو ڪارڻ ڪهڙو هو ۽ افساني مان مثال ڏئي، اقتباس ڏئي ثابت ڪرڻو پوندو تہ اهو ڪهڙيءَ ريت طبقاتي نظام تي ڀرپور چوٽ آهي.

ادبي تحقيق ۾ چند موضوعن تي تحقيق جي روايت پيل آهي جن مان ڪي هي آهن.

(1) ادب ۾ عموماً تقابلي جائزا يا مطالعا (Comparative Analysis or Study) ڪندا آهن.

هاڻي اتي اها ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻ گهرجي تہ تقابلي مطالعو يا ڀيٽاڀيٽي اڀياس نڪو ٻن بلڪل ابتڙ يا متضاد نظريا رکندڙ اديبن يا شاعرن جو ڪبو آهي ۽ نہ ئي ٻن بلڪل هڪجهڙن ۽ هڪجهڙي پس منظر رکندڙن جو ڪبو آهي- اسان شيخ اياز ۽ فيض احمد فيض جو تقابلي جائزو يا مطالعو تہ ڪري ٿا سگهون پر فيض احمد فيض ۽ ڪنهن نعت گو شاعر جي ڀيٽ نٿا ڪري سگهون- ها پر جيڪڏهن فيض بہ نعتون لکيون هجن تہ پوءِ

البت گنجائش نه ڪري ٿي. ساڳيءَ ريت شاعرن جي حيثيت ۾ شيخ اياز ۽ ابراهيم خليل جي ڀيٽ ڪرڻ لاءِ ڪوجواز ۽ سبب ڪونهي.

ٻئي پاسي هڪ ئي صنف جي ٻن شاعرن يا ساڳئي موضوع تي لکندڙ مختلف ٻولين جي ليکڪن جي ڀيٽ ته ڪري سگهجي، جيئن شاهه لطيف ۽ علامه اقبال جي شاعريءَ ۾ 'تصوف' يا شاهه لطيف ۽ ميردرد جي شاعريءَ ۾ 'روحانيت'، شاهه لطيف ۽ ورڊ سورٿ جي شاعريءَ ۾ 'فطرت جا منظر' وغيره. ڀيٽ جي لاءِ ٻنهي شاعرن ۾ ڪي ڳالهيون مختلف هئڻ سان گڏ هڪجهڙائي ۽ مماثلت به ضروري آهي، جنهن تي بحث ڪجي ۽ دليل ڏجن. نه ته به مختلف ۽ متضاد نظريا رکندڙ شاعرن جي ڀيٽ وارو اڀياس ڪرڻ جو ڪو فائدو ڪو نه ٿيندو. ان مان ثابت ٿئي ٿو ته جڏهن توهان ڪنهن علمي ادبي موضوع تي تحقيق ڪندا هجو ته اهڙو نڪتو سامهون آڻبو جنهن جي وضاحت ضروري هجي. ان جي تنقيدي ڪٿ (Critical evaluation) ڪري سگهجي ۽ تصديق به ڪري سگهجي ته ڇا صحيح آهي ڇا غلط آهي.

(2) ڪردار نگاريءَ تي تحقيق. ان ۾ اهو ڏسڻو پوندو آهي ته ڪنهن شاعر يا اديب جيڪي ڪردارتخليق ڪيا آهن. ڇا اهي حقيقي آهن، علامتي آهن، تمثيلي يا تاريخي اهميت رکن ٿا. مثال طور:

شاهه لطيف جي ڪردارن کي ڏسو: هيستائين شاهه تي ٿيل تحقيق ۾ جن پهلوئن کي بحث هيٺ آندو ويو آهي سي هي آهن:

(الف) جيئن ته اهي ڪردار شاهه صاحب پاڻ تخليق نه ڪيا آهن بلڪ اڳ ۾ مقبول ۽ مشهور لوڪ عشقيه داستانن مان ورتا آهن ان ڪري امڪان آهي ته اهي قصا حقيقي هجن ۽ ڪردار به حقيقي هجن. جيڪي زباني روايتن ذريعي زنده رهيا. جڏهن اها ڳالهه طئي ٿي وڃي ته پوءِ انهن قصن ۾ موجود ڪن اشارن ۽ اهڃاڻن، تاريخي ۽ جاگرافيائي ٽاڻن جي مدد سان انهن کي تاريخ ۽ جاگرافيائي حدن ۾ ڳوليو ويندو آهي. عمر مارئي جي داستان ۾ عمر جو ڪردار هڪ بادشاهه جو ڪردار آهي جيڪو سومرا خاندان سان تعلق رکڻ ڪري تاريخ ۾ سومرن جي دور ۾ ڳولبو. سومرن جي تاريخ ۾ "عمر" نالي وارا هڪ کان وڌيڪ بادشاهه گذريا آهن. پوءِ اها ڳولا شروع ٿيندي ته اهو ڪهڙو عمر آهي، سندس دور ۽ ان دور جون ٻيون ڳالهيون ملايون وينديون ۽ طئي ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي ته آخر اهو ڪهڙو عمر بادشاهه هو. ٻئي طرف مارئي هڪ غريب ڇوڪري آهي جيڪا ٿر جي غريب مارو ماڻهن جي ڌيءَ آهي. هاڻ ٿر جي وسيع علائقي ۾ ان جا اهڃاڻ ڳوليا ويندا ۽ سندس ڳوٺ، ماءُ ، پيءُ، مڱيندي جي سڃاڻپ ڪئي ويندي ۽ ائين هڪ ڊگهو سلسلو شروع ٿي ويندو ڇو ته ڪنهن بادشاهه کي ته تاريخ ۾ ڳولڻ سولو آهي پر ڪنهن عام ماڻهوءَ کي ڪيئن ڳولبو؟ ان لاءِ تاريخ بدران روايتن تي ڀاڙڻو پوندو، جنهن لاءِ وري کوجنا جو هڪ ڊگهو سلسلو هلي پوندو. هڪ ٻي ڳالهه به ان معاملي ۾ پيدا ٿي سگهي ٿي سا اها ته عام مروج قصي ۾ ۽ شاهه صاحب جي عڪاسي ۽ پيشڪش (depiction) ۾ الاهي فرق آهي، ان ڪارڻ اهو خيال پيدا ٿيو ته اهي ڪردار تاريخي، نيم تاريخي يا روايتي ڀلي هجن پر شاهه صاحب انهن کي صرف پنهنجي ڪنهن خيال، فلسفي يا فڪر جي پيش ڪرڻ لاءِ تمثيل ۽ علامت طور استعمال ڪيو آهي. ان ڪانپوءِ جڏهن انهن کي علامتي يا تمثيلي ڪردار طور مڃبو ته هر طبقو ان کي پنهنجي ذهن ۽ نظريي موجب سمجهائيندو. مارئيءَ کي ڪن روح جي علامت چيو ۽ عمر کي نفس جي علامت ۽ سندس محلن کي هيءَ دنيا ته ملير کي عالم ارواح چيو جتي روح آزاد پيا گهمندا آهن. ٻئي طرف قومي سوچ رکندڙ محققن مارئي کي هڪ عام فرد جي علامت چيو جنهن کي وقت جي حڪمرانن قيد ڪري رکيو آهي ۽ اهو آزاديءَ ۽ خود مختياريءَ لاءِ ٿو تڙپي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته تحقيق ۾ غير جانبدار ٿي سوچجي ۽ نتيجا منطقي انداز ۾ ڪڍيا وڃن.

(2) ڪردار نگاريءَ جي حوالي سان هڪ مفروضو اهو به آهي ته اهي سمورا داستان افسانوي (fiction) يا ديوملائي ڪهاڻيون (mythological stories) آهن جيڪي دنيا جي هر قوم وٽ هونديون آهن ۽ انهن جي هڪٻئي سان هڪجهڙائي به هوندي آهي (سواءِ مقامي تفاوتن جي) مثال طور يونان ۾ 'هيلن آف ٽراءِ' هڪ غريب ڇوڪري هئي جنهن کي اغوا ڪيو ويو هو، هومر انهيءَ ڪردار کي کنيو ۽ پنهنجي ڪردار طور پيش ڪيو، هندستاني ڏند ڪٿا ۾ 'سيتا' کي اغوا ڪيو ويو هو جنهن تان سندس ڪردار تي به آخر ڪنئي وئي هئي پر هوءَ پاڪدامن رهي، ساڳي طرح هنديءَ ادب ۾ ملڪ محمد جائسيءَ وٽ "پدماوت" جو ڪردار آهي- انهي تناظر ۾ هڪ مفروضو اهو به اٿاريو ويو ته 'عمرماروئيءَ' جو قصو به اهڙو ئي ڪو قصو آهي، جنهن ۾ هڪ بادشاهه ڇوڪريءَ کي اغوا ڪيو ۽ هوءَ ڪنهن ڊپ ڏاءَ يا لالچ ۾ اچڻ بدران ثابت قدم رهي، پنهنجي 'لڄ' ۽ 'اباڻي' لوئيءَ جو مان رکيو- شاهه صاحب ان کي پنهنجي انداز ۾ ورتايو.

ساڳيءَ طرح 'سهڻي ميهار' جو قصو آهي، جنهن کي پنجاب جا محقق پنجاب جو قصو ثابت ڪرڻ لاءِ زوراڻتا دليل ۽ ثبوت پيش ڪن ٿا ته سنڌ جا محقق وري ان کي سنڌ جو ثابت ڪرڻ لاءِ پورو زور لڳائيندا رهيا آهن ايتريقدر جو ماڻهو انهن ڪردارن جون قبرون به سنڌ ۽ پنجاب ۾ پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ هئڻ جي دعويٰ ڪن ٿا.... هاڻي اهو تحقيق ڪرڻ واري تي منحصر آهي ته اهو ڪهڙي مفروضي تي پنهنجو ڪم ٿو شروع ڪري ۽ ڪيئن ٿو ان کي دليلن ۽ ثابيتن سان ثابت ڪري.

(3) ادبي تحقيق ۾ هڪ صورت اها به ٿيندي آهي ته ڪنهن فلاسفر جي نظريي مطابق ڪنهن اديب يا سندس فنپاري جو اڀياس ڪجي- مثلا فرائڊ جي نظريي مطابق ڪنهن لکڻيءَ جو ڇيد ڪجي، ڪارل مارڪس جي معاشي نظريي جي بنياد تي ان جو تجزيو ڪيو وڃي يا، اسلامي عقيدي جي روشنيءَ ۾ ڪنهن تصنيف جو مطالعو ڪيو وڃي- هڪ لبرل کاٻي ڌر جو (leftist) محقق جيئن تحقيق ڪندو لازمي آهي ته ڪو مذهبي ساڄي ڌر جو (rightist) ماڻهو ائين تحقيق ڪو نه ڪندو.

(4) اهو به ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن هڪ موضوع يا عڪس وغيره کي مختلف شاعرن وٽ ڳوليو وڃي جيئن "حسن ۽ عشق" جو موضوع، "برسات" جو ، "فطرت جي مظهرن- چنڊ تارن ڪتين"، وغيره جا موضوع.

هڪ ڳالهه جيڪا عام طور ادبي يا لساني تحقيق ۾ ڏسڻ ۾ ايندي آهي سا اها ته حضرت آدم کان ڳالهه شروع ڪندا ۽ ڊگها بحث ڪري اصل ڳالهه تي آخر ۾ ايندا آهن. سنڌ بابت تحقيق موهن جي دڙي کان ڪندا. تحقيق لاءِ تعارف يا پسمنظر ته ڏيڻ ضروري آهي ۽ تمهيد ٻڌڻ به گهرجي، پر ان کي مختصر رکجي، ڇوته تحقيق صرف مقرر دائري ۾ ٿيندي آهي ۽ موجود شاهدين جي مدد سان ڪبي آهي- جديد تحقيق ۾ تحقيق جو دائرو Scope طي ٿيل هوندو آهي. اجايو گهڻو پٽيان وڃڻ سان هڪ ته ڪيتريون شاهديون به گم ٿيل يا اڻلڀ هونديون آهن، ان ڪري نه ملنديون آهن، ٻيو ته اصل موضوع جي ثانوي اهميت ٿيو وڃي، ان ڪري ائين نه ڪرڻ گهرجي.

ان کان سواءِ جيڪڏهن ڪنهن شاعر تي تحقيق هوندي ته شاعر جي سوانح تي ڪيترائي صفحا لکي اجايو وقت ضايع ڪيو ويندو، بنا اهو ڏسڻ جي ته موضوع ڪهڙو آهي. جيڪڏهن تحقيق جو موضوع شاعر جي زندگي هجي ته ضرور سوانح حيات ۽ زندگيءَ جا معاملا مسئلا بحث هيٺ ايندا نه ته صرف مختصر طور بيان ڪبو- جيڪڏهن موضوع شاعر جو "فن ۽ فڪر" آهي ته فوڪس ان جي فن ۽ فڪر جي پس منظر ۽ پيش منظر تي هئڻ گهرجي ۽ انهيءَ ۾ جيڪڏهن سندس زندگيءَ جا ڪي تجربا ۽ مشاهدا

اثرانداز ٿيل هجن تڏهن سوانح مان زندگيءَ جي انهن واقعن ۽ حالتن تي روشني وجهبي.

آخر ۾ اهو چئي سگهجي ٿو تہ تحقيق ڪندڙ وٽ هڪ واضح تصور هجي تہ هو ڇا ٿو ثابت ڪرڻ چاهي، ان وٽ اڳ ٿيل تحقيق بابت واقفيت هجي. جي اڳ ۾ ان موضوع تي تحقيق ٿيل ناهي تہ پاڻ ان تي نئين تحقيق ڪري، جي اڳ ۾ اڌپوري تحقيق ٿيل آهي تہ ان کي اڳتي وڌائي سگهجي ٿو جي اڳ ٿيل تحقيق سان متفق نہ هجي ۽ ڪڍيل نتيجن سان اختلاف هجي تہ پنهنجي مختلف نقطہ نظر سان تحقيق ڪجي، باقي اڳ ۾ ڪيل موضوعن کي اجايو ورجائڻ وقت جو زيان ٿيندو. ڇو تہ تحقيق جو مقصد هر حال ۾ اهو هئڻ گهرجي تہ ان سان ايندڙ نسلن کي ڪهڙو فائدو ٿيندو.

جڏهن آخرڪار فيصلو ڪري ونجي تہ ڪهڙي موضوع تي ڪم ڪرڻو آهي تہ عنوان طئي ڪرڻ وقت اهڙو عنوان سوچيو وڃي جيڪو فوري طور ذهن ۾ سوال اٿاري ۽ اهڙو مفروضو (hypthesis) پيش ڪيو وڃي جيڪو فوري طور تي پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪري.

اهي سڀ ڳالهيون ٿيسز لکڻ کان اڳ symopsis ۾ طي ٿيل هونديون آهن، پر انهن جو ٿيسز لکڻ مهل وڏو ڪردار ٿئي ٿو. ڇو تہ جڏهن توهان ٿيسز لکڻ شروع ڪندا تہ ان جي لاءِ هڪ خاڪو اڳئي توهان جي ذهن ۾ جڙيل هوندو ۽ توهان ٿيسز لکڻ وقت ان ئي رٿا موجب پهريون جملو بہ سوچي سمجهي لکندا ۽ بنيادي خاڪو بہ ائين ئي ٺاهيندا، جيئن طي ٿيل هجي. هاڻي ان کي اثرائتي انداز ۾ ممتحن ۽ پڙهندڙ تائين پڄائڻ جو مرحلو آهي، ان ڪري وڏي توجهہ ۽ خيال سان ملڻ جي شروعات ڪبي.

هاڻي اچو تہ مختصر طور ڪجهہ نڪتا (tips) ٿيسز لکڻ بابت سکون:

1. بنيادي خاڪو لکڻ لاءِ مواد جي ضروري ايڊٽنگ
Content editing for outline presentation

2. لاڳاپيل بنيادي ۽ ثانوي وسيلن (sources) مان ڳولا ڪانپوءِ نظرثاني ڪيل مواد کي يڪجا ڪرڻ
Research and review of relevant literature (primary and secondary)

3. رٿيل ڪم جي پيشڪش – ٿيسزجو مواد ۽ جوڙجڪ
Proposal development _ content and structure of the thesis/dissertation

4. لکڻ ۾ رهنما اصول: اظهار جي چٽائي
(Clarity in expression)

5. مسودي کي ڪتاب واري شڪل ڏيڻ
(Manuscript conversion in book from)

6. دستاويزي نمونو پنهنجي تعليمي اداري/ يونيورسٽيءَ جي هدايتن موجب سهڻي نموني ٿيسز جي شڪل ۾ پيش ڪرڻ
Document design according to the specific guidelines given by the university and develop effective visual presentation for the thesis/dissertation

7. مضمون جي ماهرن سان لهہ وچڙ
(Academic consulation)

8. انڊيڪس ٺاهڻ (Indexing)

9. شمارياتي ڇيد (Statistical analysis) انگن اکرن، نقشن، خاڪن ۽ فارمولن وغيره جي درست هئڻ ، چنڊ ڇاڻ، صفائي / چٽائي، تز ۽ پورو پنو هئڻ، جذبو ۽ خلوص ٿيسز جون خاص خوبيون هئڻ گهرجن ۽ ڪيفيتي ۽ مقداري تحقيق موجب ڊيٽا جي ترتيب, تنظيم (management) ۽ تحقيق جي رخ جو صحيح تعين هئڻ جي پڪ ڪجي.

10. آخر ۾ تحرير ۾ صورتخطي، گرامر، بيهڪ جي نشانين، انگن، فونٽن، سرن (headings) وغيره جي چڱي ريت چڪاس ڪرڻ گهرجي جو متان ڪا ننڍي غلطي سموري محنت جو مجموعي تاثر خراب ڪري ڇڏي.

حوالن جي سلسلي ۾ بنيادي اصول ته اڳ ۾ گهڻائي پيرا ورجايا ويا آهن پر ڪي خاص نڪتا ضرور ياد رکڻ گهرجن، سي هي آهن:

1. ننڍين ننڍين حوالن کي ڪوٽيشن مارڪس يا واڪ جي نشانين سان لکبو.
2. شروع ۾ نوٽس وٺڻ مهل حوالو اتي جو اتي لکڻ گهرجي ته جيئن ٿيسز ۾ اهو لکڻ مهل ڳولهڻو نه پوي ۽ ڪو حوالو رهجي نه وڃي نه ته نقل (plagiarism) جو الزام لڳندو.
3. وڏن حوالن ڏيڻ مهل پئرائن ۾ پاسا ڇڏي لکجي پر جيڪڏهن ڪنهن حوالي تي بحث ڪرڻو هجي ته ڪوشش ڪري ڪينچي لئي وارو طريقي (cut and paste) کان پاسو ڪجي ڇو انهن مان ظاهر ٿيندو ته تحقيق ڪندڙ شاگرد تنقيدي شعور کان وانجهيل آهي. پنهنجن لفظن ۾ (paraphrasing of a text) لکڻ گهرجي. ان سان ظاهر ٿيندو ته توهان جيڪي پڙهيو آهي ان کي سمجهيو به آهي، تڏهن ته پنهنجن لفظن ۾ لکيو آهي (پر صرف ڪي لفظ مٽائڻ يا لفظن کي اڳيان پٺيان ڪرڻ سان اهومقصد حل ڪو نه ٿيندو) سمورو خيال پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪجي ۽ پلي ته اهو سڄو خيال (paraphrased idea) مختلف لڳي پر ان جو حوالو ضرور ڏجي ته ڪٿان آيو آهي، ڪنهن جو خيال آهي.
4. توهان جا پنهنجا خيال به جيڪڏهن ڪنهن حوالي سان زورائتا ڪرڻا هجن ته خيالن، لفظن، تصورن وغيره جو به ذريعو (source) ڄاڻايو نه ته ڪو به نقل جو الزام هڻي سگهي ٿو.
5. حوالي ڪانپوءِ لفظ وڌائڻا هجن ته ڏنگين ۾ لکوءِ جي ان مان ڪجهه گهٽائڻو هجي ته ٽي ٽٻڪا (ellipses marks) ڏبا، پر جي حوالي ۾ اڳئي ٽٻڪا هجن ته پوءِ توهان پنهنجا ٽٻڪا ڏنگين ۾ ڏيندا.
6. فوٽ نوٽس ۾ وضاحتون/ سمجهاڻيون ۽ واڌو ڳالهيون، اضافي معلومات (مثلاً ڏسو فلاڻو ڪتاب وغيره) ڏبي ۽ هڪ کان وڌيڪ هئڻ جي صورت ۾ نمبر يا نشان لڳائبا.

*(ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي جي شاگردن کي "Research Methodology" بابت ڏنل ليڪچر. هن ليڪچر جي تياريءَ لاءِ انٽرنيٽ جي مختلف Sites تان مدد ورتي وئي ۽ هيٺيان ڪتاب پڙهيا ويا).*


1. Research Methodology (In Humanities) Dr. Muhammad Reza Hafeznia, Goro Publication, Lahore, 1996.
2. Research in the Humanistic and Social Science, Fredric Austin, London, 1928.
3. Research and Thesis Writing – John C. Almack – Cosmo Publication s, New Delhi, 2006.
4. Context and Method in Qualitative Research, edited by Gale Miller and Robert Dingwall, Sage Publications, London, Thousand Qaks, New Delhi, 1997.
5. ادبي تحقيق کي اصول، ڊاڪٽر تبسم ڪاشميري،مقتدره قومي زبان، اسلام آباد 1992
6. اردو تحقيق، صورتحال اور تقاضے، پروفيسر معين الدين عقيل، مقتدره قومي زبان، اسلام آباد، 2008

الطاف حسين جوکيو

# سنڌي صورتخطيءَ ۾ لفظن جي مرڳّب صورت وارو معاملو

وچور


.1.1 ترجيحي صورت لاءِ بحث هيٺ آندل مرڪب لفظ
.1.2 لفظ مرڪب ۽ مرتّب جي لغوي اکيڙ
.1.2.1 مرڳّب ۽ مرتّب لفظن جا دائرا
.1.2.2 ’مرڪب/ مرتب لفظ ملائي يا الڳ لکڻ‘ جو جائزو
.1.2.3 لئنگويج اٿارٽيءَ پاران پيش ڪيل مرڪب لفظ
.1.3 اٽلاٽي/ نچوڙ
.1.3.1 وياڪرڻي معاملو
.1.3.2 مرڳّب صورتن جو معاملو
.1.4 ڇنڊڇاڻ
.1.4.1 وياڪرڻي صورتون
.1.4.2 مرڳّب صورتون
.1.4.2.1 الڳ صورت ۾ لکجندڙ ٻٽا لفظ
.1.4.2.1.1 الڳ صورت ۾ لکجندڙ ٻِٽن لفظن جون خاصيتون
.1.4.2.2 ڳنڍيل صورت ۾ لکجندڙ ٻٽا لفظ
.1.4.2.2.1 ڳنڍيل صورت ۾ لکجندڙ ٻِٽن لفظن جون خاصيتون
.1.5 حاصل مقصد
.1.6 مرڪب لفظن جي ترجيحي صورت


## .1 لفظن جي مرڳّب صورت وارو معاملو

### .1.1 ترجيحي صورت لاءِ بحث هيٺ آندل مرڪب لفظ

هيڪجهڙي/ هڪ جهِڙي، هڪ ٻئي/ هڪٻئي،
نواب شاهہ/
نوابشاهہ، ڄام شورو/ ڄامشورو، سڌو سنئون/
سنئون سڌو وغيره.

### .1.2 لفظ ’مرڪب‘ ۽ ’مرتّب‘ جي لغوي اکيڙ

مرڳّب ۽ مرتّب لفظن بابت تفريق وارو بحث جيئن تہ ڪافي طويل آهي ۽ هن هنڌ صرف صورتخطيءَ جو معاملو مقصود آهي؛ ان صورت ۾ مرتّب ۽ مرڳّب لفظن جي مختصر دائرن بعد عام صورتخطيءَ جي اڀياس تي ئي پاڙجي ٿو.

- مرتّب: هي عربي لفظ آهي، هن بنيادي لفظ تي، سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻين وزنن وارا هيٺيان لفظ ڪم آندا ويندا آهن:
  - ’رَتَبَ‘، (بنياد) بروزن ’فَعَلَ‘، معنيٰ: هو ثابت رهيو، هو ٺهي بيٺو.
  - ’ترتِيب‘، (مصدر) بروزن ’تَفعِيل‘، معنيٰ: سهيڙڻ.
  - ’مرتِّب‘، (اسم فاعل) بروزن ’مُفعِّل‘ معنيٰ: سهيڙيندڙ.
  - ’مرتَّب‘، (اسم مفعول) بروزن ’مُفعَّل‘ معنيٰ: سهيڙيل.

سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن/ صرفين جي جوڙ ملائڻ لاءِ هي اصطلاح ڪم آندو ويندو آهي. مختصر تہ ڪي ٻہ ٻہ يا وڌيڪ لفظ سهيڙي گڏ بيهارڻ! اها تہ ٿي لفظ جي لغوي معنيٰ، تہ پوءِ ان جو دائرو ڪيترو آهي؟ ان جي وصف ۾ ڪهڙي قسم جا لفظ اچي سگهن ٿا؟ ان بابت هن کان اڳ شايد ڪنهن دائرو جوڙيو هجي؟ دائري مقرر ڪرڻ بعد ڪي لفظ شامل ڪيا هوندائين؟ شامل ڪيل لفظ ڪيتري قدر ان تي پورو لهن ٿا؟ وغيره جهڙن سوالن تحت اڀياس ڪيو ويندو آهي. مذڪوره عنوان تي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي

تفصيلي ڪم ڪيو آهي ۽ ڊاڪٽر الانا صاحب به ان جي ڪن پاسن تي ٻيهر سوچڻ لاءِ ضرورت ڏيکاري آهي. بهرحال هت ان موضوع جي تفصيل ۾ وڃڻ کان لنوائيندي ڊاڪٽر جيٽلي جي جوڙيل دائري تي اڪتفا ڪجي ٿي:

"مرتّب لفظ (Complex word) اهو آهي، جنهن ۾ هڪدم ويجهن جزن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ جزو پَروس روپ آهي." (نفيس، 4_ 1990: 31)

- مرڪّب: هي لفظ به عربي ٻوليءَ جو آهي، سنڌي ٻوليءَ ۾ هن جي بنياد مان ٻين وزنن وارا لفظ هيٺينءَ ريت ڪم آندا ويندا آهن:
  - 'رَڪبَ/ رڪّبَ'، (بنياد) بروزن 'فَعَلَ/ فَعّلَ'، معنيٰ: هن جوڙيو هن ملايو.
  - 'ترڪِيب' (مصدر) بروزن 'تَفعِيل'، معنيٰ: جوڙڻ.
  - 'اِرتِڪاب' (مصدر) بروزن 'اِفتِعال' معنيٰ: اختيار ڪرڻ، ڪنهن ڪم ۾ هٿ ڳنڍڻ/ وجهڻ.
  - 'مرڪّب' (ترڪيب مصدر مان، اسم مفعول) بروزن 'مُفَعّل' جوڙيل.
  - 'مُرتَڪِب' (ارتڪاب مصدر مان، اسم فاعل) بروزن 'مُفتَعِل'، اختيار ڪندڙ.

لفظن جي ڇيد بعد سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي وصف ڏجي ٿي، جنهن ۾ ڄاڻايو اٿس ته: "مرڪّب (Compound word) اهو آهي، جنهن ۾ ٻئي هڪدم ويجها جزا آزاد روپ هوندا آهن." (نفيس، 4_ 1990: 31)

### 1.2.1. مرڪّب ۽ مرتّب لفظن جا دائرا

انتهائي مختصر جاچڻ بعد هت صرف صورتخطيءَ جي حوالي سان اپياس پيش ڪجي ٿو:

مرتّب ۽ مرڪّب لفظن جي نوعيت مان اندازو ٿئي ٿو ته مرتّب لفظ هر صورت ۾ ملائي لکڻ گهرجن. ڇاڪاڻ ته مرتّب لفظ ۾ هڪ جزو/ صرفيو پروَس هوندو آهي؛ جڏهن ته مرڪّب لفظ الڳ لکڻ گهرجن، ڇاڪاڻ ته ان جا جزا پروس نه هوندا آهن. پر عام صورتن ۾ ائين نه ٿو ٿئي، جيئن:

- مرتّب لفظ: اڻ_ وڻندڙ ٻي_ ٽُڪو وغيره.
- مرڪّب لفظ: صورتخطي (صورت + خطي)، اڳڪٿي (اڳ + ڪٿي) وغيره.

مٿئين ڏنگ مان پتو پوي ٿو ته صورتخطيءَ ۾ ملائي يا الڳ لکڻ وارو معاملو مرڪّب يا مرتّب لفظن جي دائري کان ٻاهر آهي. هن صورت ۾ صرف 'مرڪّب صورت' جو اصطلاح استعمال ڪندي، اپياس ذريعي ملائي يا الڳ لکڻ واري معاملي لاءِ ڪي دائرا متعيّن ڪرڻ ممڪن آهن.

### 1.2.2. 'مرڪب صورت وارا لفظ ملائي يا الڳ لکڻ' جو جائزو

مرڪب صورت وارا لفظ ٻن يا ٻن کا وڌيڪ اهڙن لفظن تي مشتمل هوندا آهن، جيڪي خيال/ تصور ۾ هڪ هجن. سنڌي ٻوليءَ ۾ ٽن قسمن جا مرڪب صورت وارا لفظ جاچيا ويا آهن:

1. ڪليل مرڪب صورت وارا لفظ: اهڙا لفظ جيڪي الڳ الڳ لکيا ويندا هجن؛ جيئن: سنئون سڌو، ڍڳي ڳاڏي، دال روٽي، ڄاڻي ٻجهي، مهمان مڙهو پاڄي پتي، اتر واءُ، چڱو ڀلو، آتم ڪهاڻي، انگ اکر، ٻانهن ٻيلي، لڏ پلاڻ، جڳ مشهور، ٽڏو مٺو، قوه جواني، خدا پرست، خدا ترس، وغيره.
2. ڳنڍيندڙ ليڪ سان مرڪب لفظ: اهڙا لفظ جيڪي ڳنڍيندڙ ليڪ سان الڳ لکيا ويندا هجن؛ جيئن: هڪ_ اڌ، ٻه_ اکري، ٻه_ اڌائي، يڪ_ طرفي، يڪ_ مشت، دو_ چشمي، ورڻ_ مالا،

الف- بي، شمسي- قمري، ڏندن- چپ گاڏئون، ٽيھہ- اکري، اُپ- ورڻ، زيرون- زبرون، واؤ- ويڇو وغيره.

3. مستقل مرڪب لفظ: اهڙا لفظ جن کي گڏي هڪ لفظ ڪري لکيو ويندو هجي؛ جيئن: ڪلمُک، ڪٽمنڙو اڳڪٿي، هڪدم، آسپاس، پنيرائي، چڱيلائي، پوروچوٽ، گڏوگڏ، ڏانواڊول، آپگهات، مهمانوازي، پوئلڳ، پيچڪڙي، سالگره، گهٽگهرو، افراتفري (افراط و تفريط)، صورتخطي، آمدورفت، خوبصورت، تندرست، فرمانبردار، خوشگوار، رحمدل، يڪتارو، رهائشگاه وغيره.

**مرڪب لفظ جون صورتون ٻن حالتن ۾ نوٽ ڪيون ويون آهن: هڪ: دائمي، ٻي: عارضي.**

- دائمي مرڪب صورت: هيءَ لفظن جي مرڪب صورت اهڙي بڻجي ويندي آهي جنهن کي صورتخطيءَ ۾ هڪ مستقل حيثيت حاصل هوندي آهي ۽ لغتن ۾ پڻ جاءِ ڏني ويندي آهي؛ جيئن: اڳڪٿي، خودڪشي، تندرست وغيره
- عارضي مرڪب صورت: هيءَ لفظ جي مرڪب صورت اهڙي بڻائي ويندي آهي، جيڪا پڙهندڙ جي ضرورت آهر، وقتي ڪم آڻي سگهجي، پوءِ اها ڪليل صورت هجي، ڳنڍيندڙ ليڪ سان هجي يا ملائي لکڻ واري صورت! ليڪن ايترو ضرور آهي ته اها عام ٿيڻ کان پوءِ هڪ صورت اختيار ڪري لغت جي زينت پڻ بڻجي سگهندي آهي؛ جيئن: 'ڏندن- چپ گاڏئون وينجن آواز' (الانا، 2009: ڏنل چارٽ تان)

مرڪّب/ مرتّب لفظ ملائي يا الڳ لکڻ وارو معاملو ڪافي پراڻي وقت کان هلندڙ آهي، ننديرام ميراڻي سيوهاڻيءَ جيڪو 'باب نامو' (ٻاراڻو ڪتاب) لکيو، جنهن کي 1853ع ۾ تعليم کاتي ڇپائي پڌرو ڪيو هو. انهيءَ جي سن 1857ع واري لِٿو ڇاپي جي پهرين صفحي تي آئيويٽا ڏيئي، پوءِ ٻاويهہ صفحن تائين وينجنن تي اعرابن سان گڏ ڪي لفظ اهڙا به سڌاريا ويا، جيڪي الڳ يا گڏ لکيا ٿي ويا.

| هاٺوڪي هِجي | نندیرام جي باب نامي مان |
|---|---|
| ٻِپهري | ٻہَ پهري/ ٻِہ پهري |

ڊاڪٽر مرليڌر صاحب صورتخطيءَ جي خيال کان لفظن کي گڏي لکڻ واري ڍنگ تي تنقيدي نظر رکندي لکي ٿو ته: "نندیرام ڪيترن هنڌن تي ٻن لفظن کي گڏي هڪ لفظ وانگر لکيو آهي، جن کي حقيقت ۾ جدا ڪري لکڻ کپي:

| هاٺوڪي هِجي | نندیرام جي باب نامي مان |
|---|---|
| نہ ڪجي | نَڪَجي |
| هڪ جهِڙي | هيڪجهڙي |
| اُنَ کي | اُنَنِکي |
| اُنَ مان | اُنمان |
| (ڳچ جيترن)." | ڳچجيتِرن |

(جيٽلي، 1999: 178)

19 ڊسمبر 1998ع تي، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران درسي ڪتابن ۾ درست ٻوليءَ جي استعمال بابت سڏايل ورڪشاپ ۾ گروپن جي صورت ۾ صورتخطيءَ جي حوالي سان ڪي سفارشون پيش ڪيون ويون. سنڌي پهرئين ڪتاب لاءِ جيڪي سفارشون ڏنيون ويون هيون، ان ۾ هڪ لفظ گڏي لکڻ جي حوالي سان به هو، جيڪو هيٺينءَ ريت هو:

- ڪجهہ لفظن جي اِملا (صورتخطي) درست لکيل نہ آهي يا ڪجهہ لفظ گڏي نہ لکيا ويا آهن. انهن جي املا/ صورتخطي درست ڪئي وڃي، جهڙوڪ:

هڪ ٻئي = هڪٻئي (صحيح)

(تاج، جون_ 1999: 71)

2001ع ۾ هن مسئلي تي پروفيسر تاج جويي صاحب 'ميڊيا ۽ سنڌي ٻولي' جي موضوع هيٺ مرتّب ڪيل ڪتاب جي مقدمي ۾ 'سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال' جي عنوان هيٺ لکي ٿو تہ: "ڪيترا ليکڪ مالڪي ڏيکاريندڙ لفظن يا مختلف ضميري صيغن کي لکڻ جي اصول کان غير واقف هئڻ ڪري، انهن جي صورتخطيءَ يا لکت وقت مونجهاري جو شڪار هوندا آهن. انهن جي اها ڄاڻ نہ هوندي آهي تہ انهن لفظن يا صيغن کي ڌار لکجي يا گڏي لکڻ کپي. لفظن جي انهيءَ غلط طريقي کي بہ 'ٻوليءَ جي لکڻ' واري انداز جو بگاڙ سڏي سگهجي ٿو. مثال طور:

1. منهن جو گهر گاڏيءَ ڪاتي ۾ آهي.
2. تنهن جو ڪتاب ڪڏهن ڇپبو؟
3. هر ڪنهن جو پنهن جو پنهن جو ظرف آهي.
4. اسانجو انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪجه نہ وڃي.
5. جنهن ڪانسواءِ دم نہ گذري، تنهن ڪانسواءِ ڏينهن ڪيئن گذرندا.
6. مونکي اج ڪم آهي.
7. جنهن جو ڪائجي، تنهن جو ڳائجي.
8. هن منهنجو حق غضب ڪيو. تنهن ڪري مون مٿس دانهيو.
9. رستو ڪڏا ڪڏا هئو. جنهن ڪري توهانکي تڪليف آئي.

ليڪ ڏنل لفظن جي 'صحيح لکت'/ صورتخطي هيٺين ريت ٿيندي:

' منهنجو، تنهن جو، ڪنهن جو، پنهنجو پنهنجو اسان جو، جنهن کان سواءِ، تنهن کان سواءِ، مون کي، جنهن جو، تنهن جو، تنهن ڪري، جنهن ڪري، توهان کي.' " (تاج، 2009: 26_ 27)

پروفيسر تاج جويي صاحب هن موضوع تي وقتائتا رايا رکيا آهن. البتہ، صورتخطيءَ ۽ بيهڪ جي نشانين کان غفلت ڪانئس بہ ٿي آهي. 'حق غضب' جو محاورو غلط استعمال ڪيل آهي، اهو لفظ 'غصب' سان ٿيندو. 'غضب' لفظ جي معنيٰ 'ڏمر' آهي، جڏهن تہ 'غصب' جي معنيٰ 'لٽڻ/ ڦرڻ' آهي. عام طور ڳالهائجندڙ محاورو 'غضب ٿي ويو' مان مراد آهي: الله جو ڏمر ٿي ويو. جڏهن تہ 'غصب ٿي ويو' معنيٰ 'لُٽ ٿي وئي'. علمي معاملن ۾ اهڙن لفظن تي محتاط رهڻ انتهائي لازمي هوندو آهي.*

هيٺيون جملو بہ بغير ڪنهن درست بيهڪ جي نشانيءَ (پوري دم) سان آيل آهي:

جنهن ڪانسواءِ دم نہ گذري، تنهن ڪانسواءِ ڏينهن ڪيئن گذرندا.

منهنجي راءِ مطابق 'سواليہ نشاني' اچڻ کپي، ٻيءَ صورت ۾ پلا 'عجب جي نشانيءَ' سان گذارو ٿي سگهي ٿو.♦

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت پيش ڪندڙ |
|---|---|
| اڄڪلهہ | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر مدد علي قادري، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. |
| اڄ ڪلهہ | ولي رام ولڀ، عبدالغفار صديقي، |
| اڄ ڪالهہ | ڪو بہ نہ. |

مختصر بروقت تنقيد ان سببان بہ ڪرڻي پئي ٿي، جو ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال' جي مقدمي طور ڏنل مضمون ۾ اهڙي غفلت نہ ٿيڻ

* اها ڪتاب ۾ پروف جي غلطي هئي، اصل لفظ 'غصب' هو (تاج جويو)

♦ اها ڳالهہ درست آهي، هتي 'سواليہ' نہ پر عجب جي نشاني ايندي. (تاج جويو)

گهرجي: پوءِ جيڪڏهن پروف ريڊنگ جي غلطي هوندي، تہ بہ اها ليکڪ جي مٿي ليکي ويندي. اڳي اهو رواج هوندو هو تہ جيڪڏهن ڪو ڪتاب ڇپجي بہ ويندو هو ۽ ڪي پروف جون غلطيون سامهون اينديون هيون تہ بجاءِ ڪنهن تڪڙ جي، پڇاڙيءَ ۾ لازماً 'ﭘلنامو' ڇاپي، آڳي يا پڇاڙيءَ ۾ چنبڙايو ويندو هو، تہ جيئن ڪنهن پڙهندڙ يا محقق لاءِ ڪو مونجهارو نہ رهي. لاچاريءَ جي صورت ۾ اهو عمل ڏاڍو ڀلو هوندو هو.

### 1.2.3. لئنگويج اٿارٽيءَ پاران پيش ڪيل مرڪب لفظ

'مرڪّب صورت' جي صورتخطيءَ وارن معاملن ڪي، ڊگهي خاموشيءَ بعد، باضابطہ طور تي 2008ع ۾ نئين سِري سان عالمن اڳيان پيش ڪيو ويو. هيٺ اهڙين صورتن ۽ عالمن جي راين ڪي سامهون رکجي ٿو:

- پيش ڪيل لفظ: اڄڪلهہ/ اڄ ڪلهہ/ اڄ ڪالهہ
- پيش ڪيل لفظ: پنهنجو/ پنهن جو

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت پيش ڪندڙ |
|---|---|
| پنهنجو | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ولي رام ولڀ،ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. |
| پنهن جو | ڪو بہ نہ. |

- پيش ڪيل لفظ: جنهن ڪري/ جنهن ڪري

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت پيش ڪندڙ |
|---|---|
| جنهن ڪري | محمد ابراهيم جويو ڊاڪٽر مدد علي قادري، آفتاب ابڙو ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. |
| جنهن ڪري | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، |

- پيش ڪيل لفظ: ڪان سواءِ/ ڪانسواءِ

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت پيش ڪندڙ |
|---|---|
| ڪان سواءِ | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. |
| ڪانسواءِ | محمد ابراهيم جويو ڊاڪٽر مدد علي قادري، آفتاب ابڙو. |

- پيش ڪيل لفظ: نواب شاه/ نوابشاه

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت پيش ڪندڙ |
|---|---|
| نواب شاه | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني |
| نوابشاه | محمد ابراهيم جويو ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو پروفيسر قلندر شاه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو |

* پروفيسر قلندر شاه راءِ رکي ٿو: شهر لاءِ 'نوابشاه' ۽ ماڻهوءَ لاءِ 'نواب شاه' لکڻ گهرجي.

○ پيش ڪيل لفظ: ڄامشورو/ ڄام شورو

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت پيش ڪندڙ |
|---|---|
| ڄامشورو | محمد ابراهيم جويو عبدالغفار صديقي، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، پروفيسر قلندر شاه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. |
| ڄام شورو | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، |

* پروفيسر قلندر شاه راءِ رکي ٿو تہ: ڳوٺ ۽ ضلعي لاءِ 'ڄامشورو' ۽ ماڻهوءَ لاءِ ڄام شورو.

○ پيش ڪيل لفظ: سڏو سنئون/ سنئون سڏو

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت پيش ڪندڙ |
|---|---|
| سڏو سنئون | آفتاب ابڙو شفيع محمد چانڊيو. |
| سنئون سڏو | ڊاڪٽر الانا، ولي رام، ڊاڪٽر مدد قادري، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ |
| سنئون سڏو/ سڏو سنئون (ٻئي) | محمد ابراهيم جويو عبدالغفار صديقي، پروفيسر قلندر شاه لڪياري |

○ پيش ڪيل لفظ: الف _ ب/ الف _ بي

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت پيش ڪندڙ |
|---|---|
| الف _ ب | ڊاڪٽر الانا، ابراهيم جويو عبدالغفار صديقي، آفتاب ابڙو |
| الف _ بي | ڊاڪٽر قادري، ڊاڪٽر عبدالغفور، ڊاڪٽر سحر امداد، شفيع چانڊيو. |
| الف _ بي/ ا _ ب | ولي رام ولڀ، |
| الف _ بي/ الف _ ب | پروفيسر قلندر شاه |

*پروفيسر قلندر شاه لڪياريءَ راءِ بہ رکي آهي تہ ٻئي صحيح آهن، جيئن: ABC/ Alphabet

(حقيقت ۾ انگريزي لفظ ABC ۽ Alphabet الڳ اصطلاحن ۾ توري سگهبا ۽ 'الف _ بي'/ 'الف _ ب' لفظ جو معاملو الڳ آهي.)

### 1.3. اٿلاٽي/ نچوڙ

هن مسئلي تي ويچارڻ جو اشارو 1998ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران درسي ڪتابن ۾ درست ٻوليءَ جي استعمال بابت سڏايل هڪ ورڪشاپ ۾ مليو ٿو جنهن ۾ صرف هڪ لفظ 'هڪبئي' بابت ترجيحي صورت متعيّن ڪئي وئي هئي. ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي صاحب پڻ پنهنجي ڪتاب: 'ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ (1999)' ۾ ڪي رايا رکيا آهن؛ ان بعد هن عنوان تي پروفيسر تاج جويي پنهنجي هڪ مضمون: 'سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال' جي آخر ۾ چند جملا ڏنا آهن، جن ۾ ملائي يا الڳ لکڻ جي حوالي سان ترجيحي صورتون بہ ڄاڻايون ويون آهن. جيڪي صورتون ڏنيون ويون آهن، سي هيٺينءَ ريت آهن:

' منهنجو ، تنهن جو، ڪنهن جو پنهنجو پنهنجو اسان جو جنهن ڪان سواءِ، تنهن ڪان سواءِ، مون ڪي، جنهن جو، تنهن جو تنهن ڪري، جنهن ڪري، توهان ڪي.'

مرڪّب/ مرتّب لفظن کي گڏي يا الڳ لکڻ جي معاملي ۾، باضابطہ طور تي 2008ع ۾ عالمن اڳيان چند لفظ پيش ڪيا ويا، جيڪي لفظ هن عنوان آهر ترجيحي صورت لاءِ سامهون آيا آهن، سي هن ريت آهن:

اڄڪلهہ/ اڄ ڪلهہ/ اڄ ڪالهہ، پنهنجو/ پنهن جو، جنهن ڪري/ جنهن ڪري، ڪان سواءِ/ ڪانسواءِ، نواب شاه/ نوابشاه، ڄامشورو/ ڄام شورو، سڌو سنئون/ سنئون سڌو، الف ـ ب/ الف ـ بي.

ڏنل اٺلاٽيءَ مان ٻنهي لفظن کي ملائڻ سان لفظن جا هيٺيان گروهہ ٻيهن ٿا:

### 1.3.1. وياڪرڻي معاملو

- اسان جو، منهنجو، پنهنجو، تنهن جو، تنهن جو، تنهن ڪري، تنهن ڪان سواءِ؛
- ڪنهن جو، جنهن جو، جنهن ڪان سواءِ، جنهن ڪري؛
- مون کي، توهان کي.

### 1.3.2. مرڪّب صورتن جو معاملو

- اڄڪلهہ/ اڄ ڪلهہ/ اڄ ڪالهہ.
- هڪ ٻئي/ هڪٻئي
- سڌو سنئون/ سنئون سڌو
- نواب شاه/ نوابشاه، ڄامشورو/ ڄام شورو.
- الف ـ ب/ الف ـ بي.

## 1.4. ڇنڊڇاڻ

هن عنوان ۾ جيڪي مرڪّب/ مرتّب لفظن جا نمونا سامهون آيا آهن، تن جي نوعيت پنجن قسمن جي آهي:

1. هڪڙا، لفظ وياڪرڻي اصولن موجب ملائي لکڻا ٿا پون، اُهي الڳ صورت ۾ لکڻ بي زيبا ٿا لڳن، جيئن: منهنجو، پنهنجو، تنهن جو.
2. ٻيا، اهي آهن جيڪي وياڪرڻي اصولن موجب ڌار لکيا ٿا وڃن، گڏ صورت ۾ اڻ ـ وڻندڙ پيا لڳن، جيئن: تنهن جو.
3. ٽيان، اهڙا آهن، جن سان وياڪرڻ موجب ڪنهن بہ صورت ۾ ڪنهن امڪان جو مونجهارو نہ ٿو رهي؛ ان لاءِ عالمن جي اتفاق تي پاڙيندڙ پوندو آهي، جيئن: ڪانسواءِ/ ڪان سواءِ؛
4. چوٿان، اهڙا مرڪّب صورتن جا لفظَ جن کي ڌار يا الڳ لکڻ لاءِ عام صورتخطيءَ کي جاچڻُو ٿو پوي، جيئن: اڄڪلهہ، چڱيڀلائي، صورتخطي، پيچ ٻڪ، پاڻي ڪانجهي، داڻو پاڻي وغيره.
5. پنجان، اهڙا لفظ آهن جيڪي 'ٻيهڪ جي نشانيءَ' سان ڳنڍيل لکيا ٿا وڃن، جيئن: الف ـ بي/ الف ـ ب.

هن عنوان سان لاڳاپيل معاملو اهڙو آهي، جنهن ۾ ڪي خاص مونجهارا ڪونهن، ان حالت ۾ گڏي لکڻ يا ڌار لکڻ يا ٻيهڪ جي نشانيءَ سان يا سواءِ لکڻ لاءِ ترجيحي صورت جي گهرج پيش ٿيندي آهي؛ ليڪن اهو تہ طئہ آهي تہ ترجيحي صورت لاءِ بہ ڪن مونجهارن معلوم ڪرڻ لاءِ اپياس ضروري هوندو آهي؛ ۽ لفظ جي وياڪرڻي حيثيت بابت اپياس ڪرڻ بعد جيڪي امڪاني مونجهارا ۽ مروّج صورت سامهون ايندي، ان حالت ۾ ڪا ترجيحي صورت متعيّن ڪئي ويندي آهي/ ڪرڻ گهرجي.

پروفيسر تاج جويي جي هيءَ ڳالهہ تہ: 'ڪيترن ليکڪن کي لکڻ جي اصولن ڪان، اها ڄاڻ نہ هوندي آهي تہ انهن لفظن يا صيغن کي ڌار لکجي يا گڏي لکڻ کپي' ان سببان هوا ۾ هلي ٿي وڃي، جو اها فاضل دوست جي راءِ ذاتي آهي؛ ڇاڪاڻ تہ ڪٿي بہ ڪي سبب يا اصول نہ جوڙيا اٿس ۽ نہ وري ڪنهن عالم جو حوالو ڏنو اٿس؛ جنهن بنياد تي چئي سگهجي تہ هن جڳهہ تي گڏي لکبو يا ڌار لکبو!

### 1.4.1. وياڪرڻي صورتون

- ‘اسان جو منهنجو، پنهنجو تنهن جو تنهن جو تنهن ڪري، تنهن کان سواءِ’ جي ترجيحي صورتن جو معاملو:

هي صورتون تاج جويي صاحب جي مضمون مان کنيل آهن، تاج جويي صاحب جيڪي صورتون ڏنيون آهن، تنهن لاءِ ڪي اصول نه ڄاڻايا ڪونهن، نه وري اهو ڄاڻايو اٿس ته هي صورتون ڪي عام صورتخطيءَ موجب رکيون وينديون آهن! هن صورت ۾ اهڙا رايا ذاتي رايا ليکيا ويندا آهن.

هنن صورتن جي آخري جوڙ: ‘جو’ جي حيثيت ‘حرف اضافت’ (پيرومل، 1985: 52) يعني لاڳاپي ڏيکارڻ لاءِ ڪم ايندي آهي. هت اهو معاملو ڏسڻ جهڙو آهي ته لاڳاپو ڏيکاريندڙ لفظ: ‘جو’ ڪنهن ضمير يا اسم سان گڏي لکجي يا ڌار لکجي؟

ڄاڻايل ترجيحي صورتن ۾ لاڳاپو ڏيکاريندڙ لفظ ‘جو’ ڪن ضميرن سان گڏ لکيل آهي ته ڪن کان ڌار رکيو ويو آهي. اهڙي معاملي کي جاچڻ لاءِ اڳئين جوڙ وارن لفظن جي امڪاني مونجهارن جو اڀياس ڪرڻ ضروري آهي.

**اسان + جو:**

‘اسان + جو’ لفظ ترجيحي صورت لاءِ رکيو ويو آهي ته ملائي لکجي يا الڳ ڪري؟ لفظ ‘اسان’ ضمير جمع متڪلِم جي صورت آهي ۽ لاڳاپو ڏيکاريندڙ لفظ: ‘جو’ سان اهو لفظ ضمير جي حالت اضافت سڏبي. جيئن ته هي لفظ ‘اسان’ اڪيلي صورت ۾ استعمال ٿئي ٿو ۽ آخري نون گھُٽي تي پورو ٿئي ٿو، ان صورت ۾ ‘نون گھُٽي’ کي وائکو رکڻ جي خيال کان، ذاتي راءِ موجب الڳ لکڻ بهتر ٿيندو.

| مختلف صورتون | ترجيحي صورت | وياڪرڻي حيثيت |
|---|---|---|
| اسان جو/ اسانجو | اسان جو | ضمير جمع متڪلم + حرف اضافت |

**منهن + جو:**

سنڌي صورتخطيءَ موجب لفظ ‘مُنهن’ (زيرن- زبرن کان سواءِ) ٻن صورتن ۾ ڪم آندو ويندو آهي:

1. ‘مُنهن’ جو لفظ ‘چهري’ جي معنيٰ ۾ ڪم ايندو آهي، جنهن سبب مونجهاري جو امڪان رد نه ٿو ڪري سگهجي؛
2. ٻي صورت ۾ ‘مُنهن’ لفظ اصل ۾ پروس جزي طور ضمير آهي، ڄاڪاڻ ته اڪيلي صورت ۾ ڪڏهن به ڪم نه آندو ويندو آهي؛ ‘مُنهن’ لفظ حرف اصافت ‘جو’ سان ئي ٻيهندو آهي. مٿي ڄاڻايل جملي ۾ ‘ منهنجو ’ لفظ ‘گھر’ سان مالڪيءَ جو لاڳاپو ڏيکاري ٿو، تنهن ڪري هن لفظ ۾ ‘اضافتي صفت واري خاصيت’ آهي ۽ جيئن ته ‘مُنهن’ لفظ اصل ضمير آهي، تنهن صورت ۾ ان کي ‘ضميري صفت’ چئبو. لفظ ‘ منهنجو ’ کي ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب ‘ضمير مشترڪ’ ۾ ڄاتو آهي (الانا، 1977: 156)، جيڪو وياڪرڻي مزاج مطابق درست ڪونهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ‘مُنهِن’ جو لفظ اصل ۾ ‘مان’ جي ٻي صورت آهي، جيڪو ‘مان’ ۾ ‘حرف اضافت’ ڳنڍڻ سبب ‘مُنهن’ جي صورت اختيار ڪندو آهي. وياڪرڻ جي لحاظ کان ‘ضمير متڪلِم’ آهي، پر جيئن ته حيدرآبادي/ لاڙي لهجي موجب ‘مان’ ۽ ‘آءٌ’ لفظن مان ‘آءٌ’ جي صورت کي معياري ڄاتو ويو آهي، جنهن سبب ان قسم جي لفظ تي مناسب غور ڪونه ڪيو ويو آهي. حيدرآبادي لهجي موجب‘مان’ لفظ کي معياري صورت ۾ شامل نه ڪرڻ جو اهو سبب ڄاڻايو ويندو آهي ته ‘مان’، ‘خودي’ ۽ ‘پاڻ کي پائڻ’ جي معنيٰ رکندو آهي. حقيقت ۾ ٻوليءَ جا ماهر ڄاڻندا آهن ته هر لفظ ٻه معنائون رکندو آهي، هڪ: لغوي، ٻي: رواجي. تنهن کان سواءِ جملي جي نوعيت پٽاندر هڪ جي حيثيت ضمير واري ٿيندي ته ٻئي جي اسم واري! اهڙي قسم جو جواز (Justification) محدود سوچ جو اظهار آهي.

‘مان’ لفظ مختلف صورتن ۾ ڦرندو آهي، هيٺ انتهائي مختصر ڦيرو ڏجي ٿو:

حرف جر ۽ حرف اضافت سان ‘مان’ جو تقابلي ڦيرو:

| وچولي لهجي موجب | ‘مان’ مان ڦيرو | حيدرآبادي/ لاڙي موجب (جعلي) |
|---|---|---|
| مان ڪتاب پڙهان ٿو. | مان > ساڳيو | آءٌ ڪتاب پڙهان ٿو. |
| مون ڪتاب پڙهيو. | ما ن > مون | آءٌ ڪتاب پڙهيو. |
| مون وٽ ڪافي ڪتاب آهن. | مان > مون + وٽ | آءٌ وٽ ڪافي ڪتاب آهن. |
| مون کي ڪجهه ڪتاب گهرجن. | مان > مون + کي | آءٌ کي ڪجهه ڪتاب گهرجن. |
| منهنجو ڪتاب ڪٿي آهي؟ | مان > مُنهن + جو | آءٌ جو ڪتاب ڪٿي آهي. |
| هي منهنجا ڪتابَ آهن. | مان > مُنهن + جا | هي آءٌ جا ڪتاب آهن. |

مٿين جملن ۾ جتي ‘مان’ جو تقابلي ڦيرو ڄاڻايو ويو آهي، جنهن مان واضح ٿئي ٿو ته ‘آءٌ’ جو لفظ صرف پهرين صورت (زمان حال) ۾ ڪم اچي ٿو. باقي ٻين جملن ۾ ڏاريائپ جو ڏک ڏيو بيٺو آهي، ان صورت ۾ زوريءَ معياري ٻوليءَ طور مڙهڻ، زورآوري آهي.

‘مان’ جو تقابلي ڦيرو

| وچولي لهجي موجب ‘مان’ جو استعمال | ڪن اترادي اُپ لهجن موجب ‘مان’ جو استعمال |
|---|---|
| مون وٽ ڪافي ڪتاب آهن. | مان وٽ ڪافي ڪتاب آهن. |
| مون کي ڪجهه ڪتاب گهرجن. | مان کي ڪجهه ڪتاب گهرجن. |
| منهنجو ڪتاب ڪٿي آهي؟ | مان جو ڪتاب ڪٿي آهي؟ |
| هي منهنجا ڪتابَ آهن. | هي مان جا ڪتابَ آهن. |

مٿئين تقابلي ڦيري مان واضح ٿيو ته ‘مان’ جو لفظ ‘حرف اضافت’ سبب ڦيرو کائي ‘منهن’ جي صورت اختيار ڪئي آهي، ٻي صورت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن به لهجي ۾ اڪيلو ڪم نه آيو آهي ۽ نه وري ڪم اچڻ جوڳو آهي.

ان حالت ۾ ڊاڪٽر الانا صاحب جو، ‘ منهنجو ’ لفظ کي، ضمير مشترڪ ۾ ڄاڻائڻ، درست نه ٿيندو.

مٿئين مختصر اڀياس بعد اها ئي راءِ جڙي ٿي ته: ضميري لفظ ‘مُنهِن’، اضافتي لفظن ‘جو/ جِي/ جي/ جا / جَن’ کان سواءِ، ڪنهن به صورت ۾ اڪيلو ڪم نه ٿو اچي، ان حالت ۾ مذڪوره ‘ضميري صفت’ جا لفظ گڏي لکڻ ئي بهتر آهن. هيٺ چند مثال ڏجن ٿا:

| ضميري صفت جا لفظ | مثال |
|---|---|
| مُنهن + جو = منهنجو | منهنجو گهر محراب پور ۾ آهي. |
| مُنهن + جِي = منهنجِي | منهنجِي ڀين ڏاڍو سنو ٿي لکي! |
| مُنهن + جي = منهنجي | منهنجي دوست مون کي ڏاڍي عزت ڏني. |
| مُنهن + جا = منهنجا | منهنجا ڪتابَ ئي منهنجي ملڪيت آهن. |
| مُنهن + جن = منهنجن | منهنجن پائرن سان تون ملي ته ڏس! |

‘ منهنجو ’ لفظ جو بدل لفظ ‘مون وارو’ جي پڙتال:

‘مُنهن’ لفظ حرف اضافت ‘جو’ سان ئي ڪم ايندو آهي، جيڪو ‘مان/ مون’ جي هڪ صورت آهي. اهڙو تقابل، متبادل لفظ ‘مون وارو’ سان پيش ڪجي ٿو:

| ' منهنجو ' لفظ جو استعمال | 'مون وارو' لفظ جو استعمال |
|---|---|
| منهنجو گھر محراب پور ۾ آهي. | مون وارو گھر محراب پور ۾ آهي. |
| منهنجِي پيين ڏاڍو سنو ٿي لکي. | مون واري پيين ڏاڍو سنو ٿي لکي. |
| منهنجي دوست مون کي ڏاڍي عزت ڏني. | مون واري دوست مون کي ڏاڍي عزت ڏني. |
| منهنجا ڪتابَ ئي منهنجي ملڪيت آهن. | مون وارا ڪتابَ ئي مون واري ملڪيت آهن. |
| منهنجن پائرن سان تون ملي تہ ڏس! | مون وارن پائرن سان تون ملي تہ ڏس! |

لفظ ' منهنجو ' ۽ 'مون وارو' ساڳئي معنيٰ ۾ مفهوم وارا لفظ آهن. ڇاڪاڻ تہ حرف اضافت 'جو' ۽ 'وارو' ساڳي مراد رکن ٿا؛ جيڪو 'مون' سان الڳ صورت ۾ لکجي ٿو. هن تقابل مان اهو واضح ٿئي ٿو تہ لفظ 'منهن' حقيقت ۾ 'مان' يا 'مون' جي هڪ صورت آهي، جيڪا حالت اضافت سبب ڦيرو کائي ٿي. 'آءٌ' لاڙي/ حيدرآبادي لفظ آهي، جنهن ۾ جملي جي نوعيت سبب ڦيري جي سگھہ ڪانهي؛ ان حوالي سان وچولي موجب 'مان، مون ۽ منهن' جون صورتون ئي معياري ڄاتيون وڃن، جيڪي ٻوليءَ جي نسبت جملي جي ڦيري ۾ درست ڦرڻ جي سگھہ رکن ٿيون.

ٻوليءَ جي مزاج ۽ علمي معاملن مطابق، خود حيدرآبادي عالم پڻ 'مان' جو لفظ ضمير متڪلِم طور ڪم آڻيندا آهن، جيڪا سندن مجبوري پڻ هوندي آهي؛ اهڙا مثال 'آیئے سندھی سیکھیں' ۾ ڊاڪٽر فهميده حسين صاحبہ پڻ ڏنا آهن، جنهن ۾ ڄاڻايل آهي:

"اب تک کے اسباق میں میں نے آپ کو زمانہ حال میں جملے بنانے کے اصول بتائے جن میں ضمیر متکلم مذکر مؤنث شامل ہیں آج ان کو دہرا لیتے ہیں:

حسن: میں لکھتا ہوں۔ ماں لکھاں تھو۔

میں پڑھتا ہوں۔ ماں پڑھاں تھو۔

میں کھاتا ہوں۔ ماں کھاں تھو۔

میں پیتا ہوں۔ ماں پیئان تھو۔" (فہمیدہ، 2011: 68)

اردو طالب علم لاءِ ' میں' جو بدل 'اٗوں' بدران 'ماں' بهتر آهي، جيڪو ٻولين جو پاڻ ۾ رابطو بہ ڏَسي ٿو. اردو ڳالهائيندڙن لاءِ لفظ 'اٗوں' بيشڪ وائڙو لڳندو.

لفظ 'مان' ضمير متڪلِم جي صورت سان دلامل بولچند صاحب بہ استعمال ڪيو آهي، جيڪو پڻ حيدرآبادي لهجي جو فرد هيو. صاحب موصوف ڄاڻايو آهي:

| Singular | | Plural | |
|---|---|---|---|
| مان هجان. | I may be. | اسين هجون. | we may be |
| تون هجين. | Thou mayst be | تَوِهين هجو. | You may be. |
| هو هجي. | He may be. | هو هجنِ. | they may be. |

فوٽ نوٽ ۾ غالباً ايڊيٽر پاران ڄاڻايل آهي تہ:

"The word مان = 'I' has also another form viz آءٌ, also written آئون ; and is ofen used instead of مان."
(Bulchand, 2003: 59)

مسٽر ڊولامل بولچند صاحب پنهنجي پوري ڪتاب ۾ ٻوليءَ جي گردانن ۾ ضمير متڪلم جي صورت ۾ 'مان' ڪم آندو آهي، جيڪو ٻوليءَ جي گردانن ۾ بہ ڦيرو کائي سگھي ٿو.

نوٽ: لفظ ' منهنجو ' ملائي لکڻ ئي مناسب آهي، جڏهن تہ 'مُنهن' چهري جي معنيٰ ۾ الڳ لکڻ کپي، جيئن: 'مُنهن جو رنگ ئي مٽجي ويس!'

پَنهن + جو

سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'پنهن' واري صورت هڪ ئي معنيٰ ۾ ڪم ايندي آهي. 'پنهن' لفظ 'ضمير مشترَڪ' هجڻ جي صورت ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾ اڪيلو ڪم ڪونہ ٿو اچي، اضافت واري لفظ 'جو جِي، جي، جا، جن' ڳنڍڻ سان ان جي ضمير مشترڪ واري صورت ختم ٿي وڃي ٿي؛ ان حالت ۾ اضافت واري جوڙ سان، ان کي 'ضمير مشترَڪ' ڄاڻڻ/ ڄاڻائڻ ڀُل آهي. هن حوالي سان مرزا قليچ بيگ مرحوم ۽ ان جي پوئواريءَ ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جن، ان لفظ کي ڪنهن دائري ۾ ڦاسائڻ لاءِ تڪڙ ڪئي آهي.

**<u>ضمير مُشتَرَڪ جو دائرو:</u>** اهو ضمير جيڪو مفعولي صورت ۾ ضمير خالص کي زور وٺائڻ لاءِ ڪم اچي؛ جيئن: آءٌ <u>خود</u> توسان ملڻ لاءِ ايندس؛ تون <u>خود</u> اهو ڪم ڪري اچ؛ اسين <u>پاڻ</u> ڪوشش ڪنداسين؛ هو <u>پنهنجي سِر</u> لکندو؛ مان <u>پنهنجي سِر</u> اهو ڪم ڪندس، ۽ ٻيا.

مذڪوره جملن ۾ <u>'خود'، 'پاڻ' ۽ 'پنهنجي سِر'</u> ضمير مشترَڪ آهن.

ضمير مشترڪ جي قسم جي مثالن ۾ مرزا قليچ بيگ صاحب <u>خود</u>، پنڊ، <u>پاڻ</u> سان گڏ لفظ <u>'پنهنجي'</u> پڻ شامل ڪيو آهي (قليچ، 2006: 188). ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب پڻ لفظ 'پنهنجو تنهنجو منهنجو' کي ضمير مشترڪ ۾ شامل ڄاتو آهي (الانا، 1977: 156)

هي لفظ اڪيلي صورت ۾ نہ بلڪ حرف اضافت سان ڪم ايندو آهي ۽ ان سبب لفظ 'پاڻ' جي شڪل ڦيرائيندو آهي، جيئن: 'پنهن + جو' = پَنهنجو. مٿي ڄاڻايل جملي ۾ لفظ 'پنهنجو'، <u>ضمير مشترڪ جي حالت اضافت جي صورت ۾ ڪم آيو آهي.</u>

لفظ 'پنهن' اصل ۾ 'پاڻ' جي ٻي صورت آهي يا ٻوليءَ جي نسبت بدل لفظ آهي؛ جيڪو 'حرف اضافت' سبب پنهنجي صورت ڦيرائي ٿو. اهڙي وضاحت ٻوليءَ جي مثالن مان معلوم ٿي سگهي ٿي:

| جعلي صورت | وچولي موجب | پاڻ جو بدل |
|---|---|---|
| مان پاڻ جو ڪتاب پڙهان ٿو. | مان پنهنجو ڪتاب پڙهان ٿو. | پاڻ < پنهن + جو = پنهنجو |
| منهنجو پاڻ جو ڪتاب گم ٿي ويو آهي. | منهنجو پنهنجو ڪتاب گم ٿي ويو آهي. | پاڻ < پنهن + جو = پنهنجو |
| هن پاڻ جو ڪم پاڻ نہ ڪيو. | هن پنهنجو ڪم پاڻ نہ ڪيو. | پاڻ < پنهن + جو = پنهنجو |
| تو پاڻ جو ڪم ٻين تي ڇڏيو. | تو پنهنجو ڪم ٻين تي ڇڏيو. | پاڻ < پنهن + جو = پنهنجو |
| انهن پاڻ جي لاءِ گهر خريد ڪيو. | انهن پنهنجي لاءِ گهر خريد ڪيو. | پاڻ < پنهن + جو = پنهنجو |

مٿئين مختصر اڀياس بعد اها ئي راءِ جڙي ٿي تہ: ضمير مشترڪ جي صورت وارو پروس جز/ لفظ: 'پَنهِن'، اضافتي جزن/ لفظن 'جو/ جِي/ جي/ جا / جَن' کان سواءِ، ڪنهن بہ صورت ۾ اڪيلو ڪم نہ ٿو اچي، ان حالت ۾ ڳنڍڻ بعد، مذڪوره 'ضميري صفت' جو لفظ گڏي لکڻ ئي بهتر آهي. هيٺ چند مثال ڏجن ٿا:

| ضميري صفت جا لفظ | مثال |
|---|---|
| پَنهن + جو = پَنهنجو | هي منهنجو پنهنجو ڪتاب آهي. |
| پنهن + جِي = پنهنجِي | هر ڪو پنهنجِي پين ڪم آڻي! |
| پنهن + جي = پنهنجي | موجوده خراب حالتون، پنهنجي ڪِئي جو نتيجو آهن. |
| پنهن + جا = پنهنجا | ڏکئي وقت ۾ پنهنجا مٽ ئي ڪم ايندا آهن. |
| پنهن + جن = پنهنجن | سرواڻ پنهنجن دوستن سان گڏ گهمڻ ويو آهي. |

**تنهن** + **جو:**

سنڌي صورتخطيءَ موجب لفظ 'تنهن' جو لفظ اعرابن جي عام رواج نہ هجڻ سبب، ٻن امڪاني معنائن سان ڪم اچي ٿو:

1. 'تَنهن' جو اڪيلو لفظ 'اُن' جي معنيٰ ۾ صاف اچي ٿو، جيڪو 'ضمير جواب موصول' جي مثال طور سڃاتو ويندو آهي، جيئن: 'جنهن جو کائجي، تنهن جو ڳائجي.' هن مثال ۾ 'جنهن' لفظ ضمير موصول آهي ۽ 'تَنهن' لفظ ضمير جواب موصول آهي. ان صورت ۾ 'تَنهن' لفظ اڪيلي صورت ۾ ئي لکڻ گهرجي.
2. ٻي حالت ۾ عام طور 'تَنهن' وارو پروس جز/ لفظ 'ضمير حاضر' جي صورت ۾ عام طور ڪم نہ ٿو اچي، ڇاڪاڻ تہ 'تُنهن ' اصل ۾ 'تون' جي صورت آهي، جيڪا حرف اضافت جي ڳنڍ سبب پنهنجي شڪل ڦيرائي ٿو. ان حالت ۾ 'تنهن' سان اضافتي لفظ 'جو، جِي، جي، جا، جَن' گڏي لکڻ ٺي سنو لڳندو.

| مختلف صورتون | ترجيحي صورت | وياڪرڻي حيثيت |
|---|---|---|
| تنهن جو/ تنهنجو | تُنهنجو (پيش سان) | ضميري صفت |
| | تَنهن جو (زبر سان) | ضمير جواب موصول جي اضافت |

**تنهن + ڪري:**

'تنهن ڪري/ تنهنڪري' جي ترجيحي صورت جو معاملو آندو ويو آهي، جنهن لاءِ پروفيسر تاج جويي صاحب گڏي لکڻ جي راءِ ڏني آهي. هي لفظ جيئن تہ گڏيل صورت ۾ حرف جملي جي حالت ۾ ڪم آندو ويندو آهي، امڪان آهي تہ اهو خيال رکندي تاج صاحب گڏي لکڻ واري راءِ کي عام جي استعمال مطابق بحال رکيو هجي.

هن کان اڳ، هن لفظ: 'تَنهن' کي الڳ لکڻ جي راءِ جوڙي وئي آهي ۽ هتي بہ ائين ئي ٿيڻ گهرجي; پر جيئن تہ عام کي اهميت وڌيڪ آهي ۽ حرف جملي طور سڃاتو وڃي ٿو ان صورت ۾ 'تنهنڪري' لفظ کي گڏي لکڻ تي اڪتفا ڪجي ٿو:

| مختلف صورتون | ترجيحي صورت | وياڪرڻي حيثيت |
|---|---|---|
| تنهن ڪري/ تنهنڪري | تنهنڪري | حرف جملو |

**تنهن + ڪان + سواءِ:**

هتي 'تنهن ڪان سواءِ/ تنهن ڪانسواءِ/ تنهنڪان سواءِ/ تنهنڪانسواءِ ' جي ترجيحي صورت جو معاملو آندو ويو آهي، جنهن لاءِ تاج جويي صاحب هر لفظ الڳ لکڻ جي راءِ رکي آهي. لفظ ' تنهن ' جي وياڪرڻي حيثيت بابت مٿي ذڪر اچي چڪو آهي، اهو بہ جاچيو ويو آهي تہ ' تنهن ' جو لفظ حرف اضافت سان الڳ لکڻ بهتر آهي. جڏهن تہ ' تنهنڪري' جي لفظ جي صورتخطيءَ کي عام موجب اهميت ڏيڻ گهرجي; ان ڪان علاوه 'تنهنڪري' لفظ 'حرف جملي' جو مثال آهي، جنهن سبب پڻ 'تنهنڪري' جي صورتخطيءَ کي گڏي لکڻ بهتر آهي. هت معاملو وري بہ ساڳيو اچي ٿو ان صورت ۾ مذڪوره لفظ جي ٽنهي جزن جي پاڻ ۾ ويجهڙائپ جاچڻ بعد ڪا راءِ ڏيڻ ٺيڪ لڳندي.

**تنهن + ڪان:** هنن ٻنهي لفظن جو جوڙ تہ آهي، ليڪن وياڪرڻ جي ليکي تحت الڳ الڳ حيثيت رکن ٿا; ' تنهن ' وياڪرڻ ۾ 'ضمير جواب موصول' ۾ ڳڻيو ويندو آهي; جڏهن تہ 'ڪان' حرف جر! ان حالت ۾ ٻنهي کي ملائڻ چڱو ڪونهي، موجوده رواج ۾ بہ انهن لفظن کي الڳ صورت ۾ رکيو ويندو آهي. جيئن: مون احمد کي چيو: 'هي جيڪو تو ڪم ڪرايو آهي، تنهن ڪان تہ پلو جو پاڻ ڪم ڪرين ها!'

**ڪان + سواءِ:** هنن ٻنهي لفظن جو لاڳاپو تمام ويجهو آهي، ڪن حالتن ۾ 'سواءِ' لفظ 'ڪان' کان علاوه ڪونه ٿو جڙي؛ ان حالت ۾ گڏي لکڻ (ڪانسواءِ) وڌيڪ ٺيڪ لڳندو. پر ان راءِ جڙڻ بعد هڪ ٻيو مونجهارو سامهون ٿو اچي، جيڪو 'ڪان + علاوه' ۾ پيش ٿو اچي. سنڌي ٻوليءَ ۾ 'سواءِ' ۽ 'علاوه' ساڳي معنيٰ ۽ مفهوم سان ساڳي جڳهه تي عام ڪم آندا ويندا آهن، ان صورت ۾ 'علاوه' سان 'ڪان' حرف جر ملائي نه ٿو لکي سگهجي/ لکيو وڃي. ٻيو خيال اهو به اچي ٿو ته: ڳنڍيل لفظ 'ڪانسواءِ' ۾ 'ن' گهُٽو جيڪو اڳيئي مونجهاري جي ور چڙهيل آهي ۽ سنڌي صورتخطيءَ ۾ ان جو ڪو حل نڪري نه سگهيو آهي؛ بهتر ٿيندو ته 'ڪان سواءِ' الڳ لکجي ته جيئن 'ن' ڪا گهُٽي واري ڏِڪ ڏئي سگهي يا ڪا پنهنجي سڃاڻپ رکي سگهي. هونئن به ڏگهن سُرن جي پڇاڙيءَ ۾ 'نون' گهُٽي' جو اضافو يا هجڻ سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۾ به شامل آهي، جيئن: خديجه > ڪتيجان، آمنه > ايمڻان وغيره.

اها صورت ڏسي ڪري، حتمي راءِ اها ئي جڙي ٿي ته 'ڪان سواءِ' الڳ صورت ۾ ئي لکڻ گهرجي.

| مختلف صورتون | ترجيحي صورت | وياڪرڻي حيثيت |
| --- | --- | --- |
| تنهنڪانسواءِ/ تنهنڪان سواءِ/ تنهن ڪانسواءِ/ تنهن ڪان سواءِ/ | تنهن ڪان سواءِ | ضمير جواب موصول، حرف جر، ظرف |

- ' ڪنهن جو، جنهن جو، جنهن ڪان سواءِ، جنهنڪري' جي ترجيحي صورتن جو معاملو:

هن گروه ۾ ٻن لفظن جا جوڙ: ' ڪنهن جو، جنهن جو، جنهن ڪان سواءِ، جنهن ڪري' اڳئين لفظ بنسبت رکيا ويا آهن، هيٺ ڪيل اڀياس پيش آهي:

**ڪنهن + جو:**

هتي جوڙ ' ڪنهنجو/ ڪنهن جو' مان ڪا به هڪ ترجيحي صورت متعيّن ڪرڻ جو معاملو آهي. لفظ ' ڪنهن ' وياڪرڻ ۾ 'ضمير مبهم' (مثلاً: منهنجو ڪتاب ڪنهن ته ڪنيو هوندو!) ۽ 'ضمير استفهام' (مثلاً: منهنجو ڪتاب ڪنهن ڪنيو آهي؟) جي جملن ۾ ڪم آندو ويندو آهي. استعمالي مٽ باوجود، ٻنهي صورتن ۾ ساڳي معنيٰ رکندڙ لفظ آهي. ٻنهي مثالن مان اندازو ٿئي ٿو ته ان لفظ سان اضافت وارو لفظ 'جو، جِي، جي، جا، جن' ڳنڍي لکڻ سان ڪو مونجهارو سامهون نه ٿو اچي. البته، جيئن ته هي لفظ الڳ سان پنهنجي معنيٰ مفهوم ۾ ڪم اچي ٿو ان صورت ۾ الڳ لکڻ سيبائتو لڳندو.

مٿئين اڀياس آڌار هيٺ ترجيحي صورت جي راءِ رکجي ٿي:

| مختلف صورتون | ترجيحي صورت | وياڪرڻي حيثيت |
| --- | --- | --- |
| ڪنهن جو/ ڪنهنجو | ڪنهن جو | ضمير مبهم يا استفهام + حرف اضافت |

جنهن + جو:

هن لفظ جي جوڙ ۾ لفظ ' جنهن ' ضمير موصول آهي، مثال: ' جنهن سان پرِيت هجي، تنهن سان ڪهڙو ليکو!' هيٺ ترجيحي صورت رکجي ٿي:

| مختلف صورتون | ترجيحي صورت | وياڪرڻي حيثيت |
| --- | --- | --- |
| جنهنجو/ جنهن جو | جنهن جو | ضمير موصول ۽ حرف اضافت |

**جنهن + ڪان + سواءِ:**

هن جوڙ ۾ ' جنهن  ڪان سواءِ  جنهن ڪان سواءِ  جنهن  ڪانسواءِ  جنهن ڪانسواءِ' جون امڪاني صورتون سامهون اچن ٿيون. اصولي طور تي ' جنهن ' ۽ 'ڪان سواءِ' لفظن جي وياڪرڻي حيثيت بابت مٿي ذڪر اچي چڪو آهي، ان بنياد تي هيٺ ترجيحي صورت جي راءِ رکجي ٿي:

| مختلف صورتون | ترجيحي صورت | وياڪرڻي حيثيت |
|---|---|---|
| جنهن ڪان سواءِ، جنهنڪان سواءِ/ جنهن ڪانسواءِ، جنهنڪانسواءِ | جنهن ڪان سواءِ | ضمير موصول، حرف جر، ظرف |

**جنهن + ڪري:**

لفظ ' جنهن ' بابت مٿي ذڪر ٿيو آهي. سنڌي صورتخطيءَ موجب عام صورت کي ڏسي ڪري ۾ لفظ ' تنهن ڪري' جيان ' جنهن ڪري' کي ٻه گڏي لکڻ جي راءِ کي بهتر سمجهجي ٿو.

| مختلف صورتون | ترجيحي صورت | وياڪرڻي حيثيت |
|---|---|---|
| جنهن ڪري/ جنهنڪري | جنهن ڪري | حرف جملو |

مون کي، توهان کي:

- 'مون کي، توهان کي' جي ترجيحي صورتن جو معاملو:

**مون + کي:**

هتي 'مونکي/ مُون کي' جي ترجيحي صورت جو معاملو جاچايو ويو آهي. اترادي توڙي وچولي لهجي موجب لفظ 'مون' ضمير متڪلم 'مان' جي مفعولي صورت آهي، حيدرآبادي/ لاڙي لهجي موجب 'آءٌ' جي مفعولي صورت آهي، جڏهن ته 'کي' حرف جر آهي. جيڪو 'مان' يا 'آءٌ' سان ملڻ جي حالت ۾ ان جي شڪل ڦيرائي 'مُون' بيهاريندو آهي. ان مان اهو ٿي اخذ ٿو ٿئي ته مذڪوره لفظ جو بنياد 'مان' مان آهي، نه ڪي 'آءٌ' منجهان! عام صورتخطيءَ ۾ 'مون' کي الڳ صورت ۾ لکيو ويندو آهي. ان سببان مذڪوره لفظ کي الڳ لکڻ ئي سُهائيندڙ ٿيندو.

| مختلف صورتون | ترجيحي صورت | وياڪرڻي حيثيت |
|---|---|---|
| مونکي/ مون کي | مون کي | ضمير متڪلم- حالت مفعولي، حرف جر |

**توهان + کي:**

ترجيحي صورت لاءِ 'توهان کي/ توهانکي' به شامل ڪيو ويو آهي. لفظ 'توهان' بنيادي طور تي 'تون' جي نحوي گهرجن آهر، جمع صورت آهي: عام صورتخطيءَ موجب هن لفظ کي الڳ صورت ۾ لکيو ويندو آهي، ان صورت ۾ الڳ لکڻ ئي بهتر آهي.

| مختلف صورتون | ترجيحي صورت | وياڪرڻي حيثيت |
|---|---|---|
| توهانکي/ توهان کي | توهان کي | ضمير حاضر- حالت مفعولي، حرف جر |

### 1.4.2. مرڪب صورتون

سنڌي ٻوليءَ جي مرڪّب/ مرتّب لفظن جي دائرن تي ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي صاحب جو ڪم ڪافي ساراهڻ جوڳو آهي (سماهي مهراڻ: 4، 1990)، هتي ٻن آزاد صورت وارن لفظن جي صورتخطيءَ جو معاملو آهي:

ان حوالي سان مختصر اپياس ضروري آهي. هيٺ مرڪّب لفظن جي بغير ڪنهن وياڪرڻي ڇيد ۽ حيثيت تي بحث ڪرڻ جي، اهڙا سنڌي، عربي، فارسي ٻٽا لفظ رکجن ٿا جيڪي سنڌي صورتخطيءَ ۾ ملائي ۽ الڳ لکيا ٿا وڃن:

### 1.4.2.1. الڳ صورت ۾ لکجندڙ ٻٽا لفظ

ڏڳي ڳاڏي، دال روٽي، سون ورنو ميڻ بتي، من ڳُهريو هڪ- ٻه، بيني پير، واٽ ويندي، اڳي پوءِ، هيٺ مٿي، ايندي ويندي، وڏي واڪي، ڄاڻي ٻجهي، ڏسي وائسي، واه واه/ وه واه، پل پل، منهان منهن، ڏٽي ڏوڪي، نيڪ ناڪ، مهمان مٽو، پاڄي پٽي، سچ پچ، وڻ ٽڻ، آمهون سامهون، اوسي پاسي، پيچ پني، اج سڀاڻي، هڪ- اڌ، وڏ ڦڙو اتر واءُ، چوٽيءَ ڦل، راه خرچ، ڳٽ ڏاني، ڪنڌ ڀڳڙا، ڇڳو پلو ٻار ٻچو هٿو هٿ، ڇيڙ ڇاڙ، ڏنڌو ڏاڙي، گهٽو ٽٽو پڇا ڳاڇا، ٽڙ تڪڙ، آتم ڪهاڻي، انگ اکر، ٻانهن ٻيلي، پره ڦٽي، اڻ ڏٺو (اڻڏٺو)، پؤ پولو واڌ ويجهه، ڪروڙ پتي، ونجهه وٽي، سار سنڀال، لڏ پلاڻ، من گهڙت، جڳ مشهور، وقت بوقت، قبل- مسيح، نامراد، ناحق، هر روز، سادو سودو، ٿڏو مٺو قوه جواني، دوا درمل، سدا بهار، خدا پرست، خدا ترس، خير خواه، خود داري، وغيره.

#### 1.4.2.1.1. الڳ صورت ۾ لکجندڙ ٻِٽن لفظن جون خاصيتون

1. هي اهڙا لفظ آهن جيڪي منفصِل اکرن (ا، ڏ، ر، ڙ، و، واؤِلين، ه مختفي) سبب الڳ ٿي ٿا پون، جيئن: دوا درمل، وڏ ڦڙو اتر واءُ، ڇيڙ ڇاڙ، ڏنڌو ڏاڙي، پؤ پولو راه خرچ وغيره.
2. الڳ لکڻ جي سببن ۾: ٻن لفظن جي جوڙ جي وچ ۾ معروف توڙي مجهول 'ٻگهن سُرن، ٻگهن گهُٽن سُرن' ۽ 'مختفيه' سبب ٻه الڳ لکيا ٿا وڃن، جيئن: ڏٽِي ڏوڪي، پاڄِي پٽي، ڄاڻِي ٻجهي، اوسي پاسي، وڏي واڪي، آمهون سامهون، مُنهان منهن، وه واه وغيره.
3. اهڙا ٻٽا لفظ جن کي جوڙڻ لاءِ ڳنڍيندڙ ليڪ جو استعمال ڪيو ٿو وڃي، جيئن: قبل- مسيح، الف- بي وغيره.
4. منفصل توڙي متصّل اکرن هوندي، ٻنهي لفظن کي وٿيءَ سان لکيو ويندو آهي، جيئن: پڇا ڳاڇا، سادو سودو، ٻار ٻچو گهٽو ٽٽو، دال روٽي، ميڻ بتي، نيڪ ناڪ وغيره.

### 1.4.2.2. ڳنڍيل صورت ۾ لکجندڙ ٻٽا لفظ

ٻپهري، اٺهوند، اٺوبهه، ڪلمُک، ڪٽمنڙو انگوڇو انگرکو اڳڪٿي، هڪدم، آسپاس، پنيرائي، ڇڳيلائي، هڪبئي، انمول، پاٽمرادو پاٽيرو پوروچوٽ، گڏوگڏ، ڊانواڊول، آپگهات، مهمانوازي، پوئلڳ، پيچڪڙي، ڦلواڙي، ڦرلٽ، جوڙجڪ، چترڪاري، چؤڏول، سرڳواسي، سالگره، مهاپاري، گهٽگهرو، ننڊاڪڙو، افراتفري (افراط و تفريط)، اپامڪاري، ڪسمپُرسي، صورتخطي، آمدورفت، پڌرنامو آبهوا، خوبصورت، تندرست، مچرداني، چالبازي، ڏوڪيبازي، فرمانبردار، سنگتراش، پُرسڪون، نڪتچيني، خبرداري، صاحبزادو ڪارساز، دلگير، غمگسار، پيشگوئي، رومال، پائمال، راهنما، صحتياب، پرجوش، دلپسند، آبڪلاڻي، بزدل، بندرگاه، بيهوشي، چغلخور، خوردبيني، دوربيني، خوشحالي، درخواست، دڪانداري، دلپذير، دلگير، رضامندي، رواداري، زيردست، سرپرست، سنگمرمر، شاهنامو ضرورتمند، گمراهي، گلقند، نگهباني، هر دلعزيز، نورجهان، نيلگون، همدم، همعصر، همسر، يڪجهتي، خوشگوار، رحمدل، يڪتارو، رٿابندي، رهائشگاه وغيره.

#### 1.4.2.2.1. ڳنڍيل صورت ۾ لکجندڙ ٻِٽن لفظن جون خاصيتون

1. متصلّ اکرن سبب بہ گڏي لکيا ٿا وڃن، توڙي جو هم معنيٰ، متضاد يا لاڳاپو رکندڙ هجن. جيئن: چڱيلائي، ڪٽمنڙو، اڄڪلهہ، صورتخطي، تندرست وغيره.
2. منفصل اکرن سبب ٻئي لفظ الڳ صورت ۾ بيهن ٿا، ليڪن پوءِ بہ ملائي لکيو ويندو آهي يعني وچ وارن اکرن ۾ وٿي ڪانہ ايندي آهي. جيئن: گڏوگڏ، ننڍاکڙو، افراتفري، آمدورفت، پڌرنامو وغيره.
3. سنڌي صورتخطيءَ ۾ ملائي لکڻ واري خاصيت جو گهڻو زور فارسي لفظن ۽ پوءِ عربي گاڏڙ فارسي ۽ سنڌي لفظن تي رهي ٿو جيئن: سرپرست، خوردبيني، صورتخطي، ڪسمپرسي، اڳڪٿي، پنيرائي وغيره.
4. گڏي لکجندڙ لفظن جي ڇيڙي ۾ ڪوبہ ’ڏگهو سُر، ڏگهو گهٽُو سُر ۽ مختفي ه‘ نہ ٿي اچي، جيئن: چڱ + يلائي = چڱيلائي (جڏهن تہ ٻنهي جي ڇيڙي ۾ ڏگهو سُر ’او‘ ملائڻ سان الڳ صورت ۾ لکيو ٿو وڃي ۽ ان ۾ وٿي بہ اچي ٿي، جيئن: چڱو ڀلو.)

### 1.5 حاصل مقصد

مٿي مرڪّب صورت وارن لفظن جي (گڏ ۽ ڌار) صورتخطيءَ جي اڀياس بعد جيڪي ڳالهيون نوٽ ڪيون ويون آهن، تن کي هيٺين ريت رکجي ٿو:

- سنڌي صورتخطيءَ ۾ سنڌي لفظن کي اڪثر ڌار لکيو ٿو وڃي.
- سنڌي صورتخطيءَ ۾ عربي- فارسي جوڙ وارا لفظ اڪثر گڏي لکيا ٿا وڃن، سنڌي صورتخطيءَ ۾ گڏي لکڻ جو رواج، ڪنهن حد تي فارسي صورتخطيءَ جو اثر آهي.
- لفظن کي گڏي يا ڌار لکڻ لاءِ ڪو اصول اخذ ٿي ڪونہ سگهيو آهي، البتہ ٻن لفظن جي وچ ۾ جيڪڏهن ’ڏگهو سُر، ڏگهو گهٽُو سُر، واؤ لين ۽ مختفي ’ه‘ اچي ٿي تہ ان صورت ۾ لفظ ڌار لکيا ٿا وڃن.
- گهڻي قدر اڳئين پہ- اکري لفظ کي ٻئي سان ڳنڍيل لکڻ بہ جاچيو ويو آهي، ٻي صورت ۾ ڳنڍيندڙ ليڪ ڪم آندي وڃي ٿي.
- سنڌي صورتخطيءَ جو گهڻو مدار عام استعمال تي مبني آهي.

مٿئين مختصر اڀياس بعد هيٺين لفظن جي ترجيحي صورت لاءِ راءِ رکجي ٿي:

### 1.6 مرڪب لفظن جي ترجيحي صورت

☜ اڄڪلهہ/ اڄ ڪلهہ/ اڄ ڪالهہ

2008ع واري مذاڪري ۾ مذڪوره لفظ لاءِ جن عالمن ترجيحي صورت لاءِ راءِ رکي، تنهن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت پيش ڪندڙ |
|---|---|
| اڄڪلهہ | ڊاڪٽر غلام علي الانا، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر مدد علي قادري، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني، پروفيسر قلندر شاه لڪياري، شفيع محمد چانديو. |
| اڄ ڪلهہ | ولي رام ولڀ، عبدالغفار صديقي. |
| اڄ ڪالهہ | ڪوبہ نہ. |

جيئن تہ وچولي لهجي موجب ’ڪلهہ‘ لفظ ڪم آندو ٿو وڃي، ان سببان ’ڪالهہ‘ جي صورتخطيءَ کي پاسيرو رکي ’اڄ ڪلهہ/ اڄڪلهہ‘ جي ترجيحي صورت مقصود آهي. ٻوليءَ ۾ ’اڄ‘ ۽ ’ڪلهہ‘ جا لفظ گڏي ڳالهايا

ويندا آهن، جنهن سبب هنن ٻنهي لفظن کي 'متضاد مرڪّب' جي نوعيت ۾ شامل ڪيو ويندو آهي. سنڌي صورتخطيءَ ۾ اهڙين مرڪّب صورتن جا ڪي دائرا ته مقرر ڪونهن، ان صورت ۾ عام استعمال کي ئي اهميت ڏني ويندي آهي، جيئن ته گڏي لکڻ جي خاصيتن ۾ ٻه- اکرو لفظ کي گڏي لکڻ، ٻي صورت ۾ ڦٽيندڙ ليک سان لکڻ جاچيو ويو آهي، ان صورت ۾ 'اڄ + ڪلهه/ اڄ - ڪلهه' مان 'اڄڪلهه' جي صورت لاءِ راءِ رکجي ٿي.

| پيش ڪيل لفظ | ترجيحي صورت |
|---|---|
| اڄڪلهه/ اڄ ڪلهه/ اڄ ڪالهه | اڄڪلهه |

### ☜ هڪ ٻئي/ هڪٻئي:

19 ڊسمبر 1998ع تي صورتخطيءَ جي هڪ ورڪشاپ ۾ هي لفظ 'گڏيل صورت' ۾ لکڻ لاءِ طئه ڪيو ويو هو ۽ ٻيهر ڪنهن به تضاد جو شڪار نه رهيو. هن مرڪّب صورت ۾ پڻ مٿين نوعيت جيان، اڳيون اکر، ٻه- اکرو آهي، ان صورت ۾ 'هڪ + ٻئي/ هڪ- ٻئي' مان 'هڪٻئي' جي صورت کي بهتر سمجهجي ٿو.

| پيش ڪيل لفظ | ترجيحي صورت |
|---|---|
| هڪ ٻئي/ هڪٻئي | هڪٻئي |

### ☜ نواب شاهه/ نوابشاهه ۽ ڄامشورو/ ڄام شورو:

هي لفظ جيئن ته ساڳي نوعيت جا آهن ان سببان ساڳئي دائري ۾ رکيا ويا آهن. هي لفظ ڦهريون ڀيرو 2008ع واري مذاڪري ۾، ترجيحي صورت مقرر ڪرڻ لاءِ، عالمن اڳيان رکيا ويا هئا.

پيش ڪيل لفظ: نواب شاهه/ نوابشاهه

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت متعيّن ڪندڙ |
|---|---|
| نواب شاهه | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، *عبدالغفار صديقي*، ڊاڪٽر سحر امداد حسيني. |
| نوابشاهه | محمد ابراهيم جويو ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو پروفيسر قلندر شاهه لڪياري، شفيع محمد چانڊيو. |

*پروفيسر قلندر شاهه راءِ رکي ته: شهر جي صورت ۾ نوابشاهه (گڏيل)، جڏهن ته ماڻهوءَ جي صورت ۾ نواب شاهه.

پيش ڪيل لفظ: ڄام شورو/ ڄامشورو

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت متعين ڪندڙ |
|---|---|
| ڄام شورو | ڊاڪٽر غلام علي الانا، ولي رام ولڀ، ڊاڪٽر مدد علي قادري، ڊاڪٽر سحر امداد. |
| ڄامشورو | محمد ابراهيم جويو *عبدالغفار صديقي*، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، آفتاب ابڙو پروفيسر قلندر شاهه، شفيع محمد چانڊيو. |

*پروفيسر قلندر شاهه ساڳي راءِ رکي ته: ڳوٺ ۽ ضلعي جي صورت ۾ ڄامشورو (گڏيل)، ۽ ماڻهوءَ جي صورت ۾ ڄام شورو.

مٿيان ٻئي لفظ ساڳي نوعيت جا آهن، ان سببان ٻنهي لفظن بابت عالمن جي راءِ به ساڳي آهي، سواءِ محترم عبدالغفار صديقيءَ جي! صديقي صاحب 'نواب شاهه' کي الڳ لکڻ جي راءِ رکي آهي ۽ 'ڄامشورو' کي گڏي لکڻ جي راءِ رکي آهي، جنهن لاءِ ڪو جواز ڄاڻايل ڪونهي. جيئن ته: جن لفظن ۾ مونجهاري جو امڪان نه رهندو آهي، ان حالت ۾ مروّج صورت کي ئي اهميت ڏبي آهي، مبادا، محترم عبدالغفار صديقي صاحب جي نظر مروّج صورت تي هجي!

هن حوالي سان ڪو اصول ٺاهڻ يا بيهارڻ ان حوالي سان به اڻ- سهائيندڙ آهي جو گڏي يا ڌار لکڻ جي عمل ۾ ڪنهن اصول کي سامهون نه رکيو ويندو آهي. پر مذڪوره لفظن بابت پروفيسر قلندر شاهه لڪياريءَ جي راءِ ڪنهن حد تي سهائيندڙ آهي، جو سندس ڄاڻايل مونجهارو ڪنهن حد تي وزن رکي ٿو ته: مذڪوره لفظ اسم جي حالت ۾ ساهواري ۽ جاءِ، ٻنهي لاءِ ڪم اچن ٿا. ان حالت ۾ بهتر آهي ته ٻئي صورتون الڳ ۽ ڌار، ويڇي سان رکيون وڃن. جيئن ته مذڪوره لفظن ۾ مونجهاري جي امڪان جو جيڪو پروفيسر قلندر شاهه ذڪر ڪيو آهي، ان بنياد تي بهتر ٿو سمجهجي ته ٻئي صورتون الڳ الڳ مرادن لاءِ ڪم آنديون وڃن:

| پيش ڪيل لفظ | ترجيحي صورت | وياڪرڻي حيثيت |
|---|---|---|
| نواب شاھ/ نوابشاھ | نواب شاھ | ماڻهو (اسم- ساهوارو) |
| | نوابشاھ | شهر (اسم- جاءِ) |
| ڄام شورو/ ڄامشورو | ڄام شورو | ماڻهو (اسم- ساهوارو) |
| | ڄامشورو | شهر (اسم- جاءِ) |

ٻي صورت جتي ڪنهن مونجهاري جو امڪان نه ٿو رهي ان صورت ۾ مستعمل صورت کي ئي اهميت ملڻ گهرجي جيئن: محراب پور (وٿيءَ سان)، شهدادپور، خيرپور، ميرپورخاص، جيڪب آباد (وٿيءَ سان)، حيدرآباد، هيرآباد، سيال آباد (وٿيءَ سان) وغيره.

### ☜ سڌو سنئون/ سنئون سڌو:

هي لفظ 2008ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان منعقد ڪرايل مذاڪري ۾، اڳي پوءِ لکڻ جي حوالي سان، عالمن اڳيان پيش ڪيو ويو. جن عالمن ان بابت راءِ رکي، تن جو تفصيل هيٺين ريت آهي:

**پيش ڪيل لفظ: سڌو سنئون/ سنئون سڌو**

| ترجيحي صورت | ترجيحي صورت پيش ڪندڙ |
|---|---|
| سڌو سنئون | آفتاب ابڙو، شفيع محمد چانڊيو. |
| سنئون سڌو | ڊاڪٽر الانا، ولي رام، ڊاڪٽر مدد قادري، ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ |
| سنئون سڌو/ سڌو سنئون (ٻئي) | محمد ابراهيم جويو، عبدالغفار صديقي، پروفيسر قلندر شاهه لڪياري |

هي معنيٰ موجب مرڪّب/ جاڙا لفظ عام طور ٻنهي صورتن ۾ ڪم آندا ويندا آهن. ٻنهي لفظن جي معنيٰ تقريباً ساڳي آهي ليڪن ڪيفيت مٽ آهي. ٻنهي لفظن جي اڳي پوءِ ڪم آڻڻ سان ڪو مونجهارو ڪونه ٿو رهي، ان سببان هنن مرڪّب لفظن جي ترجيحي صورت وارو معاملو جيترو سولو آهي ايترو ئي ڏکيو پڻ!

جڏهن ڪو ظاهري مونجهارو ڏسڻ ۾ نه اچي، ان صورت ۾ ڳالهايل ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ ٻنهي صورتن جو اڀياس ڪرڻ گهربو آهي. هيٺ ساهتي لهجي موجب، چند جملا ٻنهي صورتن کي استعمال ڪندي، پيش ڪجن ٿا:

| سڌو سنئون/ سڌي سنئين | سنئون سڌو/ سنئين سڌي |
|---|---|
| ▪ قرآن پاڪ سڌو سنئون هدايت تي مبني آهي.<br>▪ بهتر عمل سان ئي سڌي سنئين راهه حاصل ٿيندي آهي. | ▪ قرآن پاڪ سنئون سڌو هدايت تي مبني آهي.<br>▪ بهتر عمل سان ئي سنئين سڌي راهه حاصل ٿيندي آهي. |
| ▪ اهو سڌو سنئون ڪوڙو بيان آهي.<br>▪ اها ڳالهه سڌي سنئين ڪوڙي آهي. | ▪ اهو سنئون سڌو ڪوڙو بيان آهي.<br>▪ اها ڳالهه سنئين سڌي ڪوڙي آهي. |
| ▪ هي سڌو سنئون رستو آهي.<br>▪ اها سڌي سنئين بدمعاشي/ حرامپائي آهي. | ▪ هي سنئون سڌو رستو آهي.<br>▪ اها سنئين سڌي بدمعاشي/ حرامپائي آهي. |

| | |
|---|---|
| ■ دوستيءَ ۾ سڌو سنئون هلڻ گهربو آهي.<br>■ ڪنهن جي ڏکن ۾ شامل ٿيڻ سڌي سنئين نيڪي آهي. | ■ دوستيءَ ۾ سنئون سڌو هلڻ گهربو آهي.<br>■ ڪنهن جي ڏکن ۾ شامل ٿيڻ سنئين سڌي نيڪي آهي. |

مٿين حالت ۾ 'سڌو سنئون' صورت کي وڌيڪ بهتر چاتو ويندو آهي.

بوليءَ موجب، ٻنهي اندازن سان جملن جي استعمال بعد ڊاڪٽر غلام قادر سومري صاحب جي 'سنڌي ٻٽن لفظن جي لغت' ڏسڻ سان بہ وڌيڪ آساني ٿيندي:

- سِڌو سنئون: سولو/ سُوڌو/ سنواتو مثال:
  هلان توسان سڌو سنئون ٿو هلين مون سان ڏنگو ٿو
  سندءِ هن ڪج ادائي جي صفائي روبرو ٿيندي. 'حافظ احسن' (قادر 1996: 416)
- سنئون سڌو: سوڌو/ سولو/ بلڪل سڌو/ سُپٽيو/ ايماندار. (قادر 1996: 435)

ڊاڪٽر سومري صاحب ٻنهي نوعيت سان لفظ ڏنا آهن. جنهن ۾ خاص ڳالهہ اها جاچي وئي تہ چاٽايل پهرئين مرڪّب صورت ۾ 'سڌو' لفظ اڳيان آيو آهي، جنهن جو مثال بہ ڏنو ويو آهي، ليڪن چاٽايل ٻي نوعيت واري مرڪّب صورت ۾ ڪو مثال نہ ڏئي سگهيو آهي. ان مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ 'سڌو' لفظ عام طور استعمال ڪجي ٿو مرڪّب صورت جي حالت ۾ 'سنئون' لفظ بعد ۾ ڳنڍي استعمال ڪيو ويندو آهي.

اصولاً ٿيڻ بہ ائين کپي تہ اهڙن ٻن لفظن جي اڳين يا پوئين حالت معلوم ڪرڻ جو هڪ اهو بہ طريقو آهي تہ ٻنهي لفظن مان گهٽي استعمال ٿيندڙ لفظ کي اڳين حالت ۾ رکڻ گهرجي.

لفظ جي نوعيت جاچڻ لاءِ قرآن شريف جا مختصر سنڌي ترجما پڻ اڀياس هيٺ آندا ويا، جنهن ۾ 'اهدنا صراط المستقيم' جي ترجمي کي جاچيو ويو:

| مترجم جو نالو | ڪيل ترجمو | سال |
|---|---|---|
| مولانا تاج محمود امروٽي | اسان کي سڌي واٽ ڏيکار. | 1980 |
| مولانا عبدالڪريم قريشي (پير شريف) | ڏيکار اسان کي واٽ سڌي. (تحت اللفظ) | 1999 |
| عبدالله تنيو | اسان کي سڌو رستو ڏيکار. | 2000 |
| محمد عثمان ڏيپلائي | تون اسان کي سڌي واٽ ڏيکار. | 2002 |
| مولانا امام الدين جوڻيجو | اسان کي سڌيءَ واٽ تي هلاءِ. | ؟ |
| پروفيسر عبدالقادر ڏاهري | اسان کي سڌي رستي تي هلاءِ. | ؟ |
| استاد غلام رسول ميمڻ پريالوءِ | ڏيکار اسان کي رستو سڌو. (تحت اللفظ) | 2000 |

عالمن سڳورن جي ترجمن مان اهو خيال ٿيو تہ لفظ 'سڌو/ سڌي' جو استعمال ٻوليءَ ۾ گهڻو ٿئي ٿو ان صورت ۾ جڏهن 'سنئون' سان مرڪّب ڪري ڳالهائڻ يا لکڻو پئي ٿو تہ اهو بعد ۾ ئي سونهين ٿو.

مٿئين مختصر اڀياس بعد اها راءِ رکجي ٿي تہ عام استعمال ۾ 'سڌو' لفظ گهڻو استعمال ڪيو وڃي ٿو جڏهن تہ مرڪّب صورت ڪم آڻڻ لاءِ 'سڌو سنئون' ڪم آندو وڃي ٿو.

| پيش ڪيل مرڪّب لفظ جي صورت | ترجيحي صورت |
|---|---|
| سڌو سنئون/ سنئون سڌو | سڌو سنئون |

مٿي مختصر بيان ٿي چڪو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ۾ اڪثر ٻہ- اکرا لفظ لکڻ وقت يا تہ گڏي لکندا آهيون، يا وري انهن جي وچ ۾ ڳنڍيندڙ ليڪ جو استعمال ڪندا آهيون، هيٺ ڳنڍيندڙ ليڪ سان، اهڙا اڀياس ۾ آندل مرڪّب صورتن وارا لفظ ڏجن ٿا:

- مرڪّب ٻوليون ۽ علائقا: عربي- سنڌي، سنسڪرت- سنڌي، عربي- فارسي، سامي- سبائي، هندو- سنڌي، انگريزي- اردو، هند- آريائي، سنڌي- هندو، ايشيا- يورپ، پاڪ- هند، اتر- سنڌ، وغيره.
- انگ اکر ۽ اصطلاح واريون مرڪّب صورتون: هڪ- ٻہ، هڪ- اڌ، ، ٻہ- اکري، ٻہ- اڍائي، ٻہ- ٽي، ٻہ- هڪڙا، يڪ- طرفي، يڪ- مشت، دو- چشمي، سہ- حرفي، رديف- وار، ٽپڪن- وار، اکر- وار، ورڻ- مالا، الف- بي، شمسي- قمري، ڏندن- چپ ڳاڏئون، ٽيهہ- اکري، اُپ- ورڻ، زيرون- زبرون، واؤ- ويڃو وغيره.

(ٻي صورت ۾: يڪطرفي، يڪمشت، يڪدم، يڪسان، يڪتارو، اڀيٽ، اپمان، سوڳوار وغيره عام صورتخطيءَ موجب آهي.)

- اڻ (غير، ڪان سواءِ) سان مرڪّب صورت : اڻ- ڏٺو اڻ- متجندڙ اڻ- ڳنڍيندڙ اڻ- ڇهيل، اڻ- وٽندڙ اڻ- واقف، اڻ- پيتل، اڻ- ميو اڻ- سهو اڻ- ڏٺل، اڻ- ڳٽيو وغيره.

(ٻي صورت ۾: اڻڇاٽائي، اڻلکو اڻلپ، اڻچاتل، اڻهوند، اڻٻٽت پڻ عام صورتخطي آهي.)

- هم (ساڳيو) سان مرڪّب صورت: هم- شڪل ، هم- معني، هم- زلف، وغيره.

(ٻي صورت ۾: همدم، همغم، همدرد، همسفر، همعصر، همسر وغيره پڻ عام صورتخطي آهي.)

- قبل- مسيح (ٻي صورت ۾ قبل مسيح)
- متضاد لفظن جو جوڙ: وڏ- ننڍائي، ننڍ- وڏائي،
- بي (سواءِ): بي- ٽڪو بي- زيبو بي- واجبي، بي- نفس وغيره.

(ٻي صورت ۾: بيوس، بيحد، بيشڪ، بيڪار، بيوقوف وغيره پڻ عام صورتخطي آهي.)

مٿئين مختصر اڀياس مان اهو ئي معلوم ٿيو تہ مرڪّب صورتن ۾ ٻہ اکرا لفظ هڪ صورت ۾ گڏي لکيا ٿا وڃن، ٻي صورت ۾ ڳنڍيندڙ ليڪ جو استعمال بهتر ڄاتو ويو آهي. ان کان علاوه ٻن ٻولين، ٻولين جي گروهن، علائقن، انگَ، اصطلاحن ۽ فارسي توڙي سنڌي اڳياڙين جي مرڪّب صورت لاءِ ڳنڍيندڙ ليڪ ڪم آندي ويندي آهي.

الف- بي جو شمار هڪ اصطلاح توڙي مخفّف جي هڪ قسم ۾ ٿئي ٿو ان صورت ۾ ڳنڍيندڙ ليڪ جو استعمال ڪيو وڃي ٿو. ٻي صورت ۾ ڪوبہ اهڙو لفظ ڪونہ ملي سگهيو آهي، جنهن ۾ هڪ اکر سبب ڳنڍيندڙ ليڪ جو استعمال ڪيو وڃي (سواءِ الف- ب جي)! هن آخري مرڪّب صورت جي صورتخطيءَ جو مرڪز بيءِهڪ جي نشانيءَ (ڳنڍيندڙ ليڪ) تي رهيو.

**اڀياسي ڪتاب:**


- آڏواڻي، ڀيرومل، مهرچند (1985) وڏو سنڌي وياڪرڻ _ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو.
- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (1977) لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ- انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو.
- الانا، غلام علي، ڊاڪٽر (2009) سنڌي صوتيات- سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد.
- جويو، تاج- *ايڊيٽر (جون- 1999) سنڌي ٻولي، تحقيقي جرنل*- سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد.

- جويو، تاج ـ مرتب *(2009) سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال*ـ سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد.
- جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر (1999) ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ ـ اکل ڀارتيي سنڌي ساهتيہ دهلي.
- سومرو، غلام قادر، ڊاڪٽر (1996) سنڌي ٻن لفظن جي لغت ـ ثقافت ۽ سياحت کاتو ڪراچي.
- شيخ، نفيس احمد ـ *ايڊيٽر (4 ـ 1990) ٽماهي مهراڻ*ـ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
- فہمیدہ حسین،ڈاکٹر (2011) آیئے سندھی سیکھیں۔سندھی لینگوئج اتھارٹی حیدآباد۔
- مولانا عبدالڪريم قريشي ـ پير شريف (1999)، عبدالله تنيو (2000)، محمد عثمان ڏيپلائي (2002)، استاد غلام رسول ميمڻ پرياليءِ (2000)، مولانا امام الدين جوڻيجو (؟)، پروفيسر عبدالقادر ڏاهري (؟) جا سنڌي ترجما.
- سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران، 2008ع ۾ ڪوٺايل مذاڪري ۾ ترجيحي صورتن لاءِ پيش ڪيل فائيل
- Bulchand, Dulamal (2003) – A manual of Sindhi – Sindhi Language Authority Hyderabad



موتيرام ايس. راموا ڻي


## سنڌ جا اوائلي شاگرد

سنڌ تي انگريزن جي حڪومت 1843ع ۾ شروع ٿي. انگريزن کان اڳ، ميرن جي صاحبيءَ ۾، سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾، ملن ۽ آخوندن جا مڪتب هلندا هئا. انهن مڪتبن ۾، مسلمان ڇوڪرن سان گڏ، هندو ڪامورن جا پٽ تعليم پرائيندا هئا. ڪي عامل، آخوندان کي پنهنجين اوطاقن ۾ گهرائيندا هئا، جتي پاڙي جا عامل ڇوڪرا پڙهندا هئا. اُهي ملا ۽ آخوند، اڳي رڳو پارسي سيکاريندا هئا. پر پوءِ، سنڌي بہ سيکارڻ لڳا. سنڌي، پارسي آئيويٽا ۾ لکڻ ۾ ايندي هئي. ڪو مقرر ٺيل ڍنگ نہ هو. سيکڻهن جي لکڻ جو نمونو پنهنجو هو.

انگريزن جي اوائلي دور ۾ بہ، ملن ۽ آخوندن جا مڪتب هلندا آيا ۽ پارسيءَ جي سکيا پڻ هلندي آئي. 1853ع ۾، هاڻوڪي عربي سنڌي آئيويٽا جوڙي ويئي. انهيءَ بعد سنڌي ٻوليءَ ۾ درسي ڪتاب تيار ٿيا. سنڌي اسڪول پڻ کليا.

ڪراچيءَ جي پهرئين ڪليڪٽر، ڪئپٽن پريڊيءَ، 1846ع ۾، هڪ "فري اسڪول" کوليو. اهو اسڪول پوءِ، چرچ مشن سوسائٽيءَ جي حوالي ٿيو ۽ مشن اسڪول سڏجڻ ۾ آيو. حيدرآباد ۾ بہ ٻيو مشن اسڪول کليو.

1853ع ۾، سنڌ جي ٽنهي ضلعن جي شهرن ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور ۾، ٽي سرڪاري هاءِ اسڪول کُليا. سنڌ ۾ ان زماني ۾، ڪوبہ انگريزيءَ جو ڄاڻو نہ هو. ٽنهنڪري بمبئي، پوني ۽ انهي پاسي کان مرهٽا، پارسي ۽ ٻيا، جي انگريزيءَ جا ڄاڻو هئا، تن کي سنڌ ۾ نوڪريون مليون. اُهي سنڌي ڪين ڄاڻندا هئا. سرڪاري ڪاروبار ۾ لکپڙهہ، پهريان ڏهاڪو سال، ميرن جي صاحبيءَ وانگر، پارسيءَ ۾ هلندي هئي.

ڪراچي واري هاءِ اسڪول جو گهڻو فائدو ڪرستانن، پارسين، مراهٽن، گجراتين ۽ ٻين ورتو. سنڌي هندو ٻار، انهيءَ اسڪول ۾ ٿورا هئا. شڪارپور ۾ پهريائين، شاگردن جو انگ ٿورو هو. جو ڪيترن صدين کان، شڪارپوري وڻج واپار ڪرڻ تي هريل هئا. حيدرآباد ۾ هاءِ اسڪول جو فائدو، اڪثر ڪري حيدرآبادي عاملن ورتو.

سرڪاري ڪاروبار لاءِ، جدا جدا کاتن جي ڪمن لاءِ انگريزي ڄاڻو سنڌين جي گهرج هئي. تنهنڪري، سنڌي شاگرد، پنجون، ڇهون يا ستون درجو (هن زماني جو نائون، ڏهون يا يارهون) پڙهي، وڃي نوڪرين کي لڳندا هئا. سرڪاري نوڪريءَ لاءِ، ڪاميٽيءَ جو امتحان مقرر ڪيو ويو جو پوءِ پبلڪ سروس امتحان سڏجڻ ۾ آيو. "ڪاميٽيءَ" جي امتحان پاس ڪندڙن کي ننڍي درجي واري نوڪريءَ لاءِ، ٻئي درجي جو سرٽيفڪيٽ ملندو هو.

ائگريڪلچر کاتي جا ٻہ امتحان، هيٺيون درجو ۽ مٿيون درجو پڻ مقرر ٿيا. پاس ڪندڙن کي، سرڪاري نوڪريون ملي سگهنديون هيون. سرڪاري نوڪرين ۾ چڱو پگهار ملندو هو.

انهيءَ زماني ۾ مئٽرڪ جي امتحان لاءِ، بمبئيءَ ۾ وڃڻو پوندو هو. سنڌي شاگردن لاءِ، اها نهايت ڏکي ۽ مشڪلات ڀري ڳالهه هئي. سنڌين لاءِ، بمبئي، هڪ ولايت هئي. ساموڊي توڙي خشڪي رستي مسافري، ڏکي ۽ ڪٺن هئي. انهيءَ سبب، سنڌي شاگرد مئٽرڪ امتحان پاس ڪرڻ جو ارادو نہ ڪري، ستين درجي تائين پڙهي، پڙهڻ ڇڏي، وڃي نوڪري ڪندا هئا.

پهريان سنڌي شاگرد جي، مئٽرڪ امتحان ڏيڻ لاءِ، سنڌ مان ڪهي، بمبئيءَ ۾ ويا، سي حيدرآباد مان ويا. اُهي شاگرد هئا: ڏيارام جيٺمل عالمچنداڻي، ڪوڙومل چندنمل کلناڻي، نولراءِ شوقيرا آڏواڻي ۽ چوهڙمل ڪندنمل پنجابي. سنڌن هاءِ اسڪول جي هيڊماستر کين همٿايو ۽ بمبئيءَ ۾ وڃي امتحان ڏيڻ لاءِ تيار ڪيو. هيڊماستر مهاراشٽرين هو. هيڊماستر، شاگردن جي مائٽن سان، انهيءَ ڏس ۾ پنهنجو شخصي اثر هلائي، انهن جي موڪل حاصل ڪئي. انهيءَ زماني ۾ هڪ ننڍو جهاز ڪراچيءَ ۽ بمبئيءَ وچ ۾ اچ وڃ ڪندو هو. سرڪاري ٽپال، انهيءَ جهاز وسيلي ايندي هئي، جهاز ۾ ٿورا مسافر بہ چاڙهيندا هئا.

هي چارئي سنڌي شاگرد، جهاز ۾ چڙهي، بمبئيءَ لاءِ روانا ٿيا. مسافريءَ ۾ کين گهڻي تڪليف ٿي. پهريون دفعو سمنڊ جي مسافري ڪري رهيا هئا. جهاز جي لوڏن ۽ ڌوڏن سبب، ڏاڍو تنگ ۽ بيزار ٿيا. بمبئيءَ ۾ هڪ مندر ۾ وڃي ٽِڪيا. رهڻ جو بندوبست بہ سندن هيڊماستر ڪري ڏنو هو. کين رهڻ ۽ کاڌي پيتي جون تڪليفون، ڏاڍيون ڏکيون لڳيون.

بمبئيءَ ۾ ڏيارام بيمار ٿي پيو. سندس مائٽن کي بيماريءَ جي خبر پيئي، تن خطن پٺيان خط ۽ تارون موڪليون، تہ يڪدم واپس هليو اچ. مائٽن جي زبردست زور بار تي، ڏيارام، نااميد ٿي، لاچار موٽي آيو. باقي ٽن ڄڻن، مئٽرڪ جو امتحان ڏنو. امتحان ۾ انهن مان فقط چوهڙمل ڪندنمل پنجابي پاس ٿيو. مسافريءَ ۾ ايتري قدر بيزار ۽ تنگ ٿيا هئا، جو باقي ٽنهي ڄڻن، پيهر بمبئيءَ ۾ وڃي امتحان ڏيڻ جو خيال صفا ترڪ ڪري ڇڏيو.

چوهڙمل ڪندنمل پنجابي، مئٽرڪ پاس ڪري، پوءِ بمبئيءَ جي ايليفنسٽن ڪاليج ۾ داخل ٿيو. 1865ع ۾ بي. اي جو امتحان پاس ڪيائين ۽ پهرين ڊويزن ۾ آيو. شري چوهڙمل ڪندنمل پنجابي، سنڌ جو پهريون گرئجوئيٽ ٿيو. سڄي سنڌ ۾ سندس نالي جي هاڪ پئجي ويئي، سنڌ ۾ اچي، شڪارپور ۽ حيدرآباد شهرن ۾ سرڪاري وڪيل ٿيو چڱو نالو ڪڍيائين.

ڪوڙومل چندنمل کلناڻي، سنڌ ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ ٽريننگ ڪاليج جو پرنسپال ٿيو. سنڌي ٻوليءَ ۾ سندس علميت ۽ قابليت جي هاڪ، سڄي سنڌ ۾ ڦهليل هئي. نولراءِ شوقيرام آڏواڻي پڻ ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو. حيدرآباد ميونسپالٽيءَ جي ڪاميٽيءَ جو چيئرمن هو. هي صاحب، نيڪ ۽ پر اُپڪاري پرش (سخي مرد) هو. ۽ هڪ اوچي ڪوٽيءَ وارو انسان

هو. ڏيارام جيٺمل، پنهنجي محبت، ادم ۽ اورچائيءَ سان، ڪلارڪي ڪندي، وڪالت جو امتحان پاس ڪري وڏي اوج تي رسيو.

ڪراچي ۾ سنڌ جو ناليرو ۽ برک وڪيل بڻيو بمبئي ڪائونسل جو ميمبر به ٿيو.

چوهڙمل ڪندنمل پنجابيءَ کان پوءِ، ٻيو ڄڻو جو مئٽرڪ امتحان ۾ پاس ٿيو، سو آلومل ٽيڪمداس پوڄواڻي هو. آلومل ٽيڪمداس، سيدو ساهي ڪراچيءَ کان، هڪ دنگيءَ ۾ چڙهي، بمبئيءَ لاءِ روانو ٿيو. 15-16 ڏينهن جي ساموندي سفر کان پوءِ، بمبئيءَ ۾ پهتو. امتحان ڏنائين ۽ پاس ٿيو.

ديارام گدومل شاهاڻي، خشڪيءَ رستي مسافري ڪري، مئٽرڪ جو امتحان ڏيڻ لاءِ، بمبئيءَ ويو هو. ڪراچيءَ کان ڪوٽڙيءَ تائين ريل جي مسافري، 1861ع ۾ شروع ٿي هئي. ڪوٽڙيءَ کان ملتان تائين، سنڌونديءَ تي آگبوٽن وسيلي سفر. ملتان کان لاهور ۽ لاهور کان دهلي، ريل رستي مسافري، دهليءَ کان چڪڙن ۾ چڙهي، جئپور، اجمير، پالڻپور وغيره ۾ منزلون هڻي، احمد آباد ۾ پهچڻو پوندو هو. احمد آباد کان ريلوي مسافري شروع ٿي ٿئي. ريل رستي، احمد آباد کان بمبئي. ديارام گدومل اهڙو وڏو شاهي چڪر ۽ اٽانگو سفر ڪيو ۽ بمبئيءَ ۾ اچي مئٽرڪ جو امتحان ڏنو.

1878ع ۾، ڪراچي شهر به مئٽرڪ امتحان لاءِ مرڪز بڻيو. سنڌي شاگردن سان وڏو سهنج ٿيو. بمبئيءَ ۾ ڪهي وڃڻ جا ڪشالا دور ٿي ويا. شاگردن کي وڏي هٿي ملي. مئٽرڪ امتحان لاءِ هاڻ، شاگردن جو تعداد سال به سال وڌڻ لڳو.

ڪاليجي تعليم لاءِ، سنڌي شاگردن کي لازمي بمبئيءَ ۾ وڃي رهڻو پوندو هو. اها ڪا رواجي ڳالهه نه هئي. ڪي ڳاڻ ڳڻيا سنڌي شاگرد، ڪاليجي تعليم پرائڻ جو ارادو ڪري سگهندا هئا.

ڪراچيءَ ۾، سنڌ جو پهريون ڪاليج 1878ع ۾ برپا ٿيو. "سنڌ آرٽس ڪاليج" نالي سان سڏيو هو پوءِ اهو ڪاليج، ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج نالي سان هاڪارو ٿيو.

ڪراچيءَ ۾ ڪاليج برپا ٿيڻ کان اڳ جي سنڌي وديارٿي (شاگرد) بمبئيءَ ۾ وڃي، ايلفنسٽن ڪاليج مان گرئجوئيٽ ٿيا، سي هي آهن:

1- چوهڙمل ڪندنمل پنجابي، 1865ع ۾ (فرسٽ ڊويزن)
2- آلومل ٽيڪمداس پوڄواڻي، 1867ع ۾ (سيڪنڊ ڊويزن)
3- صادق علي فريدون بيگ مرزا، 1872ع ۾.
4- ٽيڪچند اوڌوداس واسواڻي، 1875ع ۾
5- ديارام گدومل شاهاڻي، 1878ع ۾، (سيڪنڊ ڪلاس ۽ ايلس اسڪالرشپ)
6- هرچند راءِ وشنداس پارواڻي، 1882ع ۾، (سيڪنڊ ڪلاس)
7- وزيرمل اُتمچند لالواڻي، 1884ع ۾
8- ٺهلرام ڪيمچند وزيراڻي، 1884ع ۾، (سيڪنڊ ڪلاس)
9- بولچند ڪوڙومل جڳتياڻي، 1884ع ۾.
10- هيرانند ڪيمسنگهه آڏواڻي، 1886ع ۾، (سيڪنڊ ڪلاس)
11- مٿراداس جوهري، 1886ع ۾ (سيڪنڊ ڪلاس)
12- همتسنگهه گجسنگهه آڏواڻي، 1886ع ۾
13- دلپتراءِ روچيرام لالواڻي، 1886ع ۾

مٿين گرئجوئيٽن مان، ٽن ڄڻن، ايل ايل بي امتحان به پاس ڪيو. ديارام گدومل شاهاڻيءَ 1882ع ۾، هرچند راءِ وشنداس پارواڻي 1885ع ۾ ۽ ٺهلرام ڪيمچند وزيراڻي 1886ع ۾.

مرزا قليچ بيگ فريدون بيگ، بمبئيءَ ۾، ايليفنسٽن ڪاليج ۾ بي. اي. تائين پڙهيو. پر ڪن لاچاري ۽ اڻ ٽر سببن سبب، آخرين امتحان ڏئي نه سگهيو.

1878ع کان اڳ، ٻن سنڌين، انجنيئرنگ ۾ ايل. سي. اي. ڊگري حاصل ڪئي.

1. پريتمداس پرسومل چنداڻي، 1885ع ۾ فرسٽ ڪلاس آيو.
2. ڪياسنگ رامسنگ للا، 1882.

تارا چند جيرامداس واڌواڻي، 1886ع ۾ ايل. ايم. ايس. امتحان پاس ڪري، پهريون سنڌي ڊاڪٽر بڻيو.

1878ع ۾ پهريون سنڌي شاگرد. سورهن ورهين جي هلندڙ عمر ۾، مئٽرڪ امتحان ڏيڻ واسطي حيدرآباد سنڌ مان ڪهي، ڪلڪتي ڏانهن روانو ٿيو. سو هو هيرانند شوقيرام آڏواڻي. مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري، ڪلڪتي جي پريزيڊنسي ڪاليج ۾ داخل ٿيو. 1883ع ۾ بي. اي جو امتحان پاس ڪيائين ۽ سيڪنڊ ڪلاس ۾ آيو.

هيرانند شوقيرام جو ننڍو ڀاءُ، موتيرام شوقيرام، 1880ع ۾، ڪلڪتي ۾ اچي، آلبرٽ اسڪول ۾ چوٿين درجي ۾ داخل ٿيو.

موتيرام شوقيرام آڏواڻي، 1888ع ۾، ڪلڪتي يونيورسٽيءَ مان ايم. اي جو امتحان جس سان پاس ڪيو ۽ پهريون سنڌي ايم. اي بڻيو.

(ورتل، "سنڌو"، احمد آباد، 1983ع)

چيتن ماڙيوالا

# شاهه ۽ سنڌ ورڪي

سالڪ توڙي شاعر پنهنجو خاوند خلقت ۾ ئي پسي ٿو. اپاڻٿهار جي هستي سندس خلقيل ڪائنات ذريعي ئي محسوس ڪري سگهجي ٿي. انهيءَ ڪري ئي شاعر يا سالڪ اڪثر آگي جي اڏيل دنيا سان ئي گفتار ڪندو رهندو آهي. عام ليکي هو اجا دنيوي معاملن ۾ مگن آهي. مگر هُو حق سان ئي سندس اپايل هستين ذريعي ملاقات جو مزو ٿو ماڻي. الله لوڪن ۽ المست شاعرن کي انهيءَ سبب عام ماڻهو سمجهي نه سگهندا آهن. هو جڏهن ڪثرت ۾ وحدت پسندا آهن، تڏهن سندس خوشيءَ جي حد نه رهندي آهي ۽ سندن اُمنگ اُڇل ڪائي شعر جي صورت وٺندا آهن. شاعر جي گفتار مان سچ پچ ٻيڻو مقصد حاصل ٿئي ٿو چوته شاعر ٻول ٻولي ٿو هن دنيا جي ٻوليءَ ۾، مگر اشارو اٿس واحد ڏانهن. مطلب ته سندس شعر ۾ دنيوي جس ۽ روحاني رس ٻئي مليا رهن ٿا. انهيءَ سبب اُن مان نه فقط عام ماڻهن کي مزو ٿو اچي، پر سچن سالڪن جي روح کي پڻ راحت ٿي رسي. نه رڳو ايترو مگر شاعر جڏهن خوشيءَ ۾ اچي شعر چئي ٿو تڏهن منجهس بيان ڪرڻ جي قوت اهڙو ته زور ٿي وٺي، جو انهيءَ جي پيٽ ۾ ڪنهن لاءِ ساڻس برميچڻ مشڪل ٿيو پوي.

سنڌ جي تاريخ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙا ته خيال اچيو سامهون بيهن، جن جو پرڙ ناممڪن ٿيو پوي، ڇاڪاڻ ته انهيءَ وقت جي حالتن جو ڪوبه اعتبار جوڳو بيان مهيا نه آهي. اهڙي حالت ۾ ساهتيه جي مدد وٺڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو آهي ئي ڪونه. ان ڏس ۾ وقت جي شاعرن جو شعر گهڻي قدر ڪارگر ثابت ٿي سگهي ٿو. مثال طور شاهه عبداللطيف جو 1689ـ 1752ع وارو زمانو وٺو. سنڌ جو ڪوبه تحقيق جوڳو اتهاسڪ بيان موجود ڪونهي. سنڌ جي تاريخي ڪتابن ۾ انهيءَ عرصي بنسبت حقيقتون

بلڪل ٿوريون ملن ٿيون. جن مان وقت جي حالتن جو ڇٽ ڇاڻ ناممڪن آهي. انهيءَ ڪري ئي ڊاڪٽر ايڇ. ٽي. سورلي جهڙي عالم فاضل پنهنجي تازي ڇپايل ڪتاب “شاهه عبداللطيف ڀٽ وارو” ۾ شاهه جي وقت جو ڇٽ، شاهه کان اڳ جي زماني ۽ پوءِ جي زماني لاءِ موجود مواد تي ٻيهاريو آهي. جيڪڏهن ڊاڪٽر سورلي يا جهڙس ٻيا عالم شاهه جي بيتن جي مدد سان سندس وقت جي فضا کي ڳولي لهڻ جي ڪوشش وٺن ها ته هُو گهڻي قدر ڪامياب ٿين ها. ڇوته شاهه هڪ سچي سالڪ ۽ شاعر وانگيان سماجي حاضر حالتن ذريعي ئي پنهنجي محبوب سان روح رچنديون ڪيون آهن. شاهه صاحب ڪڏهن ٻڌل ڪهاڻين جي ذريعي، ڪڏهن ان وقت جي ڏنڌن ۽ وڻج واپار جي نقشن نگاريءَ معرفت، ڪڏهن جوڳين جڳياسين جي ريتن رسمن جي وستار وسيلي، ڪڏهن ٻين وچتر واٽن رستي پڻ پنهنجي من موج جو اظهار ڪيو آهي. سندس بيتن ۾ ان دور جي حالت جو به بلڪل ٺيڪ نقش پيش ٿيل آهي. انهيءَ ڪري الله لوڪ، ڳنوار، پنوهار، هاري ناري ۽ ٻيا ڪرت وارا سندس بيتن مان پنهنجي پنهنجي سمجهه ۽ خيال آهر حظ ٿا حاصل ڪن. ٻين جي ته شاهه صاحب خوب دل ورتي آهي، پر سنڌ ورڪين کي به وساري ڪين ڇڏيو اٿس. ساڻن چڱا سهڄ ڪيا اٿس؛ خصوصاً سُر سريراڳ ۽ سُر سامونديءَ ۾ سنڌ جي وڻجارن جي وڻج واپار جو بيان دل وٽان ٿو ڪري. جاچي ڏسبو ته سندس بيان ۾ ڪابه ڪاڻ ڪانهي. واپارين جي وڃڻ اچڻ جي ويل، سندس ٻيڙين ۽ غورابن جو ٺٺ، وڃڻ ويل موڪلاڻي ۽ اَچڻ لاءِ اُڪير، نِيلُ مال ۽ آندل وکر، درياهه شاهه جي دهشت ۽ دم وغيره مڙئي جو چڱو چوکو رنگين نقش چٽيو اٿس. شاهه جا سنڌورڪين سان ڪيل سهڄ مفصل بيان جي بيشڪ لائق آهن.

سنڌ جي قدرتي بيهڪ کيس واپاري مرڪز بڻجڻ جو موقعو ميسر ڪري ڏنو آهي ۽ ان جو ملڪ جي ماڻهن پورو پورو فائدو ورتو آهي. جڏهن کان انسان کي واپار مان فائدي حاصل ڪرڻ جي چوش آئي آهي، تڏهن کان سنڌ فقط واپار جي مرڪز هئڻ ڪري ئي اهميت ۽ حيثيت حاصل ڪئي آهي. واپاري وهڪ خشڪيءَ کان پاڻيءَ رستي وڌيڪ تيز ٿي رهي آهي. پاڻيءَ رستي مال موڪلڻ، خشڪيءَ رستي موڪلڻ کان سستو پوي ٿو. درياهه شاهه خدائي وهٽ آهي، جو خرچ ڪائي ئي ڪين. ناڪئا ۽ سندس ڊونڊيون سادا سودا ۽ سندن خرچ پڪو ٿورو. هوڏانهن خشڪيءَ رستي وهٽن جو خرچ ڳاٽي پڳو اچيو وڃي. پاڻيءَ رستي ڪڻ پاءِ جو اهنج گهٽ، ڦورن جو ڊپ به گهٽ ۽ مسافريءَ جي دقت به گهٽ. پوءِ واپاري ڇونه دولهه شاهه کي ورسائيندا! سنڌو درياهه سنڌ مان هڪ دائم واپاري سڙڪ ٺاهي ڇڏي آهي. جنهن ذريعي ئي ايشيا کنڊ جا اُتر وارا ملڪ سنڌ وارن سان واپار ڪري سگهيا آهن. سندن لاءِ ٻيو ڪو چارو آهي ئي ڪونه. ايامن کان، جيتري قدر اتهاسڪ احوالن مان معلوم ٿي سگهيو آهي، ڏسڻ ۾ ٿو اچي ته دنيا جي مکيه واپاري مرڪزن مان هميشه هڪ پئي رهيو آهي. پر واپار جي گهاٽا واڌي يا واپار جي لاهه چاڙهه جو دارومدار فقط ڪفايت ۽ سهولت ئي نه آهي. واپار جي تيزي ۽ مدي هن ڳالهه تي به منحصر آهي ته واپار واريءَ سڙڪ تي سلامتي آهي يا نه؟ واپاري سڙڪ واري ملڪ ۾ جيڪڏهن امن امان قائم آهي ته واپار وڌندو ئي رهندو. جي بي بندوبستگي، بي اتفاقي آهي ته واپار جو منهن مڙندو ۽ واپار ٻيءَ ڪنهن سهنجي سڙڪ ڏي گهلجي ويندو. سنڌ جي تاريخ ڏي نظر ڦيرڻ سان هڪدم چئي سگهبو ته ڇو ڪنهن عرصي ۾ سنڌ جي واپار جي واڌ حد ڪمال کي وڃي رسي ۽ ڇو ڪن ٻين عرصن ۾ واپار ڪِري اچي پٽ پيو. تنهن هوندي به سنڌ جي تاريخ ۾ ڪوبه اهڙو عرصو نظر نه ايندو. جنهن ۾ واپار کي صفا ٻنجو اچي ويو هجي. سنڌ جي وڻجارن، سنڌورڪين واپار کي اهڙو ته پنهنجو ڪري ڇڏيو آهي، جو واپار رستي ڪمائيءَ جو وجهه هو ڪڏهن ڪين وڃائيندا.

عيسوي چوڏهين صديءَ کان وٺي اٺويهين صديءَ تائين سنڌ جي ٻاهرئين واپار جو مرڪز ٺٽو هو. پنجاب توڙي ٻين اتر وارن ملڪن جا ونهيا واپاري ڊونڊين ۾ مال ڍوئي کني ايندا هئا. هاڻي ٺٽو سمنڊ جي ڪناري کان ڳچ مفاصلو پري اندر پيرو آهي، پوءِ واپار جو مرڪز ڪيئن ٿيو؟ ڳالهه هيئن

آهي: سنڌوءَ جي دوآبيءَ ۾ جا رکي رکي ڦيرگهير ٿيندي هئي ۽ سمنڊ کان ايندڙ واري ڪاري جا منهن بندي چڙهيندي هئي، تنهن ڪري سنڌ ۾ سمنڊ وارا بند بہ هنڌائتا نہ هوندا هئا. انهيءَ ڪري ئي انهيءَ زماني ۾ واپار جو مرڪز سمنڊ کان مٿيرو مقرر ڪيو ويندو هو، ڇوتہ انهيءَ ڦير گهير جو امڪان ئي نہ هوندو هو. بندر جو هنڌ ڦرندو تہ انهيءَ مان واپارين کي اهنج خير ڪو سهڻو پوندو هو. انهيءَ ڪري واپاري، مال جي مٿا سٽي ٺٽي ۾ ڪري، پوءِ پنهنجي ملڪ اسهندا هئا. سنڌورڪي بہ ٺٽي ۾ تياريون ڪري پوءِ بندر ۾ ايندا هئا، جتان ڪشتيون ۽ ڪوٽيا، جهاز ۽ غوراب مال سان ڀرائي، مانجهي مڙس ڏورانهن ڏيساورن ڏي روانا ٿي ويندا هئا. شاهہ صاحب جي ڏينهن ۾ سنڌ جي بندر کي لاري يا لاهوري بندر ڪري ڪوٺيندا هئا. اهو انهيءَ ڪري جو لاهور ۽ پسگردائي وارن ملڪن جو واپار هن بندر وسيلي ئي هلندو هو. ٺٽو تہ بيشڪ سنڌ جو واپاري مرڪز هو، مگر واپارين جي ڪني ٿيڻ ويل ميلو لاري بندر تي ئي لڳندو هو. بازاريون ٻڌجي وينديون هيون ۽ هرڪو مرڪندو نظر ايندو هو.

سنڌ جا واپاري پنهنجي وڻج کان پلي پت واقف هوندا هئا. شاهہ جي زماني ۾ آگبوٽ هئا ئي ڪين. سامونڊي سفر ٻيڙين ۽ ٻونڊين، ڪشتين ۽ ڪوٽين، غورابن ۽ جهازن ۾ ٿيندو هو، جن جي رفتار واءَ تي مدار رکندي هئي. واءُ نہ تکو هجي نہ ڍلو ۽ نہ وري آڏو. تکو هجي تہ رفتار بيشڪ وڌي، پر پوءِ ٻيڙي ملاحن ۽ ناکئن جي قبضي هيٺ رهڻ ڏکي، پوءِ سندس قسمت. جيڏانهن بہ واءُ گهِلي وڃيس. ٽڪر سان ٽڪرائيس، منزل رسائيس يا مورڳو ئي ڪنهن اڙانگي ڏس نئينس. اختيار وارو آهي. جي واءُ ٿيو ڍلو تہ رفتار سست، پل پنجن جا پندرهن ڏينهن نبري وڃن. جي ڪٽي ٻيڙي منزل کي رسي. هوڏانهن درياءُ آڏي طرف وهيو تہ غوراب جو ماڳ پهچڻ تي مشڪل تنهن ڪري وڻجارا وقت جاچي، پاڻيءَ جي وهڪ تپاسي، سڌائي درياءَ ۾ ٻاهرئين ڏيساورن ڏي اسهندا هئا. آزمودي مان معلوم ڪيو هئائون تہ گرميءَ جي موسم، جڏهن چوماسي جو زور رهي ٿو ٻاهر نڪرڻ جوکائتو آهي. مگر

چوماسي جو زور ٽٽو ۽ سياري جي اتر هير لڳي تہ پوءِ سمنڊ ماٺو ۽ واءُ پڻ سڌائو جنهن ڪري اها ئي اسهڻ جي نيڪ ويل هئي. بس اسو ڏٺو ۽ اتر لڳو تہ وڻجارا سفر جي سانباهي کي لڳي ويندا هئا:

لڳي اُتر هير سامونڊين سڙهہ سنباهيا.

—

لڳي اتر واءُ، ڍولڻ هلڻ جون ڪري.

شاهہ صاحب جي چوڻ موجب واپاري سامونڊي سفر تي اُسهندا هئا اتر آسري:

ڪوها ڪال ڪٽي، اُن وڏا اتر آسري.

تڏهن ڇا سنڌ جي واپارين کي ڏياريءَ جو شپ ڏڻ گهر ۾ ملهائڻ نصيب نہ ٿيندو هو ۽ نڪي ڪين لڪشمي پوڄڻ جو ئي ڪو وجهہ ملندو هو؟ اهو نيڪ سوڻ تہ نہ ڇڏيبو! ٻارهن ماهو شپ ڏڻ آڏو ڏسي ڪسڪي وڃڻ وڻجارن لاءِ خير کي واجب هو. سنڌ جا واپاري پڻ سوڻ ساڻن جو خيال رکندا هئا. ڏياري اوڏي آيل ڏسي ڪڏهن بہ ٻيڙيون ٻار ۾ نہ وجهندا هئا. انهيءَ شپ موقعي ملهائڻ بعد ئي سنڌورڪي ڪاري تي اُسهڻ سياڳو سمو سمجهندا هئا:

ڏٺي ڏياري، سامونڊين سڙهہ سنباهيا.

پر مسافريءَ جون تياريون تہ اُتر لڳڻ سان شروع ٿي وينديون هيون، جنهن ڪري ويچاريون وڻجاريون ڏياري ملهائڻ جون تياريون تہ خوب دل و جان سان ڪنديون هيون، مگر اندر ۾ اهوئي اُلڪو رهندو هون تہ ورن کان وڇڙڻ جي ويل اجها آئي ڪي آئي، ڇوتہ:

آئي اُتر منڊ، هيين اُٻڪو نہ لهي،
وٺين لاڄو بند، ٻيهر مکين ٻيڙيون.

ان وقت جي وڻجارن جو سفر لاءِ سانباهو بہ ڪو اهڙو معمولي معاملو نہ هوندو هو. سخت ڪوشش وٺڻي پوندي هئي. خاص ڪري جو واپار ٿيندو هو غورابن ۾، ان سبب سفر جي سلامتيءَ خاطر واهڻ جي خاص

خاطري لهڻي پوندي هئي. مسافري شروع ڪرڻ کان اڳ غوراب کي چڱيءَ طرح جاچي، نقص نظر ۾ آڻي، انهن کي سڌارڻ بلڪل ضروري هو. چوته درياهي وهٽ ۾ ڪا خامي رهجي وئي ته وچ سير ۾ ويهي رهندو. پوءِ واپاريءَ جي وڻج جون ٻه ٽي داڻيون. ٻيڙيءَ کي باريڪ طرح سان ڏسبو هو ته منجهس سوراخ ته ڪين رهجي ويا آهن. تختا ته ڍلا ڪين ٿي ويا اٿس. سنڌ ڪلي ته ڪين پيا اٿس؛ چوته جي ٿورڙيائي ڪمي ٿي ته پاڻي ٻيڙيءَ ۾ پيهي ايندو ۽ ڪيس پري پاتال ۾ پهچائڻ کان ڪين رهندو. انهيءَ ڪري سفر تي اسهڻ کان اڳ ٻيڙيءَ کي نه فقط تيل جو مک ضروري هو پر سندس نوڙ سڙهه، ونجهه ۽ ٻئي ساج جو پڻ اونو رکڻو پوندو هو. جيئن وچ سير ۾ پڇتائڻو نه پوي. شاهه صاحب انهن مڙنئي ڪوشش جو خاطر خواهه اظهار هيئن ڪيو آهي:

وينو ٿُنَ ٿُنيس، مک ڏيهاڻي مڪڙي،
سنباهي سيدَ چئي، نيڙوءَ ۾ نينس،
وڻائي وڏاندرا، لاڄُو لڳائينس،
آخر اُهرائينس، ته جوکو ٿئي نه جهاز کي.

—

ٿُن تنيندو آءُ، مک ڏيهاڻي مڪڙي،
سنباهي سمونڊ جي، منا مور مَ لاهه،
اڄ ڪ سنجهه صباح، اُهرندي اَتانگ تڙين.

—

سڙهه ٿي سبيائون، بندر جن تڙن تي،
سڙهه سبي، ساڄا ڪري، کوها ڪنيائون،
بيرقون بحرن ۾، چوڙي چڏيائون،
لهرون لنگهيائون، لطف ساڻ لطيف چئي.

—

سڙهه سنوان، لاڄو نوان، اولا سندن عاج،
ساٿي سفر هليا، پري جُنگ جهاج.

—

ٿَري ٿُنَ پيياس، پاسنِئون پاڻي وهي،
کوهو جهر جهونو ٿيو، لاڄو سپ لڙياس،
جيلاه سَڏَرُ سکاڻياس، وهي تي وهه سامهون.

واپاري ٻيڙيون سجائي، عمدي سامان سان پُر ڪري پل اسهن. مگر انهيءَ ويل سندن گهروارين جي حالت ڪهڙي ٿيندي هوندي، جن جا ڍوليا ڪين ڇڏي پاڻ ويندا ولايت واپار جي ٻولا ۾، تن جي اندر ۾ جيڪي وهندو هوندو، سو فقط وچڙيل ئي محسوس ڪري سگهندا. ويچاريون ڪري ئي ڇا ٿي سگهيون؟ وَر سائين سفر جو سوچ ڪيو ته پوءِ سندس انهيءَ ڳالهه تان لهڻ ناممڪن هو. وڻجارين وٽ ڳوڙهن ڳاڙڻ جو ئي هڪ هٿيار هو. جو به هن ويل بيڪار هو. چوته شاهه صاحب خود فرمايو آهي:

اٿئي پهر اٿن، سعيو ڪنهن سفر جو.

وڻجارن واپار ۾ اهڙي ته اَک اڙائي هئي جو پاڻ ڇڏائڻ ڏکيو هون. هر وقت ولايت وڃڻ جي تات تن سان لڳي پئي هوندي هين. وس پڄين ها ته جيڪر چوماسي ۾ به نڪري وڃن ها. مگر ڪين خبر وئي ته جيڪڏهن درياهه شاهه جي موج سان مهاڏو اٽڪائبو ته غوراب هٽي اونڌا ڪري ڇڏيندو. تنهن ڪري سفر جي مند شروع مس ٿيندي هئي ته اها ئي تانگهه تاڙي هوندي هين ته هاڻي ڪڏهن اُسهبو. مند آئي، پوءِ مجال جو ويل ٽارين. هر گهڙيءَ اندر پيو چڪ ڏيندين ته اجا دير ڇاجي؟ گهر ڇڏي پرديس پيٽڻ آهي ته بيشڪ اڻانگو پر واپار جي نفعي جي چوش پوي سهين. پوءِ قدم روڪڻ ڏکيو ٿيو پوي. جن جو گذران ئي واپار تي، سي جي ويل ٽاري ويهي رهن ته سارو سال گهران ڪيڏي ڪاڻو پوين. ترسڻ سان ڪمائڻ بدران مورڳو موريءَ ڪتر پوڻ جو امڪان. تنهن ڪري منهن ڪوڙو ڪري، وڻجارين کي ٻڏو اٽبڏو ڪري، واپاري نڪري ويندا هئا. وڃڻ ويل جو دِل پڄائيندڙ نظارو ٿيندو هو. تنهن جو نقش شاهه صاحب هيئن ٿو چٽي:

اُلوڙڻ نہ ڏئي، وَر وڏائين ونجھ کي،
ره اڄوڪي راتڙي، لالن! مون لائي،
وڄ مَ ڦوڙائي، ايڏي سفر سپرين.

—

ٻڳريو جهليو روءِ، مٿي مهري هٿڙا.

ءِ اندر ۾ پيون چون:

ڪوءِ سودو سندوءِ، جو تون ڏولا سکيو.

چوتہ جي وڻجارو ڪٽي ڪڏهن ڪڏهن ولايت وڃي تہ بہ نهيو هت تہ هر مند ۾ اها تات پچر ۽ ڪنهن نہ ڪنهن سفر جو سعيو هو. اها ڳالهہ ويچارين وڻجارين لاءِ ڳري هئي.

اڄا آئين ڪال، پڻ ٿو سفر سنبهين.

جڏهن نير وهائڻ بہ ناڪام ثابت ٿيندو هو تہ ويچاريون صبر ۾ رهڻ ئي ثواب سمجهنديون هيون.

اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جون،
هلڻ هارا سپرين، رئان تان نہ رهن،
آءُ جهليندي ڪيترو، آيل! ساموندين،
پڳه چوڙي جن، وڏا ٻيڙا ٻار ۾.

ڪين اندر جو حال لاچار پاڻ سان ئي اورڻو پوندو هو:

سيئي جوڀن ڏينهن، جڏهن سڄڻ سفر هليا،
رئان رهن نہ سپرين، آيل! ڪريان ڪيئن؟
مونکي چاڙهي چيئن، ويو وڻجارو اوهري.

دل جو دل ۾ پيون چونديون هيون:

وڃيئي وسري شال، جو تون سودو سکيو.

چوتہ:

ساموندڀڪو سڱ، آهي گوندر گاڏئون،
انگن چاڙهي آڱ، وئو وڻجارو اوهري.

جيتوڻيڪ چون بہ گهٽوئي پيون تہ:

ٻيڙيءَ جي پوٽن، نيه نہ ڪجي تن سين،
اپيون ڏنپ ڏسن، جُه سڙه ڏيئي سير ٿيا.

—

اوڙاهہ ويا نہ وريا، آءُ ته ماري ويڻ،
ڪري ساموندين سيڻ، جٿي جار پرائيو.

پر سندن پچر ڪٽي چڏين، سو اصل نہ آگي در اها ئي ارداس پيون ڪن تہ شال وڻجارا ولايت رسي، وڻج واپار ڪري، سلامتيءَ سان واپس ورن:

مون اُپي تڙ پاس، پرينءَ پڳه چوڙئا،
هُو الہ هار اُهريا، آءُ دم دعا ڪندياس،
آس نہ لاهيندياس، موٽي ايندا مان ڳري.

—

اُهريا جئائين، ڍُڪن تن تڙائيين،
ساموندين سائين! واءُ سڻائو وارييين.

—

ڪوها ڪال ڪٽي، اُن وڏا اُتر آسري،
الا! جُهري مَ اُنجي، اولي جي اَٽي،
وڻجارن وٽي، وکر وڏو ٻيڙين.

—

سڙهہ سنوان، لاڄو نوان، اولا سندن عاج،
ساٿي سفر هليا، ڀري جنگ جهاج،
حاصل ڪرين حاج، واحدا وڻجارن جي.

—

سڙهہ سنوان، لاڄو نوان، مهاڻا سندن مير،
ساٿي سفر هليا، ٿيا سڻاوا سير،
جي اَچن ساڻ اُڪير، سي ٻيڙا رکين ٻاجهہ سين.

—

لڙ لهرون لس ليٿ، جتي ات نہ آب جو،
الا! اُت مَ اولهين، ٻيڙا مٿي ٻيٺ،
جوکو ٿئي مَ جهاز کي، ڦرهي اڇي مَ ڦيٺ،
لڳي ڪا مَ لپيٺ، هن غاريبي غراب کي.

وڻجاريون ويچاريون سڪٽي دعا ڪين پننديون هيون، هو دولهہ شاهہ کي خوب ڏام ڏوم سان شيوبنديون هيون ۽ ٻيون سڪائون ڪنديون هيون:

اُپيو تڙ پوڄين، وَهون وڻجارن جون،
آٽيو آکا ڏين، ڪٺوري سمونڊ ڪي.

—

سَرَ نسرئا پاند، اُتر لڳا آءُ پرين،
مون تو ڪارڻ ڪانڌ، سهسين سڪائون ڪيون.

جيستائين وڻجارا واپس ورن، تيستائين سندن وَهُن جو وقت وڏي پوندو هو، جو هو انهن پهن پچائڻ ۾ گذاريندون هيون تہ جڏهن سڄڻ ايندو، تڏهن ڏينهن ڪيئن گذاريندونسين.

جيڪر اڇي هاڻ، تہ ڪريان روح رچنديون،
آيل! ڍولئي ساڻ، هوند ڳر لڳي ڳالهيون ڪريان.

—

آيل! ڍولئي ساڻ، اچي تہ جهيڙيان،
"لايءِ ڏينهن گهڻا، مون سين ڪيءِ ٿورڙا."

ڪڏهن ڪڏهن گهڻن ڏينهن گذرڻ بعد وڻجارين کي شڪ اچي جاڳندو هو تہ شايد وَر واپس نہ بہ وري، متان ڪيس ولايت وڻي ويو هجي، متان مان ئي ڪانئس وسري وئي هجان:

اونهي ۾ اُهري، جڏهن ويا جي،
موٽي ماڳ نہ آئيا، ماءِ! ساموندي سي،
ڪارو تنين کي، جيڪس وَهَ وَري ويو.

—

آءُ جن آساري، مٿي تڙ گذاريان،
مون کي وساري، شال مَ وهن اوهري.

—

لاهيان جي نہ چتاءُ، الا! اُن مَ وسران،
مڙهئو منجهاراءِ، جيءُ منهنجو جن سين.

وري جو خيال ڦرين تہ سر ئي عليحدو پيون آلاپينديون:

هيءُ سڄڻ سيئي، جي مون ڪوڏ نهاريا،
ايندم جان پيهي، تہ سڀ لاهيندم ڏڪڙا.

پر جڏهن وڏيڪ وقت ڪاٽڻ مشڪل ٿي پوندو هون تہ لال ڪانگ اُڏائي، ڍولڻ جي اچڻ جي خبر لهڻ جي ڪوشش ونديون هيون:

تن جنين جي تانگ، سي سڄڻ سفر هليا،
لئج لات لطيف چئي، ڪڏهہ ايندم ڪانگ!

وڻجارن جي اُسهڻ تي سندن گهر جي اِجها اها حالت ٿيندي هئي. ويڳاڻائي نہ فقط سندن گهرن کي وڪوڙي ويندي هئي، پر ڪانئن سواءِ بندر توڙي بازار پڻ ٻُسا پيا لڳندا هئا. اڳ آمد ورفت ۽ ڇهڇٽو شغل ۽ شادمانو واپارين جي سفر اسهڻ ڪان پوءِ بلڪل مانو ٿي ويندو هو. انهيءَ مانائيءَ جو بہ شاهہ صاحب هيئن چٽ چٽي ٿو:

ننگر ۾ ناڙيون، پڳهہ ڪٽي پنڌ ٿيا،
بندر بازاريون، سڃا ساموندين ري.

وڻجارا سٽائي سير وٺي، وڻج واپار لاءِ نڪرندا تہ هئا، مگر سندن رفتار شروع ۾ ڍلي رهندي هئي، جيستوڻي دوآبي مان نڪري درياهہ شاهہ جي گود ۾ داخل ٿين. دوآبيءَ ۾ مڪڙي ڪاهڻ سوکو ڪم نہ هو. هن حصي ۾ زمين جو سمنڊ ڏي لاهہ ڳچ آهي، جنهن ڪري پاڻيءَ جي تک چڱيائي رهي ٿي. ويتر جو زمين بہ آهي پورو، ان ڪري درياهہ جهٽ پائيندو وڃيس.

پاڻيءَ ۾ لڙ، لٺ ۽ چڪڻ جام، سي ملاحن کي البت اهنجا لڳندا هئا، خصوصاً انهيءَ هنڌ، جتي ندي سمنڊ سان سڪ ڀري ڳراٽڙيءَ ۾ ٿي ڳنڍجي، اُتي ٻيڙين لاءِ خاص اُڏڪو رهندو هو. ڇوته جتي به وچڙيل گهٽي اُڪير مان ملندا، اُتي هرڪا حرڪت سندن ميلاپ جي مدهوشي ظاهر ڪندي. پوءِ انهيءَ هنڌ جي آب ۾ جي جوش رهيو ته ڪهڙو عجب! انهيءَ ڪري ملاح ٻيڙا ۽ غوراب دوآبي مان آهستي ۽ سخت خبرداريءَ سان ڪڍي جڏهن سمنڊ ۾ داخل ٿيندا هئا، تڏهن ئي ساهه پٽڻ ۽ شڪراني ميڻ جو وجهه ملندو هون. شاهه صاحب انهيءَ پاڻيءَ جي تک ۽ چڪڻ جي اهنجن ڏانهن اجهو هيئن اشارو ڪيو آهي:

آڏو چڪڻ چاڙهه، مهجي موج نه سهي مڪڙي.

واپاري غوراب ندي ڇڏي درياهه ۾ داخل ٿيندا هئا ته سندن وک ويندي هئي وڌندي. ست پاتالي سمنڊ جون ڇوليون ڪوٽيارن کي منزل ڏي تڪڙو پورڻ ۾ مشغول ٿي وينديون هيون. بس پوءِ پريئون ولايت به آيو رهيو:

اونهي ۾ اُهري، جڏهن جي ويا،
سانداري سمونڊ ۾، نهوڙي نيا،
وڃي تت پيا، جت نهايت ناهه ڪا.

مگر انهيءَ جو هروڀرو اهو مطلب ڪونهي ته هرڪو بنا تڪليف وڃي منزل کي رسندو هو. رستي تي درياهه جي دهشت، هنن جي ڪيڪراٽن، اٽانگن واٽن ۽ ٻين اڪيچار ستن بعد وڻجارا وڃي ولايت پهچندا هئا:

لڙ لهرون لس ليٺ، جتي اَت نه آب جو،
الا! اُت م اولين، ٻيڙا مٿي ٻيٺ.

—

جُتو واءُ جهاز! گڏئون غرابن سي.

—

اچن ٿا آواز، سڻاٽي سمونڊ جا.

—

وه تک وهڪرا، جت ننگر نه لهرن،
وڏاندريون وه سامهيون، جهجهي زور جنين.

—

لهرن ليکو ناه ڪو، جت ڪپر ڪن ڪارا،
آچارا عميق جا، اچن اوپارا.

—

ڪال وڏائين ڪن ۾، وڏا جنگ جهاج.

—

لڳي واءُ وڏاندرو، مُنجهائي مهراڻ.

مٿي بيان ڪيل عام اتفاقن کي منهن ڏيڻ لاءِ وڻجارن کي ڪن جوڳن اُپائن وٺڻ جي ضرورت پوندي هئي. پهريائين غوراب ٺيڪ ۽ سالم رکڻ، جيئن سمونڊ جو جوش ۽ جولان سهي وڃي. خاص طرح غوراب جا پاسا پختا ۽ ڊگها هئڻ ضروري هوندا هئا، جيئن پاڻي ڇيرن مان يا ٻاهران اٿل کائي، پاسا ٽپي اندر نه اچي. جي پاڻي ٻيڙيءَ ۾ پينو ته ڪاري هئڻ سبب مال تي پوڻ ڪري اُن جي نقصان ٿيڻ جو امڪان هو ۽ گهٽي پاڻيءَ اچڻ سبب ڳوراڻ ٿيڻ ڪري ٻيڙيءَ جي ٻڏڻ جو پڻ انديشو هو.

مک پنهنجي مڪڙي، چڱي ڪر ڇيني،
پاسا پاڪڙين جا، سمونڊ ٿو سيڪي،
جي لُنڊا ۾ ليکي، وِير وڙهندي تن سين.

ٻيڙيءَ کي مکي پڪي پختي ڪرڻ جو اُپاءَ ته وڻجارا سفر شروع ڪرڻ کان اڳ ئي پلي پت وٺندا هئا. تنهن کان سواءِ ٻيڙي هلائڻ جا ساز ۽ سامان به جانچي ڪڻڻ جي ضرورت هئي، ڇوته جهريل اوزار سمنڊ جهاڳڻ ۾ مددگار ٿيڻ بدران رڪاوٽ پيدا ٿا ڪن. شاهه صاحب به فرمايو آهي:

پوريندي هن پار ڏي، سڌر ڪڄ ساز.

اوزارن جو اُپاءُ پڻ سنڌ جا وڻجارا چڱيءَ طرح ونندا هئا. خود شاهه صاحب ڪيئن سنون سڙهن، نون لاڄن، عاج جي اولن، ڪوهن، بيرڪن وغيره جو دل کولي بيان ڪيو آهي. درياهه شاهه جي علحدين اوجن موجن کي منهن ڏيڻ خاطر ٻين مڙنئي اپائن کان خاص ضرورت هوندي هئي. ڪنهن قابل معلم جي. سنڌ ۾ معلم کي سڪاني سڏبو آهي. سڪاني نه فقط پنهنجي ڪم کان ڄاڻو گهربو هو پر سجاڳ پڻ ۽ سنڌ جا وڻجارا سفر تي اُسهڻ کان اڳ هميشه سڪاني ساڻ نيڻ جو بلو ڪندا هئا. شاهه صاحب ڪين فرمايو آهي:

ملا معلم خبرون، پڇي پوريائون.

معلم کي منزل تي رسڻ توڙي هر لحظي سجاڳ رهڻ جي ضرورت شاهه صاحب جي ڳچ بيتن مان معلوم ٿئي ٿي. هو نه فقط انسان کي آگي سان ملڻ خاطر ڪنهن ڪامل مرشد جي ضرورت جي انهن بيتن رستي اظهار ٿو ڪري، مگر پنهنجي وقت جي حقيقت پڻ واپاري غوراب ۾ سجاڳ سڪاني ساڻ نيندا هئا. انهيءَ جو به ساڳين بيتن ذريعي چٽيءَ طرح بيان ٿو ڪري. سڪانيءَ سان گڏ ملاحن ۽ ناکئن کي تيز نظر رهڻ جي به ضرورت هئي. انهن مڙنئي ڳالهين جو پتو شاهه صاحب جي هينين بيتن مان ملي ٿو:

سامونڊي ٿو سنبهين، ساڃو جهل سڪاڻ.

—

بندر جان پئي، ته سڪاڻيا مَ سمهه،
ڪپر ٿو ڪُن ڪري، جيئن ماٽي منجهه مهي،
ايڏو سور سهي، ننڊ نه ڪجي ناکئا.

—

آهي آر اکن ۾، ناکئا! ڪج نگاهه،
وڏا ٻيڙا لوڙئا، سائو ڏيئي ساهه،
ملاحظو ملاح! ڪج ڪو انهيءَ ڪن جو.

—

ملاحظو مهراڻ جو مورِ مَ لاهه مناءِ،
سامونڊي سنڀال، ڪين! سمهڻ آيُنه ساءِ،
جاڳي خبر مٿاءِ، تاري واءُ تراز ڪي.

—

تاري واءُ تراز ڪي، منجهان موج ملاح!
دانهون ڪن درياهه جون، انهي جا آگاهه،
سونهن جي صلاح، ته وير لنگهي وڃيين.

انهن قدرتي اهنجن کان سواءِ وڻجارن کي هڪ ٻيءَ بلا سامهون به ٽيٽو پوندو هو. ٻيڙي پيل ته پختي هجي، ملاح آزمودگار، معلم پنهنجو مٽ پاڻ، مگر جنهن ويل درياهي ڌاڪو اچي غوراب کي ورائيندا هئا ته حالتون ئي اور ٿي وينديون هيون. اهڙي وقت مال اسباب ته پري رهيو خود حياتي بچائڻ به اوکي ٿي پوندي هئي. عيسوي سورهين، سترهين ۽ ارڙهين صديءَ ۾ هندي وڏي سمنڊ ۾ درياهي ڌاڪن جيڪي قهر جا ڪارناما ڪيا، سي ڪنهن کان لڪل ڪينهن. درياهه رستي واپار جهجهو هلندڙ هو جنهن ڪري ڦورن کي ڦرمار جو سونو وجهه ملندو هو. واپاري پيل ته ٻيڙائي قافلا ناهي، بچاءُ ٻيڙين جي نظرداريءَ هيٺ وڻج واپار لاءِ نڪرن، مگر هوڏانهن درياهي ڌاڪن جو بندوبست اڪثر ڪائنئ وڌيڪ مضبوط هوندو هو. هندي سمنڊ وارن درياهي ڦورن ۾ نه رڳو گوادر ۽ جڳت جا ڌاڪو شامل هوندا هئا، پر اچيءَ چمڙيءَ وارا فرنگي پڻ ساڻن انهيءَ پيشي ۾ ڀٽ هئا. ڀلا مفت مال حاصل ڪرڻ ۾ عار آهي ئي ڪهڙو؟ انهن درياهي ڌاڪن ڏي، خاص ڪري فرنگي ڦورن ڏي، شاهه صاحب پنهنجي بيتن ۾ هيئن اشارو ڪري ٿو:

دنگي وچ درياهه ڪين ٻڏي ڪين اُپڙي،
هو جي واڍي واڻيا، سي سونهڻ سپ سڙيا،
معلم ماڳ نه اڳئيين، ڦلنگي منجهه ڦريا،
ملاح! تنهنجي مڪڙيءَ، اچي چور چڙهيا،
جتي ڊينگ ڊريا، تتي تاري تهجي.

خير، وڻجارا لڙ لهرون ۽ لوڏن جي تڪليفن کان ڇٽي وڃي منزل ڪي رسندا هئا ۽ آندل مال وڪڻي نئون مال خريد ڪري آسائتا رهندا هئا ته ڪٿي مند موٽي ته اسين به وطن ورون. جي سندس سفر تي اسهڻ جي ويل مقرر هئي ته واپس ورڻ جي وير پڻ ماڳائتي هئي. جي اُتر هير لڳڻ سان سفر شروع ڪندا هئا ته واهندي سان وري واپس ورندا هئا. جي اسوءَ ۾ اُسهندا هئا، سي چيٽ ۾ موٽ ڪائيندا هئا، پر جي نه وري سگهيا ته وري ورندي واهندي توڻي ترسڻو پوندو هون. انهيءَ مقرر ٽڪساٽ لاءِ چوماسوئي تلاهي هو جنهن ۾ سفر ڪري نه سگهبو هو.

لڳي اُتر اُهريا، واهندي ورن.

بس وڻجارن جي موٽڻ جي مهل ٿي ته وري بندر تي ڇهڇٽو شروع. ويچاريون وڻجاريون آسائتيون اکيون کڻي اچي بندر وٽ دڳ جهليو بيهن. انهيءَ اميد ۾ ته اجهو سجڻ آيا. گلابي رُت ڏني مس ته سوڻ شروع ٿيا. درياهه ڪناري ويهي نظر ڊوڙائينديون هيون ته ڏسون وڻجارو اڄ اچي ٿو يا نه؟ ۽ جيئن ئي دنگيون قطر اندر پيهنديون هيون، تيئن وڻجارين جي اندر ۾ امنگ ڇوليون هڻڻ شروع ڪندا هئا. ٻيڙين جي اچڻ ويل پڻ نظارو ڏسڻ وٽان هوندو هو. شاهه صاحب اهو چٽ خاص باريڪيءَ سان چٽيو آهي ۽ انهيءَ سان گڏ وڻجارين جي اندر ۾ اٿندڙ مختلف امنگن جو پڻ تخمينو لڳايو اٿس:

چمڪيون چوڏار، ڏڄون ڏاريچن جون،
ماءِ! سامونڊي آئيا، سهسين ڪري سينگار،
اُنين جي پچار، ڪالونڪر ڪانگ ڪري.

—

وانئٽيون ٿيون ورڪن، اجا سڙهه نه پڌرا،
سيئي ٿيون مرڪن، جنين سندا آئيا.

—

ڪوهن سر وانئٽيون، وانئٽين سر ڳنڍ،
ڪيڙي ڪيڙي ڪنڊ، ماءِ! سامونڊي آئيا.

—

لاڄو ٿا لوَن، اَچن سڙهه اُپٽيا،
ڪارڻ تن پرين، ويٺي واٽ نهاريان.

—

سڙهه سڃاڻيو چوءِ، ماءِ! سامونڊي آئيا،
مانَ مهجو هوءِ، جاني هن جهاز ۾.

آسائتيون ته مڙيئي وڻجاريون رهنديون هيون، پر ڪن جا ڪانڌ ڪڏهن ورن، ڪن جا ڪڏهن. ويچاريون سطح ڏي نهارينديون رهنديون هيون، جڏهن وڻجارا موٽن، جن جا ڏٺي اچي سهڙندا هئا، تن جي گهرن ۾ سرهائي هوندي هئي.

اڳڻ جي اچن، عيد ورتي اُن ڪي.

—

اڳڻ آيا جان، ته سرتيون! مون سک ٿيا،
اَمُل پريءَ مٺاء، ٻرڪئو ٻين ڏيان.

باقي ٻچيل نراس ٿي موٽي وينديون هيون. اُهي جن اڪيلائيءَ جا عذاب سهي، اُڏاري سُڏاري شيءِ مان وقت ٽپايو هو، انهيءَ آس ۾ ته وڻجارو آيو ڪي آيو ۽ ڏکيا ڏينهن ڄاڻ پورا ٿيا، سي ويل ٽري وڃڻ تي ٻين جا ور آيل ڏسي ۽ پنهنجو ڪانڌ نه پسي، سرد شوڪارن پرڻ کان سواءِ ڪري ئي ڇا ٿي سگهيون:

آسان اُڏارا، آڻي آونگ چاڙهيا،
مه ڏيئي مون آئيا، سَمُها سيارا،
اپرن سيڪارا، پسيو ورن ٻين جا.

مگر تنهن هوندي به آسرو ڪيئن پلين؟ مڙيوئي ڪونه ڪو بهانو ڏيئي پيون دل پرچائينديون هيون:

اونهي ۾ اُهري، جڏهن ويا جي.

موٽي ماڳ نہ آئيا، ماءِ! سامونڊي سي،
كارو تنين كي، جيكس وَهُ وَرِي ويو.

پر جنھن وقت اسھڻ جي نئين مند اچي سھڙندي ھئي ۽ وڻجاري جو اچا بہ پتو نہ پوندو ھو، انھيءَ وقت وڻجاريءَ جو اندر ڪاڄي ويندو ھو ۽ چلي پوندي ھئي:

سَرَ لوھيڙا ڳيئا، ڪُسَر نسريا،
تو ڪئن وسرئا، ڍوليا! ڏينھن اچڻ جا.

خير، اچ نہ سيان، نہ آيل وڻجارا بہ اچي نڪرندا ھئا.

وڻجارا واپار لاءِ ديس ڇڏي پرديس ويندا ھئا ۽ لڏو پري موٽندا ھئا. واپار زور ھو. ڪھڙن ملڪن سان ھو ۽ ڪھڙين شين ۾ ھو، تنھن جو وستار اجا ڪين ڪيو اٿئون. انھيءَ ڪري اھو انومان ڪيڻ تہ شاھ صاحب انھن ڳالھين بنسبت ڪجھ نہ چيو آھي، بلڪل غلط آھي. واپار زور ھو ۽ فائدو جام، تنھن ڪري تر ماتر بہ شڪ ھئڻ نہ گھرجي، چوتہ جي ائين نہ ھجي ھا تہ ھوند وڻجاري ائين ڪيئن چوي ھا تہ:

وڻجاريءَ جي ماءِ! وڻجارو نہ پلئين؟
آيو ٻارھين ماھ، پڻ ٿو سفر سنبھي.

—

لاھندائي ڳنِ، ڳالھيون ھلڻ سنديون.

جيڪڏھن واپار جھجھو ۽ منجھانئس فائدو ڳچ نہ ھجي ھا تہ وڻجارا ايترو پاڻ ڪين پتوڙين ھا! واپاري خيال کان سنڌ ڪي ويجھا ملڪ آھن. گجرات ۽ ڪاٺياواڙ جن جي مکيہ بندر "پور بندر" سان شاھ صاحب جي ڏينھن ۾ سنڌ جو ڳچ واپار ھلندو ھو. گجرات کان سنڌ ۾ ڪپھ ايندي ھئي. جا سنڌ جا ڪوري ڪتي ۽ تجي، عمدو ڪپڙو ناھي، ٻاھر روانو ڪندا ھئا. شاھ صاحب نہ فقط پورو بندر سان سنڌي وڻجارن جي سڱ ڳنڍڻ جي ڪوشش ورتي آھي، پر پور بندر پھچڻ ۾ پيش ايندڙ تڪليفن ۽ اھنجن جو پڻ بيان ڪيو اٿس. فرمائي ٿو:

اَچي سو ڏٺوءِ، جو ڪپر سوءِ ڪنن سين،
ستي لوڪ لطيف چئي، ياد نہ ذرو ڪئوءِ،
غافل ٿي غراب ڪي، اوڙاھ تي آندوءِ،
سو چتر چوھي ڪان رکين! جو پيو پراٽو پوءِ،
جھاز ضعيفن جو، پاٽيءَ ۾ پرتوءِ،
سيد ساٿ سندوءِ، پور بندر پھچائيين.

گجرات بعد سنڌي دنگيون ڪنارو ڏيئي وڃي لنڪا نڪرنديون ھيون:

لنڪا لنڪا ڪن، لئہ لنڪا جي اوھريا،
سٽي سون لنڪا جو سک نہ سامونڊين.

وڻجارا ھيترو ھيٺ لھي ويندا ھئا، تہ بہ اجا اڳتي وڌڻ کان دل نہ رھندي ھين. ويندا ھئا وڌندا، تان جو بنگال ۽ چين ڪي پڻ وڃي رسندا ھئا:

سودي ڪارڻ سنبھي، ويھون وڻجارن،
ويا چين بنگال ڏي، رکي ماٽڪ من.

سنڌ جا وڻجارا جيڪڏھن لنڪا لوچي چين توڙي بہ ٿي ويا تہ پوءِ وچ وارن مصالح وارن ٻيٽن کي ڪيئن وساريو ھونداءُون؟ شاھ صاحب جيتوڻيڪ جاوا سوماترا سان واپار جو سڌيءَ طرح ذڪر ڪين ڇوريو آھي. تہ بہ واپاري وٽن جي وستار ڪندي مصالح وارن ٻيٽن سان سنڌي واپارين جي تعلق جو ذڪر اڻ سڌيءَ طرح ضرور ڪيو آھي، ڇاڪاڻ تہ اھي وٽون انھن ٻيٽن منجھہ ئي جام ٿين ٿيون:

قرقل قوتا پارچا، پاٽيٺ پاتائون.

ھن اشاري مان ظاھر آھي تہ شاھ صاحب واري زماني ۾ "جي ويا جاوا سي ٿيا ساوا" تي عمل ٿيو ٿي. مٿين مڙنئي ملڪن کان سواءِ سنڌ جو واپار ايران جي نار ۽ عربي سمنڊ وارن ملڪن سان ايامن کان ھلندڙ ھو پر انھيءَ جو بيان شاھ صاحب چٽي طرح پيش نہ ڪيو آھي. ايران جي نار سان سنڌ جو واپار خاص ڪري ڪجور ۽ موتين بنسبت ھوندو آھي. سنڌي

موتين جا واپاري اهڙو تہ زور وٺي ويا هئا، جو بحرين بندر جي لولن جو مقاطعو پڻ پاڻ ڪنيو هئائون. ”چترڪلا“ پريس جو مالڪ ڪاڪو هوتچند ٿو ڳالهہ ڪري تہ سندس چاچو بحرين ۾ موتين جي واپار ۾ ڀاڱ (حصو) وٺندو هو ۽ انهيءَ واپار ۾ نفعو ايڏو ٿيندو هو جو هُو بحرين مان موتي خريد ڪري پرڀاهرو بمبئيءَ ۾ وڪڻي سال جا باقي مهينا آرام ۽ فلڪ سان ٺٽي اچي گذاريندو هو. اها ٿي عيسوي اٹويهين صديءَ جي ڳالهہ جڏهن ڪاڪي هوتچند جي چوڻ موجب هيرن جو واپار گهٽو گهٽيل هو. شاهہ صاحب جي زماني ۾ ان کان اڳ، اهو واپار وڃي چوٽ لڳو هو. جڏهن ٺٽي ۾ هيرا لعل وتڻ وارا بازاريون ڀريو ويٺل هوندا هئا. سنڌ کي موتين ماڻڪن خاطر ايران جي نار ئي ويجهو ۽ ڪفايت ڀريو هنڌ هئي. انهيءَ ڪري شاهہ صاحب جي بيتن ۾ جو موتين ڳولي ڪڍڻ واسطي ٽوٻيرن (ٽوٻن) جو بيان ڪيل آهي. سو ايران جي نار وارن غواصن سان ئي لاڳو ٿي سگهي ٿو:

ويا جي عميق ڏي، مُهِ ڪائو ڏيئي،
تن سپون سوجهي ڪڍيون، پاتارا پيهي،
پسندا سيئي، امل اکڙين سين.

—

آچارا عميق جا، گڏئا غواصن،
جهريون جهاڳي آئيا، ڪارونيار ڪُنن،
سمنڊ سوجهي جن، آڻي امل اوليا.

باقي رهيو سوال تہ واپاري وٺون ڪهڙيون هيون، انهن بسنبت شاهہ صاحب جا هيٺيان بيت بلڪل ڪارگر ثابت ٿين ٿا:

ڪاري ڪيڙائون، مٺي مٺي موٺيا،
سودو ڪن نہ سون جو، وڏا وهائو،
موتي جي مهراڻ جا، تن جا طامائو.

—

قرقل ڦوٽا پارچا، پاڻيٺ پاتائون،

ڪوٺيون قيمت سنديون تر ۾ تلڪيائون

وڻجارن جي واپار لاءِ جنسون تہ ڪوڙ هيون، پر چاڪاڻ تہ ڏيساور دور هئا، تنهن ڪري وڻجارا اهڙيون وٺون واپرائيندا ئي نہ هئا، جي جهٽ جهڪيون يا پراڻيون ٿي وڃن.

وکر سو وهاءِ جو پئي پراڻو نہ ٿئي،
ويچيندي ولات ۾، ذرو ٿيي نہ ضياء.

تنهن کان سواءِ جيتوڻيڪ جهالائو مال بہ مَئو هو تہ بہ وڻجارا دنگي ۽ غوراب ٺمٺار ڪين ڀريندا هئا، متان گهٽي بار هئڻ ڪري سمنڊ ۾ ڇيهو نہ رسين.

وکر پاءِ مَر وترو.

مذڪوره بيان مان ائين پيو محسوس ڪجي تہ شاهہ صاحب جي زماني ۾ سنڌ جو واپار گهٽو زور هو، مگر شاهہ صاحب جا ٻيا چند بيت هيءَ حقيقت نٽا ظاهر ڪن. نہ فقط ايترو پر انهن بيتن مان ڏسڻ ۾ پيو اچي تہ شاهہ صاحب جي ڏينهن ۾ واپار گهٽبو ٿي ويو. جيڪڏهن هر ڏس ۾ نہ، تہ گهٽ ۾ گهٽ موتين ماڻڪن ۾ تہ مڙيوئي. شاهہ صاحب فرمائي ٿو:

ويا سي وينجهار، هيرو لعل ونڌين جي،
تنين سندا پوئيان، سيهي لهن نہ سار،
ڪٽن ڪٽ لوهار، هاڻي اُنين پٽيين.

مثال طور سُر سُريراڳ ۽ سُر ساموندي‌ءَ مان بيت ڪٽي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ ڪيئن نہ ساهتيہ اتهاس لاءِ ڪن حالتن ۾ خاص ڪارگر ثابت ٿي سگهي ٿو. هن بيان مان چٽيءَ طرح ڏسڻ ۾ ايندو تہ گهٽ ۾ گهٽ شاهہ صاحب پنهنجي زماني جي اتهاس تي بيتن ذريعي خاص

روشني ٿي وجهي، جنهن ڪري سنڌ جي تاريخ جو اهو پاڳ، جنهن جو ڪو پيو جوڳو بيان نٿو ملي. سو ٻه هاڻي ڪجهه روشن پيو نظر اچي.•

---

مٿئين مضمون ۾ ڪتب آندل بيت ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ واري "شاهه جو رسالي" تان ورتل آهن، •سواءِ "چين بنگال" واري بيت جي، جو ڪاڪي پيرومل مهرچند جي "لطيفي سئر" ۾ هو.

محمد حسين 'ڪاشف'

# سنڌم سنڌيم سمنڊ ۽ سُميري

ٿٽو نگر ڌرتيءَ جي جنهن خطي سان واسطو رکي ٿو، انهيءَ خطي جي قدامت لکين سال آهي. ان جي انساني آباديءَ جي اصل نسل لاءِ ڪئين آچار ويچار بيان ڪيا ويندا رهيا. ماضيءَ کان وٺي اڄ تائين ان جي اصل نسل کي ڌرتيءَ کان ڇڪي ڌار ڪرڻ جي ڪوشش ٿيندي آئي آهي. اهو عمل حقيقتن ۽ تاريخ جي حوالي سان ڪيترو درست آهي، ان تي روشني وجهڻ ڏکي آهي، ڇو ته ان جو سڌو تعلق علم الانسان يا ارتقائي انسان جي علم سان آهي. خدا، ڀلو ڪري محمد حسين پنهور جو، جنهن 'ڪراناجيڪل ڊڪشنري آف سنڌ' لکي، اسان سنڌ وارن جي منهن تي پاڻي وڌو آهي.

آءُ پنهنجي علمي ڄاڻ جي آڌار تي ڪجهه بيان ڪريان ٿو ته جيئن اسان جا عالم، دانشور ۽ ادارا گڏجي انهن حقيقتن جي تحقيق ڪري ڇيد لهن ۽ پنهنجي نئين نسل جي رهبري ڪن ته جيئن انهن لاءِ ڪا سنئين راهه پيدا ٿئي.

ٿٽو نگر يقيني طرح سنڌ جي تاريخ ۾ 'جنت ثانيءَ' جو درجو رکندو هو. ٿٽي جا باغ بستان، باغ عدن کان گهٽ نه هئا. هن جي حسينن ۽ حسينائن جو رعنائيون ۽ عشوه سازيون سحرا پگير هيون. سونهن ۽ ساوڪ جون گلعناريون، گل اندازيون خوشنما ۽ ڪوهه ڪاف جي علائقي کان گهٽ نه هيون. مهرو ۽ مهه جبينن، سيتل ۽ سلوڻن پرين ۽ ڪونج جهڙين ڪامڻين جا جهمٽا ۽ ميڙ، رقص اندام هلڻيون، ڏسندڙن جي عقل کي حيران ڪري ڇڏينديون هيون. هتان جا ميلا، ڏينهن ۽ ڏڻ، عيدون برادون، ڏياريون ۽ آڪاٽيون، هوليون ۽ دسهڙا، جلوس، عيدون ۽ ماتم، تاريخي رهيا. هتان جو علم ۽ فضل، فتويٰ ۽ فياضي، بي ريائي ۽ بي نيازيءَ واري هئي. هن شهرِ خوبان ۽ مدينة العلم جي هر ادا بي بها ۽ ڪمال واري هئي، صنعت ۽

حرفت، وڻج ۽ واپار، بيباڪي ۽ بهادريءَ ۾ هتي جي وڏي هاڪ هئي. ٺٽو ننگر بہ هو تہ سمانگر بہ هو. هر نالي سان سندس ناماچار رهيو. هن شهر جي ايتري هاڪ ۽ ڌاڪ رهي، جو امير خسرو جهڙي شاعر ڪي ٺٽي جي تعريف هنن لفظن ۾ ڪرڻي پئي:

سَرو چو تو در اُچہ و در تَتَہ نبا شد،
گُل مثلِ رخِ خوبِ تُو البتہ نبا شد. ♣

دنيا جي تهذيب ۽ تمدن جي تاريخ ۾ هن واديءَ جي اوج ۽ سڌريل هئڻ جا مثال ڏنا ويا آهن، جن جي اڀياس سان اسان کي انساني ارتقا کان وٺي زماني حال تائين ڪئين نقش و نگار ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هن ڏس ۾ علم الانسان جي ماهرن جي کوجنا جي وڏي اهميت رهي آهي، جنهن ۾ تاريخ جي اهم حقيقتن، انسان جي زندھ رهڻ لاءِ جاکوڙ، انساني نفسيات ۽ ذهني روين جي ترقيءَ کي آڏو رکي تجزيي ۽ مشاهدي ذريعي، حقيقتن کي اظهاريو ويو آهي. تاريخ جي ان ڳوڙهي اڀياس کي سائنسي انداز سان اسان جي آڏو آندو آهي، اسان جڏهن انهن تاريخي حقيقتن تي نظر وجهون ٿا تہ سنڌ جي وادي دنيا جي تهذيبي ۽ تمدني سفر ۾ پنهنجو تمام اُتاهون مقام/درجو رکي ٿي، ٻين تهذيبي آثارن جي ڀيٽ ۾ انيڪ نيون حقيقتون سامهون اچن ٿيون ۽ بحث جا نوان دروازا کلي پون ٿا.

ابتدائي انسان جي پيدائش ۽ ان جي ارتقائي دورن کي ڇڏي، سنڌو واديءَ سنڌ جي ان دؤر جو ذڪر ڪرڻ مناسب آهي، جيڪو مهين جي دڙي، هڙاپا يا هاڪڙا واديءَ واري تهذيبي دور کان گهڻو اڳيرو پنهنجو وجود رکي ٿو جنهن جون نشانيون ٺٽي نگر ضلعي (هتي ٺٽي ضلعي کي آءٌ ساموندي پٽي يا سنڌوءَ جي ڇوڙ وارو علائقو سڏڻ مناسب ٿو سمجهان) جون تاريخ ۾ ساموندي سطح جي ڪري مختلف دورن ۾ مختلف دنگ ۽ حدون رهيون

♣ از: تحفہ الصغر (671هہ) ڪليان عناصر دو ادين خسرو (منقول از مڪلي نامہ) ص 20_21) بقول پير حسام الدين راشدي تہ 667هہ ۾ ٺٽو نہ صرف آباد هو، پر مشهور معروف بہ هو، جو شاعر اتان جي خوبصورت گلن ۽ سروقد سهڻن جي تشبيهہ پنهنجي شعر ۾ ڪم آندي آهي.

آهن. ٺٽي ضلعي مان مراد ٺٽي نگر شهر سان گڏ ٻيا شهر ۽ ڇوڙ وارو سڄو علائقو آهي، جنهن جي صورتحال تاريخ جي دورن ۾ مختلف پئي رهي آهي.

دنيا جي قديم دورن جو تاريخي ۽ جاگرافيائي اڀياس ڪجي ٿو تہ انساني اوسر دوران جن حالتن مان انسان کي گذرڻو پيو، تن جي اثر ۽ باقياتن بابت دنيا جي تاريخدانن، علم الانسان جي ماهرن ۽ جيالاجيءَ جي ڄاڻن ۽ کوجين جو هن ڳالهہ تي اتفاق نظر اچي ٿو تہ: "انساني وسندين هميشہ درياهي وهڪرن جي ميداني علائقن ۽ ان جي ڇوڙ وارن حصن ۾ وجود ورتو آهي. ميداني علائقن زراعت، صنعت، شهري زندگيءَ ۽ وڻج واپار کي وجود ڏنو. جڏهن تہ ڇوڙ وارن علائقن، ميداني علائقن جي ڀيٽ ۾ آبي گذر گاهن ذريعي ميداني علائقن جي مال جي نيڪال ۽ ڪپت ۽ ڏيساور سان اچ وڃ واري ڳانڍاپي جو ڪردار ادا ڪيو." ڇوڙ وارن علائقن جي گهاٽن ٻيلن ۾ مال وند ماڻهو رهندا هئا، جيڪي ساموندي ڪناري جي ويجهو هئڻ سبب ٻيڙيائتا بہ هئا تہ هنن اتي وسنديون بہ آباد ڪيون. انهن ڏيهي ۽ پرڏيهي ماڻهن جي اچ وڃ ۽/ ڏورانهن ڏيهن کان مال آڻڻ نيڻ جو هڪ سلسلو قائم رکيو. ميداني علائقن جي وسندين جو ڏورانهن ملڪن سان تعلق تاريخ ۾ جتي خشڪيءَ رستي نظر اچي ٿو اتي اهو آبي شاهراهن ذريعي بہ وڌيڪ سگهارو رهيو آهي. مشرق ۽ مغرب ۾ ان جا ڪيترا پار پتا تاريخ جي صفحن تي نظر اچن ٿا. انهن رابطن دنيا جي مختلف وادين جي تهذيبي روين سان ڳانڍاپو پيدا ڪيو جنهن ڪري مختلف تهذيبون هڪ ٻئي سان متعارف ٿيون، اهڙيون شاهديون مختلف وادين جي قديم کنڊرن ۽ دريافت ٿيل شهرن مان مليون آهن. تاريخ جي انهيءَ باقيات، اثر ۽ نشانين جي مطالعي سان اها ڳالهہ واضح ٿئي ٿي تہ مختلف وادين جي تمدن ۽ ثقافتن جو هڪٻئي سان واسطو ۽ هڪ ٻئي تي اثر پيا آهن.

جيئن تہ انساني وسندين ۽ تهذيبن جو بنياد درياهي وهڪرن سان لاڳاپيل رهيو آهي، نہ رڳو ايترو پر زراعتي دور کان اڳ، شڪاري دور ۽ چراگاهي دور ۾ بہ درياهي دوآبا، درياهي ڪنارا، درياهن جي اٿل ۽ ڇوڙ وارا

هنڌ انساني رهائش جا ماڳ رهيا. جڏهن انسان جي سرشت ۾ ڳوٺن ٻڌڻ ۽ وسندين وسائڻ جو خيال آيو ۽ حالتن ۽ وقت جي وير انهيءَ لاءِ سهوليتون پيدا ڪيون تہ انسان اهڙن هنڌن تي وسنديون آباد ڪيون، شهر ٻڌا ۽ راڄداريءَ جو بنياد رکيو. دنيا اندر اڄ تائين جيڪي بہ قديم آثار، دڙن، پڙن ۽ کنڊرن جي صورت ۾ مليا آهن، اهي درياهي علائقن جي پر يا ان جي دوآباي واري حصي ۾ مليا آهن. سنڌ جي واديءَ جي دڙن، پڙن ۽ پراڻن پڊن جو بہ ساڳيو حال آهي، اهي پاڻيءَ جي رسد وارن ميداني علائقن ۽ ڇوڙ وارن هنڌن تي رهيا آهن ۽ انسان جي ماضيءَ جي عظمت جي حامي ڀريندا رهن ٿا.

ڪنهن ڏاهيءَ جو قول آهي تہ "پاڻي زندگي آهي ۽ زندگي پاڻيءَ بنا ويران آهي". تخليقِ ڪائنات جي سلسلي ۾ هرڪيولس جو بہ اهو رايو آهي تہ "زندگيءَ جي شروعات پاڻيءَ کان ٿي." ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ "پاڻي زندگيءَ جو مول آهي." تاريخ ۾ واديء سنڌ جي اهميت ۽ حيثيت پاڻيءَ جي ڪري ئي رهي آهي. مٿس اهو نالو بہ پاڻيءَ جي پوڄ ۽ پيچ ڪنڌڙ انهيءَ عظيم درياهہ تان پيو آهي، جنهن کي سنڌو، سپت سنڌو ۽ اباسين ڪوٺيو ويو آهي. ايرانين "زند اوستا" ۾ ان کي "مهراڻ" ۽ 'هپت هندو' ڪري ڪوٺيو آهي. جيڪو اصل ۾ 'سپت سنڌو' آهي." تاريخ جي ورقن ۾ هڪ روايت موجب آدم ثاني حضرت نوح کي اساطيري ادب ۾ "اتنا پشتم" ڪوٺيو ويجي ٿو جنهن جي پٽ "سام" هن خطي کي اچي آباد ڪيو هو.

چون ٿا تہ عظيم طوفان (طوفانِ نوح) کان پوءِ حضرت نوح جي ٻيڙي جودي جبل تي وڃي بيٺي، جنهن کي ڪي عالم ڪوهہ ڪاف ۽ آلپس جبلن سان تعبير ڪن ٿا تہ ڪي ان کي نيرو پربت ۽ سمير پربت ڪوٺين ٿا، جنهن کي هينئر پامير جو مٿانهون پٽ يا پامير جبل ڪري چيو وڃي ٿو. قديم آثارن جي ماهرن جي اڀياس ۽ کوجنا بعد اهو پڌرو ٿيو آهي تہ سنڌو واديءَ وارن جبلن، (جيڪي ڪوه سليمان، هندوڪش ۽ کيرٿر جبلن جي زمري ۾ اچي وڃن ٿا) جي عمر جو ڪاٿو اڏ ڪروڙ کان ڏيڍ ڪروڙ سال آهي. انهن مان کيرٿر وارن جبلن جو ٿن لکن کان پنجن لکن سالن جو عرصو ساموندي پاڻيءَ هيٺ رهيو. سنڌوندي جيڪا اڄوڪي صورت ۾ نظر اچي ٿي، اها راجستان جي علائقي ۾ ڇوڙ ڪندي هئي. سندس وهڪرو اولهہ کان اوڀر ۾ هو. ٿر وارو سمورو علائقو سمنڊ هيٺان هو. تاريخ جو اهو دؤر، برفاني دور کان پوءِ جو دؤر آهي. انهيءَ سڄي صورتحال کي نظر ۾ رکي، اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ ٺٽي وارو علائقو، جنگشاهي ۽ نوري آباد وارو ٽر، مڪليءَ جي ٽڪري، اپن شاهہ واري ٽڪري، پير پٺي وارو ٽاڪرو علائقو توڙي جهرڪن وارا ٽڪر ۽ آمري اهي سڀ سمنڊ هيٺ هئا ۽ آهستي آهستي زميني حادثن ۽ جيالاجيڪل تبديلين جي ڪري پنهنجي وقت تي اڀري مٿي ظاهر ٿيا. ان جو اندازو بہ ڏيڍ کان ٽن لکن سالن تائين لڳايو وڃي ٿو.

اوائلي انسان جي پيدائش جي ڏس ۾ 'علم الانسان' جي ماهرن جا مختلف رايا آهن. ڪن انسان جي پيدائش ڪٿي ڄاڻائي آهي تہ ڪن ڪٿي. سنڌ واديءَ لاءِ اسان وٽ رڳو "آرين" جي حوالي سان گهوڙا گهوڙا هوندي آهي تہ هاءِ آريا، هاءِ آريا! ڪنهن بہ تاريخدان ان نُڪتي تي غور ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي تہ انسان جي پيدائش ڪٿان کان شروع ٿي تہ انهيءَ نُڪتي کان سفر شروع ڪجي. آريا تمام دير سان آيا آهن. تاريخ جي حوالي سان جيڪي پنڌ انسان جي سامهون آيا آهن، تن ۾ هڪ روهڙيءَ واريون ٽڪريون اچي وڃن ٿيون، ۽ ان ۾ "ڪوٽ ڏيجيءَ" وارو علائقو شامل ۽ ٻيو علائقو "آمريءَ" وارو ماڳ آهي. ابتدائي انسان جا پيرا واديءَ سنڌ ۾ اتان شروع ٿيل ڏسجن ٿا. هوئنن آسٽرولائيڊ انسان ڪروميگنان، نينڊرٿل، اتر آفريڪا جو اسپ خور (گهوڙا کائيندڙ) انسان وغيره ابتدائي انسان جي ارتقا جا مثال آهن. ليڪن واديءَ سنڌ، جيڪا ساموندي پٽيءَ کان وٺي مٿي برفاني علائقن تائين موجود رهي آهي. ان لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اتي انساني آبادي قديم پٿر واري زماني ۾ ٻاهران آئي، ليڪن آمري ۽ ڪوٽ ڏيجيءَ جا ماڳ ۽ انهن ۾ جامد ٿي ويل مادو تحقيق جي بنياد تي ظاهر ڪري ٿو تہ جيو گهرڙو / ابتدائي خليو (cell) جيڪو جاندارن جي

پيدائش جو مول آهي ۽ جنهن ۾ انسان بہ اچي وڃي ٿو. ان جون شاهديون هنن پٿرن ۾ موجود آهن. اها تحقيق ظاهر ڪري ٿي تہ واديءَ سنڌ جي انسان جو اصل نسل يا خمير هتان جو ئي آهي، جيڪو هتي اسريو، نسريو، وڌيو ويجهيو ۽ تاريخ جي مختلف دورن مان گذريو ۽ اهو ٻاهران نہ آيو آهي. ان لاءِ تاريخي شاهديون دلالت ڪن ٿيون تہ هن پاڻ ٻاهر وڃي، پوءِ ٻيهر هتي موٽ ڪاڌي آهي.

دنيا جي تاريخ ۾ اڪثر ٻن نسلن کي اهميت سان بيان ڪيو وڃي ٿو: هڪ "آرين نسل" ۽ ٻيو "سامي نسل". دنيا جون اڪثر قومون انهن ٻنهي نسلن سان تعلق رکن ٿيون. ٽيون نسل جيڪو "دراوڙ" جي نالي سان آهي، ان کي هيچ ڪوني، ڪنهن ليکي ۾ ئي نہ ٿو آندو وڃي. قومن جي شجري ۾ سميرين ۽ دراوڙن کي ڪنهن بہ هڪ نسل سان ڳنڍيو نٿو وڃي. آرين لاءِ اهو چيو وڃي ٿو تہ اهي هن واديءَ ۾ ٻاهران آيا. ان نظريي سان بہ ڪجهہ عالم اتفاق نہ ٿا ڪن، ڇوتہ ارتقائي طور دنيا اندر ڪيترين تاريخي حقيقتون موجود آهن، جيڪي ثابت ڪن ٿيون تہ واديء سنڌ جو انسان هتي ئي اسريو، نسريو ۽ نقل مڪاني ڪري دنيا جي مختلف حصن ۾ ويو ۽ اتي جي تهذيبي ارتقا ۾ حصو ورتائين. هن جي سفر جا ٻہ سلسلا تاريخ ۾ ملن ٿا. هڪڙو سامونڊي پٽيءَ سان اولهہ ڏي هلي اتر آفريڪا، ڪريٽ، ڏکڻ يورپ (ان وقت ڀونوچ سمنڊ نہ هو) وچ مشرق، ڪاڪيشيا ۽ آذربائيجان وارن پٿن تائين پهتو. هزارين سالن جي پرهٽي کهٽي اختيار ڪرڻ بعد وري واديء سنڌ جي اتر اولهہ کان اُن ۾ داخل ٿيو. ٻيو سلسلو ڏاکڻو ۽ اوڀارون ڪنارو ڏئي جاوا، سوماترا ۽ ان کان بہ اڳتي وڃي ٿو. ان بعد اهو ڏکڻ هندستان مان ٿيندو، گنگا جمنا جي واديءَ تائين پهچي ٿو ۽ اتر کان آيل انسان سان هن جو مڪا ميلو ٿئي ٿو. اهي ٻئي سلسلا واديء سنڌ جا آهن، جيڪي هتان نڪرن ٿا ۽ هزارين سالن بلڪ ان کان بہ مٿي عرصي بعد واپس اچي ملن ٿا. جيڪي اڳ پهتا، انهن کي تاريخ دراوڙ سان تعبير ڪيو ۽ جيڪي بعد ۾ آيا سي آريا سڏجڻ لڳا. ۽ سندن جيڪا باقيات هن واديءَ ۾ رهي، تن کي بہ دراوڙ سان تعبير ڪيو ويو. هتي هڪ نهايت اهم سوال پيدا ٿو ٿئي تہ "سميري" جيڪي سامي نسل نہ آهن، تن کي تاريخدان ۽ علم الانسان جا ماهر آرين نسل ۾ شمار ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن، تہ پوءِ آخر واديء سنڌ جي ماڻهوءَ اڄ کان هزارين سال اڳ سامونڊي پٽيءَ سان ميداني علائقن ۽ درياهي دوآبن لاءِ جيڪا نقل مڪاني ڪئي، ان کي ڪهڙي لقب سان سڏجي ۽ ان کي ڪهڙو نالو ڏجي؟ بحث کي مختصر ڪندي، آءٌ هتي هڪ ڇوٽي پيش ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان، جيڪا اسان جي سنڌ ۾ عام هئي ۽ آهي:

سُمير ۾ نہ ساريون، ڪلر ۾ نہ ڪماند،
هر، هاري، ڏاند، ڪه ڄاٽان ڪيڏانهن ويا.

اڄ جي زبان ۾ اها ڇوٽي مٿينءَ صورت ۾ آهي، اوائل ۾ ان جي صورت ڪهڙي هوندي، ان لاءِ ڪجهہ چئي نٿو سگهجي، ليڪن لفظن جي هيئت ۽ تصور کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. هن ڇوٽيءَ جو اصل لفظ "سمير" بحث طلب آهي تہ آخر اهو هن ڇوٽيءَ ۾ ڪيئن آيو. اسان وٽ لفظ سنڌ، سميري ڊنڊ/ سامرائي ڊنڊ (جيڪا امرڪوٽ جي اولهائين ۽ ڏاکڻي طرف واري پٽ ۽ ڏيپلي جي تر واري حصي ۾ آهي) ۽ سارڻ ڊنڊ بہ ان ئي وراڻ ۾ آهي. سميري ديهہ، سمو، سومرو، ساڪرو، سوماترا، سيستان وغيره اهي ۽ انهيءَ قسم جا ٻيا لفظ ڇا ٿا ڏيکارين. اهو هڪ سوال آهي؟ مون تاريخ جي جنهن دؤر جو ذڪر ڪيو آهي، ان ۾ مڊغا گاسڪر، سيلون، انڊ مان ۽ نڪوبار وارا ٻيٽ، هند جي هيٺين نوڪ، جاوائي ٻيٽن واري پٽي، انڊونيشيا وارا ٻيٽ، آسٽريليا کنڊ، اهي سڀ لاڳاپيل هئا، عرب ۽ آفريڪا کي جدا ڪندڙ سمنڊ نہ هو، نہ وري ايراني ڪاري موجود هئي. ڏکڻ آمريڪا، ڏکڻ آفريڪا کي بلڪل ويجهو هو. ندين ۽ نالن جا وهڪرا اهي نہ هئا، جيڪي اڄ کان ڪجهہ هزار سال اڳ نظر اچن ٿا. يا هن وقت آهن.

جيئن تہ بنيادي ڳالهہ ٿني جي آهي، جنهن جي سامونڊي ڪناري تي لکڻ لاءِ مون قلم کنيو آهي، پر هيءَ تفصيلي وضاحت ان لاءِ ڪئي اٿم تہ هن واديءَ جي قوم، درياهہ ۽ سمنڊ جي درست نالن ۽ تاريخي پس منظر تي

غور ڪري معلوم ڪجي تہ انهن جي اصليت ڇا ۽ ڪيئن آهي؟ هي خطو جيڪو نئين سرڪار يا چاچڪان/ چڪر هالہ يا ساموئيءَ واري پرڳڻي جي نالي سان تاريخ ۾ پنهنجو مقام رکي ٿو ان جي بيان ڪيل صورت نظر انداز نہ ڪجي تہ بهتر ٿيندو.

ارتقائي حيات ۾ جتي نينڊرٿل، ڪروميگنان ۽ اسپ خور (گهوڙي کائڪ) انسان جي باقيات جو پتو پوي ٿو اتي اسان "آمري"، "ڪوٽ ڏيجي" ۽ "سوان" واديءَ مان مليل باقيات جي آڌار تي اهو ضرور چئي سگهون ٿا تہ نسل انسانيءَ جي ارتقائي ڪڙين ۽ ان جي شاهدين جي سلسلي ۾ "دراوڙي" نسل جي انسان جي ابتدائي دور کي ان سان ڳنڍي سگهجي ٿو. اڄ بہ سنڌي ٻوليءَ جو لفظ "ڏراڙ" ان باقيات جي ڪا بگڙيل نہ، پر عملي ۽ درست نشاني آهي. ڪن عالمن جو چوڻ آهي تہ "دراوڙ" آسٽريلائيڊ ۽ بحيره روم (جيڪو اڳ ميداني علائقو هو) جي انسان سان ميلاپ جو نتيجو آهي. جيڪڏهن انهيءَ ڪليي کي تسليم ڪجي تہ پوءِ اهو بہ مڃڻو پوندو تہ ميد ۽ جاٽ خود دراوڙ نسل جي پيداوار آهن، جيڪي بہ هتان جا نهايت قديم باشندا آهن. اهي ٻئي نسل ساموندي علائقي ۽ ميداني علائقن ۾ اڄ بہ موجود آهن ۽ سيمٽڪ يا سميرين سان مشابهہ آهن. اڄ کان لکين سال اڳ ڌرتيءَ جي بناوت ۽ ان جي ساموندي سطح ڪهڙي هئي، ان لاءِ عالمن جي تحقيقي راين کي نظر انداز ڪري نٿو سگهجي. انسان جي نسلي تحقيق جي روين ۽ جسماني بناوت تي عالمن جيڪا راءِ قائم ڪئي آهي، ان جي آڌار تي "دراوڙ" سنڌو واديءَ جي هڪ مهان قوم جي باقيات آهن. اهو چوڻ تہ آرين کين تهذيب ۽ شائستگي سيکاري، ان کي خاص وزن نٿو ڏئي سگهجي. "دراوڙ" خود تعمير جي فن، شهري نظام، معاشرتي آداب، کيتي ڪرڻ، ڪپڙي اُڻڻ، ٿانون ٺاهڻ جي هنر ۾ پڙ هئا. آرين خود اهي هنر "دراوڙن" کان سکيا ۽ سندن ديوتائن کي بہ پنهنجو ڪيو. آريا بہ هزار ق. م کان 1500 ق. م واري درمياني حصي ۾ واديءِ سنڌ ۾ وارد ٿيا. واديءِ سنڌ جي ماڻهوءَ جي نقل مڪانيءَ جا تاريخ ۾ ڪيترا ثبوت موجود آهن. تاريخ جا عالم انساني ساخت، ان جي باقيات ۽ نسلي ڇنڊڇاڻ جي بنياد تي تذبذب جو شڪار آهن. چوتہ هاڻي آرين جو هن واديءَ جي انسان کان غير واسطيدار هئڻ وارو نظريو کين ڊهندو نظر اچي ٿو. هيءَ ڳالهہ تحقيق ۾ وقت جي فيصلي تي مدار رکي ٿي. "مهين جي دڙي" جي تمدن لاءِ "ميڪڊونالڊ" جو چوڻ آهي تہ اهو سميريائي تمدن جي شاخ آهي. جڏهن تہ "هِل" جو خيال آهي تہ "سميريائي" تمدن بذات خود "مهين جي دڙي" ۽ "هڙپائي تهذيب" جي هڪ شاخ آهي. "ارنيسٽ ميڪي" جو چوڻ آهي تہ "سميرين" ۽ "واديءَ سنڌ" جي ماڻهن جا ابا ڏاڏا هڪ ئي نسل مان هئا."

سميرين جي تحريري الواحن (تختين) مان آثارِ قديمہ جي ماهرن کي جيڪا معلومات ملي آهي، اها مٿينءَ ڳالهين جي وڌيڪ تصديق ڪري ٿي.

(الف) دلمون، ميلوها ۽ ساڳان جي شهرن مان مال، گرم مسالا، سون، چاندي، ٽامو ٽين، قيمتي پٿر، موتي، مٽڪا، عاج مان ٺهيل سامان، ڪپڙو، ريشم وغيره سميرين جي علائقي ميسوپوٽيميا ۽ بئبلونيا ڏانهن آبي توڙي خشڪي گذر گاهن ذريعي ويندو هو.

(ب) سنڌوماٿر جا "پڻي" لوڪ بئبلونيا ۽ مئسوپوٽيميا جي ذڪر ۾ الهندي ايشيا ۾ بينڪون وجهي ويٺا ۽ اهي سميرين يا سيميٽڪ وارن سان سنگ ڳنڍي گڏجي ويا. هنن اتي "ميلوها" نالي وسندي آباد ڪئي، جنهن جا آثار 4000 ق. م جا آهن.

(ج) ليمبرگ ڪاريو وسڪي، ڊاڪٽر محمد رفيق مغل ۽ ايلزبيٿ ڪاسپر جي ڪوجنائن ۽ تحقيق مطابق اهو واپار ۽ ماڻهن جي اچ وڃ ۾ هڪ ٻئي سان ميل ميلاپ جو سلسلو ان کان بہ آڳاٽو پائنجي ٿو چوتہ "چانهوءَ جي دڙي" مان جيڪي ڇنيل مٽڪا يا ٿانون يا ڪارچوبيءَ جي ڪم جا نشان مليا آهن، تن جي عراق جي "تل اسمارا" واري شهري ڪنڊرن مان

مليل اهڙن شين سان وڌيڪ ويجهڙائي نظر اچي ٿي، جڏهن ته انهن جا ڪاريگر ساڳيا يا ساڳيو نسل رکندڙ هئا، جن وٽ انهيءَ هنر جو تسلسل موجود هو.

(د) سميري حاڪم شروڪن اعظم/ شيارگني شري سارگون جي حڪومت دلمون کان قبرص تائين هئي. سميرين جي تحريري تختين مان دلمون، ميلوها ۽ ساگان جي ماڻهن جي جهازن ذريعي سميرين جي قديم ۽ اهم شهر "نپور" ۾ "ان لِل" ديوتا ۽ ان جي مال اسباب جو ذڪر به ملي ٿو.

سنڌوءَ جو ڊيلٽا اڄ کان ڪئين هزارين سال اڳ انتهائي اورتي هو. سنڌو ڪنهن زماني ۾ راجستاني علائقي واري سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو، اُهو جيالاجيڪل تبديلين سبب سوات جبلن جي وچان، ڪوئيٽا جي ايرندي علائقي، ڪنڌڪوٽ جي پران، ڪيرٿر جي بنهه پاسي کان وهي، سڌو اوپر ۽ اوپر ڏکڻ وچي سنڌ جي ميداني علائقي مان به وانجهرو وهي، هيٺ ڇاڙهون ۽ ڊورا ٺاهي سمنڊ سان سهيوڳي ٿيندو هو. ان وقت مڪليءَ وارا ماڳ ۽ سونڊن جي سيم سان سمنڊ جي ڳر پئي لڳندي هئي. ڪلاچيءَ وارو ٽڪرو به ٻيٽاريءَ وانگيان هو. سمنڊ جي سڌي ليڪ ڪيڏڻ سان معلوم ٿيندو ته بديڻا، پارڪر ۽ پاري ننگر يا ته سمنڊ هيٺ هئا يا وري ان جا دنگائي علائقا هئا. ٿر جو علائقو راجستان جي قديمي سمنڊ جو حصو هو. ان کان اڳ ٿرڙي ۽ گجو آمريءَ واري دور ۾ سمنڊ جي ڪپر تي هئا. 171 ق. م ۾ ايران جي شهنشاه داريوش/ دارا پنهنجي هڪ يوناني اميرالبحر "اسڪائي ليس" کي سنڌ واديءَ جي درياهن جي حال لهڻ لاءِ روانو ڪيو هو جيڪو گنڌارا علائقي "ڪمپاپيروس" کان درياهي رستي سنڌوءَ جو سفر شروع ڪري ڇوڙ واري علائقي هند ساگر/ سنڌ ساگر تائين وڃي پهتو هو ته. جتان هن مصر لاءِ سفر اختيار ڪيو. انهيءَ سڄي درياهي ۽ بحري سفر ۾ "اسڪائي ليس" کي اڍائي سال لڳا هئا ۽ سنڌ جي زرخيزيءَ کان متاثر ٿي ئي، غالباً هن سنڌ تي ڪاهه ڪئي هئي.

سڪندر مقدونيءَ کان اڳ تاريخ جي ابي "هيرو ڊوٽس" (784 ق. م – 425 ق. م) کي (جنهن مغرب کي سنڌ ملڪ سان روشناس ڪرايو هو) سنڌ واديءَ ۾ ڪپهه جي پوک ڏسي حيرت ٿي هئي ۽ لکيو هئائين ته، "سنڌ ۾ هڪ اهڙو ٻوٽو به آهي، جنهن ۾ چانديءَ جا گل ڦٽن ٿا."

انهيءَ کان اڳ يوناني گاٿائن (ڳاهن ۽ داستانن) ۾، جن کي يوناني شاعر "هومر" به بيان ڪيو آهي، اهڙا لفظ ۽ ٽاڻا ملن ٿا، جيڪي سنڌ واديءَ جي ماڻهن ۽ سندن هنرمنديءَ جو پتو ڏين ٿا. انهن ڪردارن کي سولي سنڌيءَ ۾ لڳڙ ٻنڌ يعني گوڏ ٻڌل ۽ اَن اپائيندڙ سان تعبير ڪري سگهجي ٿو.

يوناني گاٿائن جا هي ڪردار بنيادي طور سنڌ جا ماڻهو هئا، جيڪي اتي پهتا هئا ۽ ڪين پوک ۽ هنر کان واقف ڪيو هئائون، جن جي تعريف يوناني ڏند ڪٿائن ۾ موجود آهي.

"سيحون" درياهه جي حوالي سان سميرين ۽ عقادين جي تختين مان معلوم ٿئي ٿو ته سندن هن واديءَ سان تاريخ ۾ گهرا لاڳاپا موجود هئا. غالباً اهوئي سدورو سنڌو درياهه آهي، جنهن لاءِ "رِگ ويد" ۾ (جيڪو 500 ق.م کان 100 عيسويءَ واري دور جي وچ ۾ لکيو ويو هو) ڪنهن رشي سنڌوءَ جي تعريف ۾ هيٺيان شبد چيا هئا:

"اي اڇهل، اڻ موٽ سنڌو!
ٻل واري سگهاري سنڌو!
ڏيهن ۽ ميدانن مان اَپار پاڻيءَ جا
ڦهلاءَ ڪٽي، جرڪندي، ڪڙڪات ڪندي، وهندي رهي ٿي،
جهڙي ابلق گهوڙي!"
"سونهاري ۽ سوپياوان سنڌو
ٻلن گهوڙن ۾ شاهوڪار آهي،
۽ شاهوڪار آهي رٿن ۽ ويس وڳن ۾،
سهڻي ڳُوڙهي سون ۾ شاهوڪار،
اڻ مٽي مايا جي مالڪ،

هتان جا گل نيڻ ٺار ۽ سونهن وارا آهن،
اُنَ اهڙي جو وينو ڏس،
اُن جي پاڻيءَ جو ميٺاج نہ پڇ!

(سنڌو ڪشٽ: رگ ويد جو هڪ سنڌي رشي)

ٻئي هنڌ سنڌوءَ لاءِ وري هيئن رچيل آهي:

"سون ورني سُرهي سنڌو
سدا گجندڙ ڏوڪيندڙ ڀڄندڙ ڊُڪندڙ
وَهندڙ تار تي وڃي اگهاڙي سمنڊ ۾ ڪِرندڙ سنڌو
سڀاجهن ۽ سائين سنوارين سنڌين کي،
هميشه نون زمانن جي سوغات ڏيندي رهي ٿي."

سنڌو آد جڳاد کان ٿٻيٽ، هماليہ/ سمير پربت جي دامن کان وٺي "سنڌي سمنڊ" تائين سگهاري ۽ اجهل ٿي وهندي رهندي آهي.

دارا اعظم جي دؤر بعد سڪندر مقدونيءَ (325_327 ق. م) هن واديءَ ۾ پير رکيا، جنهن سان گڏ وڏو اٿالو هو، جيڪي حرفن جا وڏا ڄاڻو ماڻهو هئا. سنڌو واديءَ جي اترئين حصي کي فتح ڪرڻ بعد سڪندر جيئن جيئن هيٺئين علائقي ڏانهن وڌندو ويو تہ ساڻس مزاحمت ۾ اضافو ٿيندو ويو. سنڌو واديءَ جي هيٺئين علائقي جي راجا سامبس سندس مقابلو ڪيو. سڪندر سامبس جي حڪمرانيءَ واري علائقي ۾ جنگ جي اختيار ڪيل طريقي ڪار کان پريشان ٿي پيو، ان ڪري سامبس سان صلح ڪري خشڪيءَ رستي اڳتي وڌيو. سڪندر درياهي ۽ ساموندي حال لهڻ لاءِ اڳواٽ ئي "پيريپلس" کي روانو ڪيو هو، ان وقت سنڌو مڪليءَ وارن هنڌن کان اوپر کان مٿاهون ٿي وهيو پئي، جنهن جا "پيريپلس" ست چوڙ ٻڌايا آهن. وچ وارو چوڙ اونهون هو، جنهن ۾ جهاز هلندا هئا ۽ "بار بريڪان" جي بندرگاهہ تي لنگرانداز ٿيندا هئا ۽ مال "مين ننگر" ڏي ويندو هو. جتي ان کي واپاري ۽ دلال نيڪال ڪندا هئا، ۽ ٻاهريان واپاري خريد ڪري خشڪيءَ ۽ درياهي رستي پنهنجي ماڳن ڏانهن نيندا هئا. "ٽالمي" جيڪو "پيريپلس" کان پوءِ آيو، اُن هن ساموندي بندر کي "باربريڪم" ڪوٺيو آهي. "پيريپلس" سنڌ جي هيٺئين علائقي کي "سٿيا" ۽ اُن جي راڄڌانيءَ کي "مين نگر" جي نالي سان سڏي ٿو. هو چوڙ وارن وهڪرن جا هيٺيان نالا ٻڌائي ٿو:

(1) ساگاپا، صفا اولاهين چوڙ وارو وهڪرو، (2) سنٿن، (3) ڪري سائون، (4) ڪاري ڪاران، (5) ساپرا، (6) سابا لائسا، (7) لوٽي ٻاري.

"ٽالمي" مين نگر کي "بين نگر" ڄاڻائي ٿو. "ساگاپا" اهو الهنديون ڦاٽ آهي، جيڪو پوءِ 'گهاري ڦاٽ' جي نالي سان مشهور ٿيو. انهيءَ "ساگاپا" کي سڪندر جي اميرالبحر "نيرڪوس" ڳولي لڌو هو. سڪندر سنڌ جي هيٺئين حصي ۾ ڏاڍو ڪري ساموندي لنگهہ ۽ ڪناري جي حالت معلوم ڪرڻ لاءِ پنهنجي اميرالبحر نيرڪوس کي روانو ڪيو هو. جنهن جي ڄاڃنا ڪري اچڻ تائين سڪندر کي هن علائقي ۾ سخت ترين گوريلا مزاحمت کي منهن ڏيڻو پيو هو، فتح جي باوجود سندس لشڪر حملن کان تنگ اچي چڪو هو. سڪندر کي سنڌين جي سورهيائيءَ جو اعتراف ڪرڻو پيو. سندس آڏو جنگ جو اهو نئون طريقو سامهون آيو هو، جنهن کي سنڌواسين سندس جرار لشڪر جي مقابلي ۾ اختيار ڪيو هو. سڪندر ڪجهہ لشڪر کي خشڪيءَ رستي روانو ڪيو ۽ باقي لشڪر کي "نيرڪوس" جي نگرانيءَ ۾ بحري رستي موڪليو ۽ پاڻ خشڪيءَ واري جٿي سان شامل رهيو. "نيرڪوس" هند ساگر/ سنڌ ساگر مان ٻيڙا هاڪاري روانو ٿيو.

مٿي مون "سنڌي سمنڊ" جو لفظ استعمال ڪيو آهي، ان باري ۾ عرض ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان تہ سميرين ۽ اڪادين جي دور کان وٺي دار اعظم جي اميرالبحر "اسڪائيلس"، سڪنداعظم جي اميرالبحر "نيرڪوس"، جاگرافيدان "ارسٽوبيولس"، سڌ سماءُ واري راکي "پيريپلس"، جاگرافيدان "هيرو ڊوٽس"، اطالوي سياح "مارڪو پولو"، چيني سياح "هوانگ فانگ"، عرب جاگرافيدان "ابن حوقل" (جنهن 'اشڪال البلاد' ڪتاب ۾ سنڌ جو نقشو ڏنو آهي) سمنڊ لاءِ "عربي سمنڊ" جو لفظ استعمال

نه ڪيو آهي. مسلم دؤر جي جاگرافيدانن ۽ سياحن پنهنجن ڪتابن: جھڙوڪ: البلاذريءَ ’فتوح البلدان‘ ۾، المسعودي ’مروج الذهب‘ ابوالقاسم عبيد القدر (جنهن کي ”ابن خرداز به“ چيو ويجي ٿو)، ابو اسحاق اصطغريءَ، الادريسي، بشاري مقدسي ياقوت حموي، علامه القزويني، اليعقوبي وغيره پنهنجي تصنيفن ۾ سمنڊ لاءِ ’عربي سمنڊ‘ جو لفظ استعمال نه ڪيو آهي، ويندي ديبل جي فتح تائين اهو لفظ استعمال نه ٿيل آهي. سما دور ۾ پورچوگيزن جي ٺٽي جي ڦرلٽ جي نسبت سان به عربي سمنڊ جو لفظ استعمال ڪيل نه آهي.

رشيدالدين همدانيءَ پنهنجي ڪتاب ’جامع التواريخ‘ (1310ع) ۾ سنڌوءَ جي چوڙن لاءِ (جتي اهي سمنڊ ۾ وڃي پون ٿا) سنڌ ساگر يعني سنڌ جو سمنڊ لفظ استعمال ڪيو آهي. ’اليٽ‘ جو چوڻ آهي ته همدانيءَ جو ڪتاب، ’البيرونيءَ‘ جي ڪتاب ’عجائب الهند‘ جي فارسيءَ ۾ ئي شڪل آهي. ’ابن بطوط‘ جيڪو سنڌونديءَ ذريعي سفر ڪري 800 صدي هجريءَ جي ٺٽين ڍاڪي ۾ پهچي ٿو اهو به ’لاڙي بندر‘ لاءِ اهو ٿو لکي ته ”هي شهر سمنڊ جي ڪناري تي ٻڌل آهي ۽ خوبصورت شهر آهي. پوئين دور ۾ پورچوگيزن، سنڌي سمنڊ بجاءِ ’فارس وارو سمنڊ‘ ۽ ’هندي سمنڊ‘ جا لفظ استعمال ڪيا آهن.“ جيڪو لفظ اڳتي هلي استعماري قوتن جي اثر هيٺ ’عربي سمنڊ‘ ٿيو ۽ اڄ تائين استعمال ڪيو پيو وڃي. عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ جو اهو مطلب نه آهي ته سنڌ جي تاريخي نالن ۽ ماڳن کي بدلايو وڃي.

عربن جي سنڌ ۾ اچڻ وقت سنڌو، ديبل جي اوپر ۾ سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو. ان وقت به سندس درياهي چوڙ هئا ۽ اهو دو شاخو ٿي، وچينءَ سنڌ مان هينئين علائقي ۾ ايندو هو. عرب جاگرافيدان المقدسيءَ، (جيڪو پاڻ هت آيو هو) صاف لکيو آهي ته ”ديبل هوالبحرية“ يعني ديبل سامونديءَ پاڻيءَ وارو بندر آهي. درياهي چوڙ واري وهڪري ’ناله ساڪره‘ کي يونانين واري دور جو ’ساپرا/ ساگاپا‘ تصور ڪري سگهجي ٿو. بهرحال ٺٽو ضلعو قديم توڙي وچئين دور ۾ سنڌوءَ جي چوڙ وارن ڦاٽن سان ڀريل رهيو آهي.

تاريخ جي هر دؤر ۾ هن پورالي نديءَ جا چوڙ بدلبا رهيا آهن ۽ انهن جا نالا به ٻيا ٻيا ٿيندا آيا آهن. اڄ انهن وهڪرن وارن واهندن تي ٿوريءَ گھٽي ڦيرگهير سان شهرن تي نالا به ساڳيا موجود آهن. جيئن: ’ساڪرو‘، بلڙي وغيره. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ درياهه پنهنجو رُخ بدلايو يا ڪڇ جي معاملي ڪري ان جو رخ بدلارايو ويو ان بعد وري ٻين ڦاٽن وجود ورتو جيڪي گذريل ڏيڍ ٻن سؤ سالن ۾ مشهور رهيا، جھڙوڪ: ڪلري، بگهياڙ پيڃاري، ستو اوچتو يا حجامڙو ڦليلي به درياهي ڦاٽ هو پر اهو سمنڊ جي بجاءِ رڻ ڪڇ جي پيڇڙيءَ ڏانهن ٿي ويو چوته هن تي آبادي ٿيندڙ هئي.

مٽي مون سنڌي قوم جي اصل نسل ۾ دراوڙ سميريءَ ۽ آريا کي بيان ڪيو آهي، ان سان گڏ ڪٿي ميد ۽ جاٽ جو به ذڪر ڪيل آهي. جنهن ۾ جاٽ / جت قبيلو سنڌي اصليت جي بنياد تي اسپين تائين اڄ به موجود آهي. يورپ جا ’جپسي‘ انهيءَ قبيلي جي باقيات آهن. چچ نامي جو مصنف لهاٽي کي ’لهاٽوجت‘ ڪري لکي ٿو. ٻئي طرف ڪن تاريخدانن جو رايو آهي ته لهاٽو جيڪو واپاري طبقي پٽيءَ (پٽڪ/ وٽڪ/ واٽيي) سان واسطو رکي ٿو اهو سميرين جي ميد شاخ جي چانگ (تاري) آهي ۽ مهاٽا جيڪي ساموندي ٻيڙياٽا قبيلا رهيا آهن. سي ساموندي قزاقي (ڦرمار) ڪندا هئا ۽ جهازرانيءَ جي هنر جا ماهر هئا. ’فينقين‘ کي جهازن لاءِ سڙهه جي جاڻ هنن ئي ڏني. ’ڪاڪو پيرومل‘ ته اهو به لکي ٿو ته فنلنڊ ۾ هن وقت جيڪي ’سموئيديس‘ آهن، سي اصل ۾ ”سما يادوَ“ آهن. يعني سما راجپوت آهن.“ سنڌ جا سومرا يا سما، ميد يا جاٽ، سڀ هن واديءَ جي پيداوار آهن. بلاذري لکي ٿو ته محمد بن قاسم ’سرست‘ جي ماڻهن سان ٺاهه ڪيو. اهي ماڻهو سدائين جهيڙيندا هئا. اهي ميد نسل جا جهاز ران ڌاڙيل آهن. ٻئي هنڌ اچي ٿو ته ”خليفي معتصم باالله پنهنجي پٽ ’عمران‘ کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو. هن ’ميدن‘ سان جنگ ڪئي ۽ انهن جا ٽي هزار ماڻهو قتل ڪيا، هن ميدن جي ملڪ (علائقي) ۾ بند تعمير ڪيو جنهن کي ’سڪرالميد‘ چيو ويندو هو. (شايد شڪور ڍنڍ، جيڪا ڪڇ جي ڪس تي

بديٽن کان هيٺ آهي. اها انهيءَ سڪرالميد جي نشاني آهي) سنڌ جي ساموندي پٽي وڏي اهم رهي آهي. سماٽن جون ذاتيون جت، مهاڻا ۽ لهاڻا سڀ هتان جا ئي آهن. سورج و نسي، چندر و نسي، يادو ونسي سندن مڙنئي ڳُلن جو بڻ بنياد سنڌ جو اصلي باشندو 'دراوڙ' آهي، جيڪو سميرين جو ساٿي آهي.

هن سلسلي ۾ وڏو وڻاهه مهين جي دڙي جي لکت نه پڙهڻ وارو عمل آهي. جنهن لاءِ اسان جي ادارن ۽ عالمن جو ڪو خاص ڪردار ادا نه ڪيو آهي. جڏهن ته روس، فنلئنڊ ۽ مدراس جا عالم ان ڏس ۾ نهايت ڪوشان رهيا آهن. مهرن جو نه پڙهڻ، نه صرف زبان جي تاريخ کي سمجهڻ واري عمل ۾ حائل آهي، پر سنڌي قوم جي وجودي اوسر، ارتقا ۽ ان وقت جي بين الاقوامي لاڳاپن کي اجاگر ڪرڻ ۽ انهن کي سمجهڻ ۾ وڏي رڪاوٽ بنيل آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ٿوري گهڻي جيڪا ڪوشش ٿي آهي، ان ۾ پرڏيهي عالمن جو وڏو حصو آهي. اسان جي ڪجهه ان ڏس ۾ وک وڌائي آهي، پر سندن تحقيق اجا اطمينان بخش نه آهي. انهن حالتن ۾ تاريخ جو طالبعلم ڪنهن فيصلائتي نُڪتي تي پهچي نٿو سگهي، جيئن بدر ابڙي ڳجُي وٽان قديم تحرير کي ڳولي لڌو ۽ ان کي هو علامتي آثار تي موهن جي دڙي کان اڳ جي تحرير قرار ڏئي ٿو. سندس اهو چوڻ وزندار آهي. بدر جي انهيءَ جاکوڙ کي هتي ڏيڻ آءٌ مناسب ٿو سمجهان. لکي ٿو:



"ڳجو اهو ماڳ آهي، جتي سنڌو ماٿريءَ جي سڀ کان قديم لکت موجود آهي. اکرن ۾ هڪ گول آهي، ٻيو اکر چوکنڊي کي چئن خانن ۾ ورهائي ڏاهيو ويو آهي، هڪ اکر مڇيءَ جهڙو آهي. هڪ اکر هڪ چورس کي ٻن بي ترتيب ٽڪنڊن ۾ بدلائي ٺاهيو ويو آهي. هڪ اکر مستطيل آهي، جنهن کي ٻن ٽڪنڊن ۾ ورهائي مستطيل جي چئني ڪنڊن تي ڪنڊن جهڙا وڪڙ ڏنا ويا آهن. هڪ اکر ٻه مُهين بيراڳڻ جهڙو آهي، هڪ اکر جي شڪل سمجهائڻ مشڪل آهي، ڪي ٻيا ٻه سنها ٿلها نشان آهن."

ٻوليءَ جي انهن قديم علامتن کي پيش ڪندي اهو ضروري ٿي پوي ٿو ته هتي مهين جي دڙي جي ٻوليءَ جي رسم الخط ۽ ان جي علامتن کي پڙهندڙن لاءِ پيش ڪجي:

مهين جي دڙي جي مهرن واريون اکري علامتون



هتي آءٌ انهيءَ سلسلي ۾ ضروري ٿو سمجهان ته سنڌو واديءَ جي قديم تهذيب ۾ عام طور استعمال ٿيندڙ تصويري حرفن جو پوتاميل ڏجي ته بهتر ٿيندو.

تصويري حرفن جي علامتي اکرن جو وچور



ڪن عالمن هنن نشانين کي بہ تصويري حرفن جي علامتي حرفن ۾ شمار ڪيو آهي:



هاڪڙا وادي، جيڪا اصل ۾ قديم سنڌ واديءَ جو مٿيون ۽ اتريون اوڀرائون حصو رهي آهي، جنهن لاءِ سڪندر جي ڪاهہ وقت سندس جاگرافيدان ارسٽيوبليس جي چوڻ موجب تہ هيءَ وادي اڄ کان هڪ هزار سال اڳ تباهہ ٿي چڪي آهي. اها ڳالهہ ان جي آثارن مان ظاهر ٿئي ٿي. ’باڪڙاڊيم‘ رپورٽ جيڪا انڊيا مان شايع ٿي آهي. ان ۾ هن واديءَ بابت ڪافي معلوماتي مواد ڏنو ويو آهي.

موهن جو دڙو قديم دور ۾ مسلسل آباد رهيو آهي، جو کوٽائيءَ مان تہ در تہ شهر جا نشان مليا آهن. جيڪي هن شهر جي اجڙڻ ۽ وري آباد ٿيڻ کي ظاهر ڪن ٿا. جنهنڪري هن جي رونقن ۾ مڪمل تباهيءَ واري دور تائين ڪا ڪمي ڪانہ آئي هئي. انهيءَ طرح ملتان جي قديم قلعي مان ٺڪرين ۽ ڪتبن جي ٽڪرن تان جيڪي قديم حرفن جا نشان مليا آهن، اهي بہ دلچسپيءَ کان خالي نہ آهن، جن ۾ ’موهن جي دڙي‘ جي حرفن سان ڪن زاوين ۾ مشابهت جا اهڃاڻ ملن ٿا. جن کي اڳ هتي ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو:

**ملتان جي قديم قلعي مان مليل ٺڪرين/ ڪتبن جي ٽڪرن تي حرفن جا نشان**



سنڌوماٿر جي سڀيتا، جنهن ساموندي پٽيءَ کان وٺي مٿي سوات ۽ سوانيءَ تائين ڪنهن زماني ۾ پنهنجو ڏاڪو ڄمايو ۽ وچ مشرق ۽ ان کان اڳتي وارن علائقن ۾ تهذيب ۽ شائستگي، هنرمندي، پوکي راهي ۽ وڻج واپار کي روشناس ڪرايو ۽ هتان جا قديم رهاڪو اتي بيٺڪون ڪري وڃي ويٺا، جن جا ڪيترا پار پتا علم آلاثار وارن کي مليا آهن. سميرين جي ٻوليءَ جي علامتن ۽ ڪريٽ ۾ ڪن اکرن جي مماثلت وڏي اهميت واري آهي. هتي سنڌ جي واديءَ مان ”لوٿل“، ”هڙپا“ ۽ ”موهن جي دڙي“ جي قديم ٿهن مان لڌل لکتن جو چارٽ پڻ پيش ڪجي ٿو:




(خاڪو-34) سنڌ سپيتا جي قديم ٿهن تان لڌل لکتون

لاهور جي ميوزم ۾ هڪ سر موجود آهي. جنهن تي 'اُر' (عراق) جي 'شاهه اول برسن' جي زماني جي عبارت ڪنده ڪيل آهي. جنهن ڪي ڪتاب جي مصنف 26 سيپٽمبر 1954ع تي نقل ڪري پيش ڪيو آهي، ان کي ٻه هت ڏجي ٿو:



'اُر' (عراق) جي شهر مان 2220 ق. م جي زماني جي مليل سر تي لکيل عبارت جيڪا لاهور ميوزم ۾ موجود آهي."

واديءِ سنڌ وانگر دجله ۽ فرات جي واديءَ کي قديم تاريخ ۾ ڪافي اهميت وارو تصور ڪيو وڃي ٿو. ان جي ذڪر اولهه ۾ جيڪا قوم آباد هئي، ان کي سُميري ڪوٺيو ويندو هو. اهو ٻه پتو پوي ٿو ته "مهين جي دڙي"، "هڙپا" ۽ "سميرين" جي شهرن جي تهذيب ۾ وڏي مماثلت هئي. هتي 612 ق. م ۾ تباهه ٿي ويل عبادتگاهه، جيڪا قديم نينوا جي ماڳ ۾ 'مدينة الشمس' جي نالي سان هئي، ان جي کوٽائيءَ مان مليل اٿرن ۽ باقيات جي سلسلي ۾ مليل مجسمي 'سمي بنت ڪجا' جي هينان جيڪا عبارت لکيل آهي ۽ ٻي جيڪا 'ڪنزي بن ابي' جي عبارت آهي، انهن کي هتي پيش ڪجي ٿو جن جي مماثلت 'اُر' واري سر جي ڪتبي ۽ ملتان جي قديم قلعي ۽ قدري مهين جي دڙي جي ڪن حرفن سان ملندڙ نظر اچي ٿي. باقي انهيءَ کوٽائيءَ تي لکيل ڪتاب 'الحضر مدينة الشمس' ۾ 'سَمي بنت ڪجا' لاءِ لکيل آهي ته: "هي معبد الاول جي ڪاهن جي ڌيءَ هئي ۽ عبادت جي وقت دف وڄائي، ان تي رقص سان گڏ عبادت جا ٻول ڳائيندي هئي". انهيءَ عبارت کي هت ڏيڻ ٻي محل نه ٿيندو.

| ڪنزي بن اُبي واري عبارت | سمي بنت ڪجا جي مجسمي واري عبارت |
|---|---|



| ڪنزي بن اُبي | سَمي بنت ڪجا |
|---|---|

مون هتي 'گجي' مان بدر ابڙي جي لڌل قديم سنڌو لکت جي تائيد ۽ ان تي وڌيڪ تحقيق لاءِ مهين جي دڙي، مُلتان جي قديم قلعي، سنڌو سپيتا جي قديم ٿهن مان لڌل لکتون (جن کي جي. آر هنٽر ظاهر ڪيو آهي) لوٿل، هڙپا، مُهين جي دڙي، (چارٽ ۾ ڏيکاريل آهن) 'اُر' مان لڌل سر (جيڪا لاهور جي ميوزم ۾ آهي ۽ 2220 ق. م جي زماني جي تحرير آهي). 'مدينة الشمس' (عراق) قديم عبادتگاهه مان مليل مجسمن مان سَمي بنت ڪجا ۽ ڪنز بن ابي جي مجسمن تي ڏنل تحرير کي پيش ڪيو آهي. ته جيئن هي تحريرون 'گجي' واري قديم لکت جو کو گس ڪڍن. 'اُر' واري سر جي تحرير ۽ مدينة الشمس وارن مسجمن جي لکت 'بختي پاليءَ' سان ملي ٿي،

جنهن جو عروج 600 ق. م کان بہ اڳ رهيو آهي. آخر ۾ وري بہ سڄي مامري جي ميار. اسان تي اچي ٿي، جنهن ۾ مهين جي دڙي جي مهرن جو پڙهڻ شامل آهي. سنڌو لکت سان لاڳاپيل مهرون، سمير، سوسا ۽ دجلہ دريا جي اوڀارين ڪناري سان موجود علائقي ۾ تمام گهڻيون لڌيون ويون آهن.” 2700 ق. م جي دور سان لاڳاپيل سنڌو لکت “ڪش” (Kish) مان بہ هٿ آئي آهي. اسان ڪنهن کي ڏوهہ ڏيون؟ مياري اسان، اسان جا ادارا ۽ عالم آهن. جن هن بنيادي حقيقت کي نظرانداز ڪيو آهي. جيڪڏهن ڪو گس هجي ها تہ نٿي ضلعي واري اها قديم لکت اسان کي پنهنجي تاريخ ۾ وڏي هٿي ڏئي ۽ رهبري ڪري ها.

مٿي سنڌو، سنڌي/ سميري، سنڌي سمنڊ ۽ سنڌي لکت، جي سلسلي سان جيڪا مغزماري ڪئي وئي آهي، ان مان هيٺيان نتيجا نڪرن ٿا:

(الف) سنڌي قوم جو پنهنجو هڪ جداگانہ وجود آهي، ابتدائي انسان جي پيدائش کان وادي هيءَ وادي تهذيب کان وانجهيل نہ رهي آهي.

(ب) هڪ لک کان پنجاهہ هزار سالن واري عرصي جي وچ ۾ هن واديءَ جي ماڻهن قافلن جي صورت ۾ ساموندي ڪنارن ۽ ميدانن ۾ سفر ڪيو آهي. ان جي اُترئين موٽ کي آريا قرار ڏئي، هڪ تاريخي مغالطو پيدا ڪيو ويو آهي، هي اهي ساڳيا ماڻهو آهن، جن هزارين سال اڳ هتان سفر شروع ڪيو ۽ جن جي باقيات جيسين ۽ سميرين جي صورت ۾ موجود آهي.

(ج) “دراوڙ” بہ اهوئي ساڳيو ماڻهو آهي، جيڪو هن واديءَ ۾ رهجي ويو ۽ ڏکڻ کان موٽ کائي ايندڙ انسان سان، جيڪو اترئين انسان کان هن واديءَ ۾ اڳ پهتو سندس ميلاپ ٿيو.

(د) سميري قوم سامي نسل نہ آهي، بلڪ ان جو تعلق سڌو سنئون سنڌ واديءَ سان آهي. جيڪا سفري دور ۾ اتي رهجي وئي ۽ بعد ۾ سنڌ واديءَ جو انسان اتي بيٺڪون ٺاهي وڃي ويٺو. سميرين جي تمدن ۽ واديء سنڌ جي تمدن ۾ ڪو خاص فرق نظر نہ ٿو اچي. پنگتي ۽ مذهبي بنيادن تي ديوين ۽ ديوتائن جي نالن ۾ گهڻي قدر مماثلت نظر اچي ٿي. ان چوڻ ۾ ڪو هرج نہ آهي تہ سنڌي ۽ سميري هڪ ئي قوم جون شاخون آهن. طبعي حالتن منجهن ڪي تبديليون آنديون، جيڪي سندن وجودي اصليت ۾ ايترو اهم نہ آهن.

(هہ) عربي سمنڊ جو نالو قديم دور کان وٺي ڪٿي بہ موجود نہ آهي، تاريخن ۾ اسان کي هند ساگر / سنڌ ساگر جو لفظ ملي ٿو. 800 هجريءَ ۾ فارس جي سمنڊ جو لفظ ملي ٿو. ان ڪري اهو سمنڊ، جيڪو سنڌ جي سڄي ساموندي ڪناري تي ڇانيل رهيو، ‘سنڌي سمنڊ’ آهي. ان جو عربن سان ڪو تعلق نہ آهي. جنهن ڪري هيءَ استعماريت واري نشاني (عربي سمنڊ جو لفظ) سنڌ جي نقشي مان ختم ڪري “سنڌي سمنڊ” لکڻ گهرجي.

(و) سنڌو لکت جو هن جديد دور تائين نہ پڙهڻ هڪ تاريخي الميو آهي. مهين جي دڙي جي ٻوليءَ جي صحيح ڄاڻ نہ هئڻ سبب سنڌ جو ماضي اوندهہ ۾ پيو آهي. ان لاءِ جيستائين اهو مسئلو حل نٿو ٿئي، ان وقت تائين سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ اڻپوري ۽ اڌوري رهندي. سنڌو لکت جو تعلق هڪ پاسي مصر سان ۽ ٻئي طرف سمير سان آهي، ايلم جي لکت ۽ قبرص جي لکت بہ سنڌو لکت جون سڌريل شڪليون آهن. سنڌو لکت جي علامتي نشانين جو جيستائين ڪو مثبت حل نہ نڪرندو، اسان جي تاريخ

نامڪمل رهندو. ان جي تڪميل جو فرض اسان جي ادارن ۽ عالمن تي عائد ٿئي ٿو.

(ي) ڳالهه ٿئي ۽ ٿئي ضلعي جي هئي. پر قلم هلندي اتي وڃي نڪتو آهي، ”جتي ناهه جاءِ جانارن“ واري ڪار آهي. منهنجي تحرير جيتوڻيڪ ٿئي ضلعي جي صرف انهن ڳالهين ۽ روين سان واسطو رکي ٿي، جيڪي هن واديءَ جا اهم سلسلا يا اهم نڪتا چئجن. ٿئو به سنڌ واديءَ جو اهم حصو نه، پر ان جو بنياد آهي، ڇو ته سنڌوءَ جو ڇوڙ جنهن تي واديءَ جي نجي زندگيءَ جو مدار آهي، هتي ٿئي ٿو. وڏج واپار لاءِ ڏيساور سان لهه وچڙ وارو سمنڊ به هتي آهي. منهنجي هن ڪوشش کي علمي حلقن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪا جاءِ ملي ته آءٌ ائين سمجهندس ته مون پنهنجو پيغام پنهنجن تائين پهچائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي.

## ماخذ:


1. پنهور محمد حسين، ’ڪرانا جيڪل ڊڪشنري آف سنڌ‘ (انگريزي).
2. ايڇ. ٽي لئبرڪ، ’سنڌ هڪ تاريخي جائزو‘، (سنڌي) ترجمو.
3. ايڇ. ٽي لئمبرڪ، ’مسلمانن جي فتح کان اڳ‘ (سنڌي) ترجمو.
4. باري، ’تاريخ ڪا مطالعه‘، (اردو)
5. مرتضيٰ احمد خان، ’تاريخ اقوام عالم‘ (اردو)
6. سبط حسن، ’ماضي ڪي مزار‘، (اردو)
7. سبط حسن، ’پاڪستان ۾ تهذيب ڪا ارتقا‘، (اردو)
8. پيرومل مهرچند، ’قديم سنڌ‘، (سنڌي)
9. جنرل هيگ، ’سنڌوءَ جو ڇوڙ وارو علائقو‘ (سنڌي) ترجمو
10. راورٽي، ’سنڌ جو مهراڻ‘، (سنڌي) ترجمو
11. ابن حنيف، ’سات دريائون ڪي سر زمين‘، (اردو)
12. صديق طاهر، ’واديءِ هاڪڙا‘ (اردو)
13. جي. آر. هنٽر، ’سنڌو لکت جو بين الاقوامي لکتن سان لاڳاپو‘، (سنڌي) ترجمو
14. محمد علي مصطفيٰ، ’الحضر مدينة الشمس‘، (عربي) مڪتبة الوطنية بغداد، 1974ع.
15. بدر جمال ابڙو، ’سنڌوءَ جو سفر‘، (سنڌي)
16. علي عباس جلالپوري، ’روايات تمدن قديم‘، (اردو)

## سنڌ جا گاهہَ ۽ انهن جا سنڌيءَ ۾ نالا: هڪ جائزو

سنڌ هڪ زرخيز ۽ زرعي علائقو آهي. هِت پوک جا آثار صدين کان ملن ٿا ۽ چوپائي مال جي پالنا جي پروڙ بہ موهن جي دڙي جي تهذيب کان ملي ٿي.

اڳاٽا لوڪ ڌڻ ڌارڻ سکيا، ۽ چوپائي مال جي کير، ڏڌ، مکڻ ۽ گوشت تي سندن گذران هو. سنڌيءَ ۾ پهاڪو آهي تہ:

"ڌڻ تہ ڌڻي، نہ تہ وکڻ کڻي".

'ڌڻي' لفظ جي بہ اصل معنيٰ هئي: "ڌڻ وارو" ۽ پوءِ "ڌني" معنيٰ تہ ڌن وارو يا شاهوڪار. ڌڻي معنيٰ "مالڪ" (کهڙي بہ ملڪيت جو) ۽ ڌنار (ڌڻار) معنيٰ ڌڻ وارو. اڳي ماڻهو ڀاڳ وارو سمجهندا ئي انهيءَ کي هئا. جنهن وٽ ڳئُن مينهن، رڍن ۽ ٻڪرين جا ڌڻ هوندا هئا. اڄڪلهہ بہ سنڌ جي ٻهراڙين ۾ مال وندن کي ڀاڳيا (ڀاڳ وارا) سڏيو ويندو آهي.

ڳوٺ اصل ۾ سنسڪرت لفظ "گوشٺ"• سان هڪجهڙائي رکي ٿو. ۽ بنيادي معنيٰ اٿس "اهو هنڌ، جتي گايون (ڳئُون) ٻڌيون هجن. ڳئُون اتي ٻيهاربيون آهن جتي سندن لاءِ چارو موجود هوندو آهي، تنهنڪري "ڳوٺ" لفظ ۾ چراگاهہ جي معنيٰ بہ سمايل آهي. اڄ بہ اکين سان ڏسجي ٿو تہ ڪيترا ماڻهو جتي مال لاءِ چارو مئو ڏسندا آهن، تِتي پونگيون اڏي مال سميت وڃيو رهن.♥

• "ڳوٺ" ۽ "گوشٺ" جو ساڳيو ئي بنياد ڪا اڳاٽي ٻولي ٿي سگهي ٿي، سنسڪرت ۽ سنڌيءَ ۾ "شٺ" ۽ "ٺ" جي ادل بدل ڪيترن لفظن ۾ موجود آهي، جيئن 'اشٺ' يا "اٺ" وغيره.

♥ ٿر ۾ چراگاهہ کي سنڌيءَ ۾ 'ڳؤچر' چون، جنهن جي معنيٰ آهي، "اُهو هنڌ، جتي گايون/ ڳئُون چرن". (ايڊيٽر)

تحقيق مان اهو بہ معلوم ٿيو آهي تہ جتي گوجرانوالا شهر آباد آهي، اتي اڳ هڪ چوڌري 'گوجر' جو چوپائي مال کي پاڻي پيارڻ لاءِ هڪ کوهہ هو ۽ ان لڳ وڏو چراگاهہ هو ان ڪري انهيءَ کوهہ جو نالو "گوجرانوالا" ٿي ويو ان بعد اهو کوهہ وڏي آباديءَ وارو شهر بڻجي پيو.

'گوجر' جي معنيٰ ڌنار آهي ۽ ان نالي سان پنجاب ۾ ڪيترا وڏا شهر آباد آهن. مثلاً: گجرات، گوجر ڳڙهہ، گوجر خان، گوجرانوالا وغيره.♣

مٿين مثالن مان معلوم ٿيو تہ جتي چراگاهہ هئا، اتي آبادي وڌندي وئي ۽ انهن جڳهين کي اڳتي تعلقن، ضلعن ۽ ڪمشنرين جي بہ حيثيت ملي. اهڙيءَ طرح سنڌو درياهہ جي حيات بخش پاڻيءَ جي ڪري سنڌوماٿري جُڳن کان سرسبز ۽ آباد رهي آهي ۽ هيءَ ڌرتي انيڪ قسمن جي گاهن ۽ ٻوٽن سان چانئي پئي آهي. لاڙ هجي يا ٿرُ، اُتر هجي يا سرو يا ڪوهستان ۽ ڪاڇو هجي، سموري سنڌ سرسبز ۽ شاداب نظر ايندي. ان لاءِ لطيف سائينءَ جي سنڌ ۽ سموري عالم لاءِ اها امر دعا بہ وساري نہ ٿي سگهجي، جنهن چيو آهي تہ:

سائينم! سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار،

دوست تون دلدار، عالمَ سڀ آباد ڪرين.

گاهہ ٻن قسمن جا ٿيندا آهن. هڪڙا هٿرادو پوکيل، ٻيا قدرتي. هٿرادو معنيٰ اُهي گاهہ، جيڪي اسان پاڻ زمين ۾ پوکيون ٿا ۽ ٻيا قدرتي گاهہ جيڪي قدرتي طور، بنا پوکڻ جي ڦُٽي نڪري، ڌرتيءَ کي ساوڪ جي سرسبز چادر سان ڍڪي ڇڏين ٿا، خاص ڪري وسڪاري کان پوءِ يا وري ڍنڍن ۽ ڍورن جي ڪپن ڪنارن، ڪنڌين ۽ پوسل واري زمين تي جام نسرن ٿا.

هٿرادو گاهن مان ڪجهہ ٻج جي صورت ۾ ۽ ڪي روب يا رونبي ذريعي پوکيا ويندا آهن. ٻج جي صورت ۾ لوسڻ، برسيم، ڪرنگهہ ۽ سائون

♣ گوجر، لفظ 'ڳؤچر' جو بگڙيل اُچار لڳي ٿو. (ايڊيٽر)

وغيره پوکيو ويندو آهي. ”برمودا گراس“ جهڙو گاهہ ڪلر ختم ڪرڻ لاءِ زمين ۾ پوکيو ويندو آهي.

هڪڙا گاهہ چوپائي مال لاءِ خوراڪ مهيا ڪن ٿا تہ ٻئي طرف زمين جي ڪلر ختم ڪرڻ لاءِ بہ استعمال ٿين ٿا، جيئن جهنجهڻ يا جنتر ۽ گوار وغيره. ڪلر ختم ڪرڻ لاءِ مٿيان گاهہ جڏهن ڪچو گل ٿاهيندا آهن، تڏهن انهن جي نرم، ڪچڙي ۽ رس واري ڏانڊي ٿيندي آهي. ان ڪري ان وقت هَرُ ڪاهي اهڙن گاهن کي زمين ۾ ملائي ڇڏبو آهي تہ ان سان زمين ۾ پيدا ٿيل ڪلر وغيره ختم ٿي ويندو آهي.

سمورا گاهہ وٽئمن، پروٽين، سٽپ، پٽل ۽ معدني لوڻن سان ڀرپور ٿين ٿا، جيڪي جانورن کي بيماريءَ جي حالت ۾ دوا جو بہ ڪم ڏين ٿا.

(1) **ويڪرن پنن وارا گاهہ** (Broad Leaved): ناڙو، لوسڻ، برسيم، ٻُڪن ۽ ڀنگر وغيره.

(2) **سوڙهن ۽ ڊگهن پنن وارا گاهہ** (Linear Type): ڊڀ، ڳنڊير، ڪرنگهہ ۽ سائون وغيره

(3) **ٽِڪنڊي ٽَڙ وارا گاهہ** (Sedges Type): ڪل ۽ ڪبهہ وغيره.

**برسيم:** برسيم گاهہ جو اصل وطن مصر آهي، هتي سنڌ ۾ پهريون ڀيرو 1904ع ۾ ميرپورخاص فارم تي برسيم جي تجرباتي پوک ڪئي وئي هئي، جيڪا ڪامياب ٿي ۽ پوءِ پوريءَ سنڌ ۾ برسيم جي پوک پکڙجي وئي.

سنڌ ۾ برسيم جي هاڻ اهميت هيءَ آهي جو هن گاهہ کي گاهن جو بادشاهہ بہ چيو ويجي ٿو. اهو صرف ان ڪري جو هي گاهہ ذائقي وارو، طاقتور ۽ هاضمي دار ٿئي ٿو ۽ جانور شوق سان کائين ٿا. هن گاهہ جي گل جو رنگ اڇو ۽ ان ۾ ڀنل ڀنل خوشبو ٿيندي آهي، جيڪا رستي ويندڙن کي موهيو وجهي.

هن جو سڪل گاهہ بہ سنو ٿئي ٿو ۽ هن کي سڀ جانور کائين ٿا.

هن جو ٻج سرنهن جي داڻي کان وڏو ۽ رنگ جو ڦڪو ٿئي ٿو.

**چٽالو:** هي گاهہ بہ برسم جهڙو ٿئي. فرق صرف پنن، گل جي رنگ ۽ ٻج ۾ ٿئي. چٽالي گاهہ جو پن ڪجهہ گول ٿئي ٿو جڏهن تہ برسيم جو پن ٿورو ڊگهو هرٻي وانگر ٿئي ٿو. چٽرالي جي گل جو رنگ سوسني ۽ اڇي رنگ تي ٿئي ٿو گل جي ڏانڊي ٿلهي ۽ نڙي دار ٿيندي آهي، هن جو ٻج برسيم جي ٻج کان سنهو ٿيندو آهي، باقي سمورو ڪارج برسيم جهڙو ٿئي ٿو.

**لوسڻ:** هن گاهہ جو اصل وطن ايران چيو ويجي ٿو جتان پوءِ هن گاهہ جي پوک ساريءَ دنيا ۾ ڪئي وڃي ٿي. سنڌ ۾ هي گاهہ برسيم کان ٻئي نمبر تي پوکجندڙ آهي. لوسڻ جو گاهہ خاص طور گهوڙن ۽ گڏهن کي کارايو ويندو آهي. هن جون سڌريل جنسون ريزسٽا ڪلر ۽ واريئر آهن. هن جو سوسني رنگ جو گل سُڪائي ماڪيءَ ۾ گڏي ڪائڻ يرقان، ٻرهل، جلندر، پرميل ۽ ٿاڪيءَ جي ڦٽ لاءِ سمجهيو وڃي ٿو.

**ڪرنگهہ:** هي گاهہ چار فوٽ کن ڊگهو چيڪي مٽيءَ واري زمين ۾ ٿئي ٿو. هن کي پاڻي جام کپي، هن جا پن ڊگها ٿيندا آهن، هن جي ڏانڊي ڪارسري رنگ جي ٿيندي آهي ۽ چوٽيءَ تي سنگ ڪيندو آهي. هن گاهہ کي ڍڳيون، مينهون، گهوڙا ۽ گڏهہ کائيندا آهن. هن جي ٻج جو رنگ ڳاڙها داڻا ننڍا ۽ سندن ذائقو ڦڪو ٿيندو آهي.

هن جي لُپري هر قسم جي سور ۽ سوجن لاءِ چڱي فائديمند آهي. ڏڪر جي وقت ۾ ٿرين جي مکيہ غذا آهي.

**ڳنڊير:** هي گاهہ ڏاڍي زمين ۾ ٿئي ٿو. جنهنڪري پٽن، دڙن ۽ وارياسي زمين ۾ ڪونہ اپري، هن گاهہ جي هيٺين پاڙي ۾ ڳنڊيون ڳنڊيون ٿينديون آهن، جيڪي زمين تي لڳي اپرنديون وينديون آهن ۽ مٿان سنگ ڪيدنديون آهن، جو ڦاڪن سان جهيرڻي جهڙو ٿيندو آهي. اهڙيءَ طرح تندون ٿي چوڌاري زمين تي اپرندو ۽ پکڙجندو ويندو آهي. هن جون تندون

سنهيون مضبوط ۽ سائي رنگ جون ٿينديون آهن.

ٿر ۾ هن گاهه کي "گنئيو" چوندا آهن. هن گاهه کي مينهون ۽ ڍڳيون خوب کائينديون آهن. شاهه لطيف به هن گاهه جو ذڪر پنهنجي بيت ۾ ڪيو آهي:

جيئن ڳنڍيون منجهه ڳنڍير، تيئن مون من ماروئڙن جو،
ڏنيون لس "لطيف" چئي، هنئڙي کي همير،
وڃي منجهه ملير، سڀ چوڙينديس سومرا.

**سائون:** هي گاهه سخت زمين ۾ اُڀري. ڊيگهه ۾ 3 يا 4 فوٽ ڪن ٿيندو آهي. ان جا پن سنها ٿيندا آهن. سنگ اٽڪل اڌ فوٽ ٿيندو آهي، جنهن ۾ اهر جي داڻي جيڏو اَنُ، ٻاهران پورو ۽ اندران اڇو ٿيندو آهي. ٿري ماڻهو ڏڪر جي وقت ۾، هن جي ماني پچائي ۽ چڙهي پٽ رڌي کائيندا آهن. هن جو گاهه مينهون، ڳئون، گهوڙا ۽ گڏهه کائيندا آهن.

شاهه لطيف به هن گاهه کي ڳايو آهي:

سٽا ڪيو سيد چئي، سائون سڪائين.

**سيا رڇ:** ٿر ۾ هي گاهه وسڪاري جي پوڻن تي ٿيندو آهي. منجهس ڳاڙها گل ٿيندا آهن. ڪچي گاهه جي ٻاڃي ڪبي آهي ۽ پچڻ بعد مال کائيندو آهي.

**ملنڊاٽو:** هي گاهه سخت زمين ۾ اُڀرندو آهي. هن ۾ پاسن کان سنها ڊگهيرا پن ٿيندا آهن ۽ وچ ۾ ڏانڊي ٿئي ٿي. جنهن جي چوٽيءَ تي چئن يا پنجن، بعضي ڇهن ڦاڪن سان سنگ ٿيندو آهي، جيڪو هوبهو مانڊاٽيءَ جهڙو ٿيندو آهي. هن گاهه کي "جهيرٽو" به چيو ويندو آهي. هي گاهه رڍون، ٻڪريون، ڍڳيون، مينهون ۽ گڏهه جام کائن.

**مڪڙي:** هي گاهه مانڊاٽي جهڙو پر ڊيگهه ۾ البت وڏيرو چوٽيءَ وٽ چئن ڦاڪن سان ٿيندو آهي. جڏهن سائو هوندو آهي ته مينهون، ڳئون، گڏهه، گهوڙا، ٻڪريون وغيره ان کي کائينديون آهن.

هي گاهه خاص ڪري برسات جي موسم ۾ پيدا ٿيندو آهي. ان جو ٻج سنهڙي ڪاري ۽ ڳاڙهي رنگ تي ٿئي ٿو. اِن جي ماني قابض آهي. ان جي گاهه مان پاٽي ڪيدي گرم ڪري ڪن جي سور لاءِ ڪم آندو ويندو آهي.

**ڪِهه:** هي گاهه فوٽ کن ڊگهو ٿئي. هي سخت زمين ۾ گهاٽو اپرندو آهي. هن کي ڍڳيون، مينهون، گهوڙا ۽ گڏهه کائيندا آهن.

ٿر جي رهواسين کي خاص ڪري ڏڪر جي وقت ۾ سائون، سيارڇ، مڪڙي ۽ ڪهه جو ٻج ماني پچائڻ يا پيٽ رڌڻ جي ڪم اچي ٿو جيڪو ترين جي مکيه خوراڪ ۾ شامل ٿيو پوي ۽ گاهه وغيره چوپائي مال جي خوراڪ طور ڪم اچي.

شاهه لطيف پنهنجي بيتن، سُر مارئيءَ ۾ هن ۽ ٻين گاهن جي اهميت کي ڳايو آهي:

هن مند مارو سنرا، ڪائر ۾ خوشحال،
سائون، سيارڇ، مڪڙي، جيڏيون! آڻن جال،
سَتيءَ جي سيدَ چئي، ڪا ساڻهه منجهه سنيال؟
لڳن تان "لطيف" چئي، لوئي لاهه مَ لال!
پيلو ڪندو پال، مينهن وسندا، موٽ تون.

—

ڪهه، مانڊاٽو مڪڙي، ڦوت جنين جو سائون،
مون ماروءَ سين لڏيون لوئيءَ ۾ لائون!

**سڻ:** هي گاهه ٿوٻ ٿُٻ ٻينل هوندو آهي، جنهن ۾ تيليون ٿينديون آهن. تيلين جي پڇاڙيءَ ۾ ڳتيل اڇا سنگ ٿين، جيڪي چار انچ ڪن ٿين. ٿر ۾ گهوڙي لاءِ سڻ جهڙو ٻيو ڪوبه گاهه ڪونه آهي. چوندا آهن ته سڻ

گھوڙي لاءِ آمڻ آهي. هن کي گڏھہ بہ جام کائن.

**پرٽ:** هي گاهہ واریاسي زمين ۾ جام ٿئي. هن جا پن ڏگها ٿين. هرهڪ تيلي جي چيڙي تي سنگ ٿيندو آهي. هن کي ڍڳيون، مينهون، گھوڙا ۽ گڏھہ کائيندا آهن.

**لنب:** هي گاهہ مٺي نهور زمين ۾ خاص ڪري سنون پونن تي جام ۽ گھاٽو ٿيندو آهي. ڊيگھہ ۾ فوٽ ڏيڍ کن ٿئي ٿو. ان جي تيلي سنهي ٿيندي آهي. هن جا پن سنها ۽ چوٽيءَ وٽ تکا ٿيندا آهن. هن جي کائڻ ڪري مال ۾ کير جام ۽ گھاٽو ٿيندو آهي، جنهنڪري مکڻ جهجهو لهندو آهي، ان ڪري چوندا آهن تہ "لنب مکڻ چنب" يعني لنب کائڻ ڪري هرهڪ ڍڳيءَ مان چنبي جيترو مکڻ لهندو آهي. هن کي مينهون، گھوڙا ۽ گڏھہ بہ جام کائين.

هن ۾ سنهڙو اَن ٿيندو آهي، جيڪو ڏڪر جي مند ۾ غريب ٽري کاڌي لاءِ ڪم آڻيندا آهن. لنب کي شاهہ لطيف بہ ڳايو آهي.

منجهان لنب 'لطيف' چئي، چائر ڪيو چاڙهين،
ٻُلاءُ نہ پاڙين عمرا! آراڙيءَ سين.
آراڙي: اڇن گلن سان هڪ گاهہ جو قسم.

**ڏامڻ:** هي گاهہ سخت زمين تي ٿيندو آهي. ان جي ڊيگھہ بہ فوٽ کن ٿيندي آهي. هن جا پن ڏگها ۽ نوڪدار ٿين. ڏانڊيءَ مان تيليون نڪرن، جن ۾ سنگ ٿين. هي گاهہ ڍڳيون، مينهون، گھوڙا ۽ گڏھہ کائين. ڏامڻ کائڻ ڪري مال گھڻوءِ گھاٽو کير ڏيندو آهي. سر سارنگ ۾ ڏامڻ گاهہ جي باري ۾ شاهہ لطيف فرمايو آهي:

پري پٽ تي آئيو سارنگ سهج منجهان،
ڪڙيون ڪتڻ هار جئن، وِچون اُتر واءُ،
سرها سبزا ٿيا، ڏامڻ ڏڀ ڪيا،
پهري پٽئان، پريائين ڪُن ڪراڙ جا.

**چيهو:** هي گاهہ سخت زمين ۾، خاص ڪري اهڙي هنڌ تي، جتي ڪجهہ وقت برساتي پاڻي بيهندو آهي، جام ٿيندو آهي. هن جا پن چپٽرا، مني فوٽ تائين ڊگها ٿيندا آهن. وچ ۾ ڏانڊي ٿيندي آهي، جنهن جي چوٽيءَ تي ڦاڪدار سنگ ٿيندو آهي. هن کي رڍون، ٻڪريون ۽ گڏھہ جام کائيندا آهن.

چيهي گاهہ جي ٻج کي "ٽيگ" چئبو آهي، جيڪو ننگر پارڪر ۾ ڪافي انداز ۾ ٿئي ٿو. ٽيگ آلو ۽ ڪچو کائڻ ۾ ڏاڍو لذيذ ٿيندو آهي. چيهي گاهہ بابت پٽ ڌڻيءَ، سر مارئيءَ ۾ هن ريت چيو آهي:

جهڙ ڦُڙ مٿي مارُوئين جت چيهو ۽ چڪ،
اندر ٿو اُڃ مري ساهہ اُني جي سڪ.

—

ماڪاٽيءَ تان موٽيو ڏيئي پٻ پاسو
خالق ڪيو خاصو چيهُو چڪيءَ ڪنڌئين.

—

چيهو چڪيءَ ڪنڌئين، ڪيائين ڳڙنگ تي گل،
هڏا ڪُٽيان هليو پري ترايون تل،
آنڌائين آب اُڇل، مٿي باغ بهار ٿي.

—

منهن جو تور تلن ۾، چيها ٿو چاري،
ڍائي ڍت ڏاري، آهم اُني مينهڙي.

**ڪوائي:** هي گاهہ سخت زمين ۾ گھاٽو اپرندو آهي. هن جي پاڙ مان تيليون نڪرنديون آهن، جيڪي بہ اڍائي فوٽ کن ٿين. هي گاهہ سائو هوندو، جيڪي بہ اڍائي فوٽ کن ٿين. هي گاهہ سائو هوندو آهي تہ ڪيس

ڍڳيون ۽ ٻڪريون شوق سان کائن.

**برينچ:** هي گاهه پٽن جي لاهين ۽ ڏرڙن جي ڪپن تي ٿيندو آهي، پاڙ مان ڪيتريون تيليون ٿي، جهڳٽي وانگر بيهندو آهي. ڪچڙو ۽ سائو هوندو آهي ته ٻڪريون ۽ ڍڳيون وڏي چاهه مان کائينديون آهن.

**پرو:** هن گاهه جو قسم چار فوٽ کن ڊگهيو ٿئي. نرم واريا سي زمين تي ٿئي. چوٽيءَ تي سندس سنگ ۾ ڦاڪون ڦاڪون ٿينديون آهن، جيڪي ٽڙي بيهنديون آهن. پن ٻاجهڙيءَ جهڙا، پر سنها. سندس وچئين ڏانڊي ڳاڙهيري رنگ جي ٿيندي آهي، هي گاهه ڍڳيون، مينهون، گهوڙا ۽ ٻيا جانور کائيندا آهن.

هن جو اَن (ٻج) ڏڪر جي وقت ۾ غريب ٽرين جي خوراڪ ۾ شامل آهي.

**ڊڀ:** هي گاهه سخت زمين ۾ ٿيندو آهي ۽ پوءِ چوڌاري پکڙبو آهي. هي هيٺيان ٽپ وانگر ٿيندو آهي. هن جي پاڙهيٺ اونهي ويندي آهي، جيڪا ڪمند وانگر ڳري دار ٿئي ٿي. هي پاڙون زمين ۾ اٽڪل 50 کان 60 فوٽن تائين وڃن ٿيون. ڊڀ ايترو ته سخت جان آهي، جو ٻهاڙن کي چيري به اُپري اچي ٿو.

هن جا پن چپٽرا ڊگها 3 يا 4 فوٽ کن ٿيندا آهن. وچ ۾ سنهيون سنهيون ڏانڊيون ٿينديون آهن، جن جي چيڙن ۾ ننڍا سنگ ٿيندا آهن.

هن جا ٽپ سدائين ساوا ٻيٺا هوندا آهن. جڏهن هي وڏو ٿيندو آهي ته ڏاتي سان ڪپي تر ڏي پاڪڙن جي ٽڙن جي اندر وجهي پرتي ڪندا آهن. هن مان نوڙيون وٽي غريب ماڻهو ڪتولا واٽيندا آهن ۽ هن جي ڪُتر ڪري مٽيءَ جي گاري سان گڏي جاين کي ليپو ڏيندا آهن، جو ان ڪري نڪي ڦٽندو ۽ نڪو برسات جي ڪري ترت لهندو آهي. سائو هوندو آهي ته ڪيس مينهون، ڳئون ۽ گڏهه کائيندا آهن. ڊڀ مان نار جون مالهون ۽ رسا ناهيا

ويندا آهن.

**پنگرو:** پنن ۾ هي گاهه واهي جهڙو ٿئي. مال گهٽو ڪونه کائيس، ٻوڙو وڏو ٿو ڪري ۽ هي دوائن جي ڪم اچي ٿو.

هن جا پن ذائقي ۾ تيز ٿين ٿا. گل هيڊي رنگ تي اٿس. ان جا پن گهوٽي پيارڻ سان ٻرهل کي ڪپي دستن جي ذريعي ڪڍن ٿا.

جذام، قولنج لاءِ مفيد آهي. اڃن وارن کي ڪارو ڪري ٿو. وات پچڻ ڪري گرڙيون ڪجن ته فائدو ٿيندو.

ڏندن جي سور لاءِ مفيد آهي. قوت باهه، اکين جي سور، روشنائي، ڏنڊ، خارش ۽ قلي لاءِ مفيد آهي.

**واهو:** هي گاهه پاڻيءَ جي ڪنارن تي ٿيندو آهي. ان جا پن لوٽڪ وانگر ٿيندا آهن. هي زمين تي گهٽو پکڙجي ٿو. گل نيريڙو ۽ ڳاڙهسرو ٿو ڪري ۽ سندس ٻج ڪارو ٿئي.

هيءُ گاهه اُٺ جو قوت آهي. ٻيا جانور ٻک مرندي کائيندا اٿس. هي گاهه دوائن جي به ڪم اچي ٿو. هن گاهه جا پن گهوٽي پيارڻ سان پيشاب جاري ٿئي ٿو. هن جي لپري سخت سوڄ کي نرم ڪري ڦاڙيندي آهي.

**ڪوري:** هيءُ گاهه ڪنڌري نرم ۽ ڪجهه دڙن واري زمين ۾ سنو ۽ ٻلو ٿيندو آهي. هن جي ڊيگهه فوٽ کن ٿئي. ان جا پن ڊگها ۽ ڪجهه ويڪرا سائي رنگ جا اڃاڻ تي مائل ٿيندا آهن ۽ هٿ لائڻ سان نرم نرم ريشم جهڙا پيا لڳندا آهن. ٽڙ مان تيليون نڪرنديون آهن. هرهڪ تيليءَ جي چيڙي ۾ سنگ، مانڊاٽي وانگر ڦاڪن وارو ٿيندو آهي. هي گاهه گهوڙا، گڏهه، مينهون ۽ گابا چاهه سان کائيندا آهن.

**ويڪرو:** هيءُ گاهه سخت زمين ۾ جام اُپري ۽ بلڪل گهاٽو اُسري. ڊيگهه ۾ فوٽ يا ڏيڍ کن ٿئي ٿو. اُٺ جو ته خاص کاڌو آهي. ڍڳيون، ٻڪريون ۽ رڍون به عام کائين. هي اپر سنڌ ۾ بلڪل گهٽ ٿئي، پر ٿر ڏي تمام گهڻو

ٿئي ٿو.

**وينجهل:** هن گاهه جون سنهيون تندون وڏي وري ٻئي هنڌ زمين تي پاڙ هٽي وڌنديون ويندون آهن ۽ جلدي چوڌاري پکڙجي ويندو آهي ۽ گهڻو وقت سائو رهندو آهي. هن کي ٻيا جانور ڪونه کائين، البت اُٺ کائيندو آهي. هن کي "موٿو" يا "موٿ" به چون.

**ڪيلهو:** هي هوبهو بصر جهڙو ٿئي ٿو. زمين زندر اچي ڳنڍ ٿئي ۽ مٿان پن ٿيندا آهن. جنهنڪري ڪيس جهنگلي بصر به چون. ڳنڍ کائڻ ۾ کساري ۽ بي سواد ٿئي ٿي، ان ڪري ڪنهن به ڪم ۾ ڪونه ٿي اچي. مٿيان ساوا پن ٻڪرين ۽ رڍن جي خوراڪ آهن.

**ڏنوهي:** هي گاهه پٽن جي پاسي تي فوٽ کن ڊگهو ٿيندو آهي. پاڙ وٽ جهڳٽي سان ٿئي ٿو. ڪيس رڍون، ٻڪريون، ڍڳيون ۽ گڏهه کائيندا آهن.

**ساٿهڙو:** هيءُ گاهه ڏسڻ ۾ جهڙو واهو پر پن سنهڙا ٿا ٿيئس. ڪيس سپ مال کائي. هرڻ چيو ڪيرول، سونل ول ۽ ڱوري اِن سان دعويٰ ڪين ڪندا، حالانڪ اِهي به کير وارا گاهه آهن، پر ساٿهڙو سڀني کان وڌيڪ آهي.

**پچر:** هن گاهه جي ڪاني سنئين نڪري هلي ويندي آهي ۽ مٿي ڳپل ۾ ڪتي جي پڇ وانگر ٻج ڪندو آهي. هن کي مال چڏبو کائيندو آهي. ماڻهو منجهانس ٻڌڻ وٽي ڪانن يا ووڙن جا گڏا ٻڌندا آهن.

**چل يا جهل:** هيءُ گاهه چيهي جهڙو پر لامن سان ٿئي. خاص ڪري سخت پوٺي زمين ۾ جتي پاڻي جي گهڻ هجي اتي جام اپري. ڪٽڪ جي فصل ۽ واڙين ۾ به بلڪل گهڻو اپرندو آهي. سندس ڪچڙا پن پٽي ساڳ به رڌو ويندو آهي. هن کي ٻڪريون، رڍون، ڍڳيون، گهوڙا ۽ گڏهه کائن. هن جي کائڻ سان کير واري مال جو کير وڌي ٿو.

**ڳم:** هي به ٻوڙو هٽي ٿو جو ڏاڍو سهڻو ٿئي ٿو. هن جون ڳريون بانس وانگر ٿين. ڊيگهه ۾ اٽڪل 7 فوٽ کن ٿئي. ڍور کائن پر بادي ڪري ٿو. جڏهن ڪچو آهي، تڏهن ڪونه کائينس، مگر پڪي بعد ٿورو ٿورو کائينس. ڳم جي ڪاني نهري ۽ تار چڊا ٿيندا آهن. ڳم کي به شاهه لطيف ڳاتو آهي.

**ڏنئر پچو:** هيءُ گاهه شڪل ۾ مانڌاٽيءَ جهڙو ٿيندو آهي. هن جي پاڙ مضبوط ٿئي. هن کي مال بلڪل گهڻو کائي. هن جي سنگ ۾ ڏهه ٻارنهن ڦاڪون ٿين ٿيون ۽ هن جو قد گوڏي جيترو ٿيندو آهي.

**مونو:** هيءُ گاهه ٻوڏ ۾ لبيل زمين تي ٿئي. پن ڪندو ئي ڪونهي رڳا گونئچ ڪري. اَن ڳُري ڳري ۾ ٿئيس ٿو. مال واجبي کائيندس ته کير ۾ پُر ٿي پوندو. جيڪڏهن گهڻو کائيندو ته بيمار ٿي پوندو.

**موگر:** هن گاهه ۾ سنگڻ وانگر اَن ٿو ٿئي. سندس ول وڻ تي چڙهي ٿي. هي گاهه ٽر ۾ تمام گهڻو ٿئي. هن کي مال چاهه سان کائيندو آهي.

**مُرٽ:** هيءُ هالو چالو گاهه آهي ۽ شڪل ۾ ڳم وانگر ٿئي. وسڪاري بعد مرٽن جي پاڙن ۾ پِپون ٿينديون آهن. جي ٽر جو ٻڍو خواه ٻار، مرد توڙي زال، چوڪر توڙي چوڪري ڏاڍي محبت سان کائيندا آهن ۽ انهن جي کائڻ مان ڍاپيندا ئي ڪونه آهن.

پِپون هڪ قسم جي سائي رنگ جون ڦريون آهن، جيڪي آلو بخارن وانگر سواد ۾ کٽيون هونديون آهن، هي ڊيگهه ۾ 3 انچن کان 8 انچن تائين ٿين. پپون ٽر جا ماڻهو ڪچيون به کائين ۽ پاچي به رڌي کائين. پپون هاضمي لاءِ مفيد آهن.

**ٻوهه:** هن گاهه جو ٻوٽو گهاٽو ٿو ٿئي. مال سنو کائيندو آهي. ٻوهه جا ڦل روڙي ماڻهو وهاڻن ۾ ڪم آڻيندا آهن. هن جا ڦل تمام ڪونئرا ٿيندا آهن، جيڪي اڇي رنگ جا ٿين.

**سنجي:** هيءُ گاهه بنسبت برسيم ۽ لوسڻ جي گهٽ حيثيت رکي ٿو. هيءُ گاهه رسدار ٿئي ٿو جنهن ڪري جانورن کي کارائڻ کان پوءِ هميشه

خطرو رهي ٿو تہ متان جانور آفرجي پوي. ان ڪري هن مسئلي ڪي حل ڪرڻ لاءِ گاهہ ڪي ڪتر ڪري ٻهہ سان ملائي جانورن کي کارائجي.

**ڪلورو:** ننگرپارڪر کان 14 ميلن جي مفاصلي، ويرا واهہ جي ويجهو سنگها ڊنڊ ۾ (جيڪا وير واهہ جي سوڍن کي جاگير طور مليل هئي) ان ۾ جيئن پاڻي سُڪندو آهي، تيئن هيرڻ ۽ ڪٽڪ پوکبي آهي. ان ۾ هڪ قسم جو گاهہ ٿيندو آهي، جيڪو ٽي چار فوٽ ڊگهو ٿئي ٿو. ان کي "ڪلورو" ڪري چيو وڃي ٿو. هن کي ڪٽي غريب ماڻهو ڪٽن جو واڻ ٺاهيندا آهن ۽ ان جي ڦرين مان ٻج ڪڍي، ڏڪر جي وقت ٻچن جو پيٽ قوت ڪندا آهن. ڪلوري جي پاڙ ۾ موٺ ٿين جن کي تتر ڪوٺي کائن ۽ متارا ٿين.

**ٻڪن:** شڪل ۾ ينگري جو ڀاءُ ليکبو آهي. هلڪي ڪلراٺي ۽ سيلابي زمين تي ٿيندو آهي. پن ننڍا ۽ ٿلها ٿيندا اٿس. ٻڪن کي اُٺ چاهہ سان کائي. هي حڪمت جي ڪم بہ ايندو آهي. هن جا پن گهوٽي پيارجن تہ بند ٿيل پيشاب جاري ٿيندو. سندس لپري ٺاهي سخت سوڄن ۽ ڳوڙهن تي ٻڌجي تہ انهن کي نرم ڪري ڦاڙي صاف ڪري ۽ ڇٽائي ڇڏي ٿو.

**لُلُر:** هيءُ گاهہ سگهي زمين تي جهڳٽو ڪري ٿو بيهي. اُٺ ۽ ٻڪريون گهڻو کائن. ماڻهو ڀاڄي ڪري بہ کائيندا آهن. سانوڻيءَ جي مند ۾ باغن ۽ واڙين ۾ گهڻو ٿئي. هي حڪمت جي ڪم بہ اچي ٿو.

سندس پن ۽ ٽاريون ڪوَڙي تيل ۾ ساڙي اهو تيل مٿي جي پِتن، ڦٽ ڦرڙي، گنج ۽ وار ڇرئي لاءِ اڪسير آهي.

پن گهوٽي پيارجن تہ پيشاب جاري ڪري، پرميل مثاني جي ڦٽ لاءِ بہ مفيد آهي. شاهہ صاحب جي بيتن ۾ لُلُر جو ذڪر هيئنين ريت آهي:

عمر انهين ڏيهہ جا، ڏوٿين ڏنم ڏس،
وليون وڻ ڦلاريا، للر نڱيو لس،
آٽيو وجهن آهرين، سندا توهہ طس.

**مريڙو:** هي پلي زمين تي ٿيندو آهي. هي خاص ڪري واڙين ۾ ۽ باغات ۾ گهڻو ٿئي. هن کي سڀ مال کائي. ماڻهو بہ سندس ڀاڄي ڪري کائيندا آهن. هي بہ حڪمت جي ڪم اچي ٿو.

مريڙو طبيعت کي نرم ڪري رت کي وڌائي ٿو. گهٽي اُڃ، جگر جي گرمي، صفري جي جوش گهٽ ڪرڻ ۽ پيشاب کي جاري ڪرڻ، ڪنگهہ، پاسي ۽ سيني جي سور، ڪچن خلطن کي دستن ذريعي ٻاهر ڪڍي ٿو. مريڙي ۽ للر جا پن پٽي، پاڻيءَ ۾ اُٻاري نپوڙي، منجهن لوڻ مرچ وجهي مُنيا ٺاهي ٿر جا ماڻهو ڏاڍي شوق سان کائيندا آهن. ملير جي ڀاڄي تمام سٺي ٿيندي آهي. پهاڪو آهي تہ: لپي لوٽڪ ڪانہ، سڌون مريڙي جون ٿو ڪرين؟

**ڇٻر:** هي زمين تي پکڙجندڙ گاهہ آهي. خاص ڪري گهِميل آبهوا ۽ مٺي زمين ۾ جام ٿئي ٿو. گهوڙن ۽ گڏهن جي خوراڪ آهي. باغات جي رونق ۽ بنگلن جي زينت لاءِ ڇٻر جا لان لڳائي تفريح جو سامان مهيا ڪيو وڃي ٿو. جهڙي نموني ڍاڪا جي ململ مشهور رهي آهي، تيئن ئي "ڍاڪا لان" ڇٻر جي لانن ۾ اهم ليکي ويندي آهي.

**ڏير:** هي ڏانڊي گاهہ آهي. هن جي چوٽيءَ تي گلن جو جهڳٽو ٿئي ٿو. هي ٻوٽو دستڪاري ۽ هنر لاءِ ڪتب ايندو آهي. هن مان تڏا، تؤنريون ۽ ٽوئا ٺهندا آهن. هن گاهہ کي گڏهہ تمام شوق سان کائيندا آهن.

**ڀَن:** هي بہ ڍانڊي گاهہ آهي. هن جي ڀنن مان تڏا ۽ تؤنريون ٺاهيون وينديون آهن. اوڏڪا پکا، ڀن جي تيلين مان بہ ٺاهيا ويندا آهن. هن گاهہ کي هاٿي کائي ٿو.

ڀن جي تيليءَ مٿان هڪ سنگ ٿيندو آهي. جڏهن هو پچي ويندو آهي تہ ان مان ڦڪي رنگ جو اٽو ڇڻندو آهي. ڳوناٽا اهو اٽو چاڻي هٿ

ڪري، ان مان "ڀُوري" تيار ڪندا آهن، جيڪا کائڻ ۾ لذيذ ٿيندي آهي.

**پِتر:** هي ٻوٽي، گاهه ۾ شامل آهي، جنهن جا پن پٽڻ سان ڪير نڪرندو آهي. پتر سنڌ ۾ ڪافي ٿئي ٿي. تتر جا شوقين تترن کي پتر کارائيندا آهن. ٻڪريون ۽ رڍون به هن کي تمام چاهه سان کائينديون آهن.

هن جا پن سائي رنگ تي ڪڪڙ جي موڙ وانگر ڦاڪون ڦاڪون ٿيل، ڍنڍن ۽ تلاوَن وارن هندن تي پکڙيل ول ٿيندي آهي. جگر جي سدن، مقوي معده، آنڊن جي ڪينئن ۽ رت جي گرميءَ گھٽائڻ لاءِ.

**ٻوڙو يا سر:** سنڌ ۾ ٻوڙو يا سر جام ٿيندو آهي. واهن جي ڪنارن، ڍنڍن ڍورون جي پير ۾ عام جام اپرندو آهي. جڏهن سر جا پن ڪچڙا هوندا آهن ته مينهون ۽ ڍڳيون وات چڪ ڪنديون آهن، پر سخت ٿيڻ بعد نه کائينديون آهن. سرن يا ٻوڙن جي پنن مان توئا ناهيا وڃن ٿا. سرن جي ڪانن مان پترون ناهيون وينديون آهن. ويهڻ لاءِ موڙا ۽ دروازن لاءِ چِڪون به ناهيون وڃن ٿيون. سَر جي ٿيلين مان ٻهارا ۽ اوڏڪا پکا به ٺهندا آهن. ٻُوڙن يا سَرن جي سلسلي ۾ شاهه سائينءَ جا ٻه بيت ڏجن ٿا:

سَر نِسريا پانڌ، اُتر لڳا آءُ پرين،
مون توکارڻ ڪانڌ، سهسين سڪائون ڪيون.

—

ٻڏندڙ ٻُوڙن کي، ڪي هاتڪ هٿ وجهن،
پسو لڄ "لطيف" چئي، ڪيڏي کي ڪکن،
توڙي ڪنڌيءَ ڪن، نه ته ساڻن وڃن سير ۾.

**ڏنار ڪتوري:** هي ڇٻر وانگر پکڙجندڙ گاهه آهي. اڪثر پَٽن جي ماٿرين تي اپرندو آهي. ان جا پن خوشبودار ٿين، ان ڪري ٽر جون مايون اهي ڳولي چني وينديون آهن ۽ پنهنجي ڏُهائيءَ جا نيڪري ٿانوَ ملينديون آهن ته جيئن انهن ۾ سرهاڻ ٿئي.

**لاٺي:** هي لوٽياڻي ۽ ڪلراٺي زمين تي اپرندڙ گاهه آهي. هي گاهه صرف اُٺ کائيندا آهن. جن لاءِ عمدو کاڄ آهي. هي گاهه پري کان ائين نظر ايندو آهي جڻڪ ڇٻر اپريل آهي. مگر ويجهو اچڻ سان معلوم ٿيندو ته لاٺي آهي. لاٺيءَ کي ساڙي ڪار به ناهي ويندي آهي، جيڪا ڪپڙن ڌوئڻ جي ڪم اچي ٿي.

**ڪل ۽ ڪيهه:** ڪل ۽ ڪيهه به گاهه آهن، جيڪي سارين ۽ ڪڻڪ جي فصلن، ڍنڍن ۽ ڍورن جي پرسان ٿين ٿا. جڏهن هي گاهه ڪچڙو آهي ته ٻڪريون، رڍون ۽ ٻيا جانور کائين ٿا، ورنه جانور شوق سان ڪينئن کائين. ڪل گاهه جي ناپسنديدگيءَ سبب عام چوٽي آهي ته "انڌي گھوڙي ڪل ۾".

هنن جي پاڙ زمين اندر هڪ موٺ مان نڪرندي آهي ۽ سلو پڻ موٺ مان نڪري ٿو. موٺ جي خاصيت اِها آهي ته تمام گھڻي عرصي تائين زمين ۾ اصلي صورت ۾ رهي ٿو. آبي پکي ڪل جي ڪانن ۾ ويهي آرام ڪندا آهن ۽ لکي مڇيءَ جو شڪار ڪن.

# SINDHI BOLI

*Research Journal*

Chief Editor
**Dr. Fahmida Hussain**

Editor
**Taj Joyo**

Sindhi Language Authority,
Hyderabad, Sindh


## Editorial Board

Muhammad Ibrahim Joyo
Dr. Ghulam Ali Allana
Dr. Noorul Huda Shah



ISSN: 968_8194_01_0

**SINDHI BOLI**
Research Journal

| | |
|---|---|
| **Chief Editor**: | Dr. Fahmida Hussain |
| **Editor**: | Taj Joyo |
| **Asst. Editor:** | Khalid Azad |
| **Composing:** | Hussain Ahmed Memon |
| **Graphics:** | Assadullah Bhutto |
| **Vol**: | Four |
| **Issue**: | 3rd & 4th,July- December 2011 |
| **Quantity**: | 1000 |
| **Price**: | Rs. 70/= |
| **Published by**: | Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh 71000, Pakistan. |
| **Tel**: | 022-9240050-53 |
| **Fax**: | 022-9240051 |
| **E-mail**: | sindhila@yahoo.com |
| **Website**: | www.sindhila.org |
| **Printed by**: | Pakiza Printers, Hyderabad, Sindh |